ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 22 آڪٽوبر 2026ع 10 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (68)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ڀارت جي سنڌ طاس معاهدي جي معطلي ۽ آبي حقن جي ڀڃڪڙي کي جنگي قدم سمجهندو: وزيراعظم

پاڪستان کي ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ واري فيصلي تي سخت خدشا آهن، پاڪستان جي پاڻيءَ جي حقن جي ڀڃڪڙي کي جنگي قدم سمجهيو ويندو

معاهدن جو احترام ٿيڻ گهرجي ۽ گڏيل آبي وسيلن کي سياسي دٻاءَ وجهڻ يا بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي، پاڪستان مختلف عالمي فورمن تي موقف پيش ڪري چڪو آهي

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي به پاڻيءَ کي پاڪستان لاءِ ريڊ لائين قرار ڏنو هو، پاڻي خوشحالي ۽ ترقيءَ جو ذريعو آهي، ان کي ڌمڪين يا تڪرارن لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي

پاڻي انسانيت لاءِ نهايت ضروري آهي، خاص طور انهن ملڪن لاءِ جيڪي دريائن جي هيٺين وهڪري وارن علائقن ۾ آهن: وزيراعظم شهباز شريف جون مالديپ جي صدر سان ملاقات ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان کي ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ واري فيصلي تي سخت خدشا آهن جڏهن ته پاڪستان جي پاڻيءَ جي حقن جي ڀڃڪڙي کي جنگي قدم سمجهيو ويندو پرڏيهي خابرو جي رپورٽ موجب، وزيراعظم شهباز شريف اسلام آباد ۾ مالديپ جي صدر محمد معيزو سان ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان مالديپ جو صدر محمد موعيزو ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان، قطر، ترڪي ۽ انڊونيشيا وچ ۾ "بدر معاهدي" جي مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

بدر معاهدي جو مقصد چئني ملڪن جي دفاعي صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ دفاعي پيداوار ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ آهي: پاڪستان

دوحا ۾ تقريب ٿي، وزير دفاع خواجه آصف، انڊونيشيا جي وزير يوسف جوهري، ترڪي جي وزير ياشار گولر ۽ قطر جي نائب وزيراعظم مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون

معاهدو چئني ملڪن وچ ۾ گڏيل اعتماد کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ ترڪي جي دفاعي صنعت جي عالمي حيثيت کي به هٿي ڏئي سگهي ٿو: رپورٽ

دوحا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان، قطر، ترڪي ۽ انڊونيشيا "بدر معاهدي" جي مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن جنهن جو مقصد چئني ملڪن جي دفاعي صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ دفاعي پيداوار ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي ١٣ ضلعن ۾ مڪاني ادارن جي ٣٩ خالي سيٽن تي ضمني چونڊن جو شيڊول جاري

چونڊون حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، ٽنڊوالهيار، مٽياري، دادو، نوشهروفيروز ۾ ٿينديون

خيرپور، بدين، قمبر شهدادڪوٽ، عمرڪوٽ، ٿرپارڪر ۽ شڪارپور جي مڪاني تڪن تي به ضمني چونڊون ٿينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن سنڌ جي ١٣ ضلعن ۾ مڪاني ادارن جي ٣٩ خالي سيٽن تي ضمني چونڊن جو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سول ججن ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽن جون وڏي پيماني تي بدليون ۽ مقرريون

ڪراچي اوڀر، اولهه، ڏکڻ، وچ ۽ ملير ضلعن ۾ عدالتي آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون

مختلف ضلعن ۾ به سول ججن ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽن جون وڏي پيماني تي بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ٻين ججن عوامي مفاد ۾ سول ججن ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽن جون وڏي پيماني تي بدليون ۽ مقرريون ڪري ڇڏيون آهن جنهن جو باضابطه

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مالديپ ۽ پاڪستان جي حڪومتي سربراهن جي موجودگي ۾ معاهدن تي صحيحون ڪرڻ بعد ڪاغذن جي ڏي وٺ ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد: خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري مالديپ جي خاتون اول کي بروچ لڳائي رهي آهي

مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو جو وزيراعظم هائوس پهچڻ تي شاندار استقبال

ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا وڄايا ويا، هٿياربند فوجن جي دستن مالديپ جي صدر کي سلامي ڏني

مالديپ جي صدر وزيراعظم هائوس جي باغيچي ۾ ٻوٽو لڳايو ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون

اسلام آباد (اي پي پي) مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو جو وزيراعظم هائوس پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ کيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. اريع ڏينهن پاڪستان جي دوري تي آيل مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو جي اعزاز ۾ وزيراعظم هائوس ۾ هڪ باضابطه آجياڻي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ 20 ايم او يوز تي صحيحون، واپار 20 ڪروڙ ڊالرز تائين وڌائڻ تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف ۽ مالديپ جي صدر ۾ ملاقات، اقتصادي تعاون ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ، سڌي طرح هوائي رابطا قائم ڪرڻ ۽ مختلف شعبن ۾ پائيداري کي وڌائڻ تي اتفاق

پاڪستان جي ٽيڪنيڪي مدد پروگرام تحت ايم بي بي ايس جي سيٽن ۾ اضافي ۽ مالديپ جي ميڊيڪل گريجوئيٽس جي لاءِ پاڪستان ۾ انٽرن شپ جي امڪان جو جائزو وٺڻ تي اتفاق ڪيو ويو

فلسطيني عوام جي خودمختياري جي حق ۽ هڪ آزاد رياست جي قيام جي حمايت ۽ علائقائي ۽ عالمي معاملن تي تعاون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو

پاڪستان ۽ مالديپ ۾ تاريخي رابطا ۽ گڏيل دوستي آهي، ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ سميت ٻين مختلف شعبن ۾ پائيداري وڌائڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي

پاڪستان 6 ڏهاڪن کان مالديپ جو اعتماد جوڳو دوست رهيو آهي ۽ ٻنهي ملڪن پنهنجي پراڻي دوستي جي بنياد تي حصيداري جي نئين دور ۾ داخل ٿيڻ جو عزم ڪيو آهي: مالديپ جو صدر

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ مالديپ ٻطرفي واپار کي ايندڙ ٻن سالن ۾ 13.9 ملين ڊالر مان وڌائي 200 ملين ڊالر تائين وٺي وڃڻ اقتصادي تعاون ۽ سيڙپڪاري جي فروغ، سڌي طرح هوائي رابطا قائم ڪرڻ ۽ مختلف شعبن ۾ پائيداري کي وڌائڻ تي اتفاق ۽ فلسطيني

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايران سان برآمدات لاءِ سرحد کولي ڇڏي

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس وڏا وڏا ڪيس حل ڪيا آهن،هڪ فرد جي غلطيءَ کي پوري کاتي جي غلطي قرار ڏيڻ زيادتي هوندي: سنڌ حڪومت

ميرِ رضا ڪيس جي جوڊيشل ڪميشن رپورٽ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ پيش ڪئي وئي،وڏي وزير ان تي ٽن سينيئر وزيرن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي آهي،ڪميٽي اڀياس ڪري ڪابينا کي آگاهه ڪندي،جنهن جي ڪوتاهي ثابت ٿيندي،ان کي سزا ملندي؛ شرجيل انعام ميمڻ

جوڊيشل ڪميشن جيڪي سفارشون پيش ڪنديون،انهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو،ڪراچي ۾ دهشتگردي،ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ ڀتا خوري جا واقعا ٿيندا رهيا آهن ۽ اهڙا واقعا رڳو ڪراچي ۾ ئي نه پر پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ به ٿيندا آهن

پوليس جو فرض آهي ته شفاف جاچ ڪري ۽ ذميوارن کي سزا ڏياري،اهو ڪيس پوليس لاءِ به هڪ سبق آهي ته آئنده جلدبازي بدران مڪمل جاچ ڪئي وڃي،ساڳي سنڌ پوليس آهي،جنهن وڏا وڏا ڪيس حل ڪري ڏيکاريا آهن

اورنج لائن ريڊ لائن ۽ يلو لائن سنڌ حڪومت جا منصوبا آهن،اورنج لائن سنڌ حڪومت حوالي ٿيڻ ڪانپوءِ گرين لائن تي سفر ڪندڙن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي. يونيورسٽي روڊ تي ڪم هڪ وڏو چئلينج هو،هاڻي اتي شهرين کي وڌيڪ پريشانيءَ کي منهن نه ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ريڊ لائن جو ڪم ۽ تڪليفون ڏيڻ ڪر مڪمل ٿي چڪو آهي،هاڻي اسٽيشنن ۽ ٻيو تعمير ڪرڻا آهن،يلو لائن تي ڪم شروع ٿيڻو آهي،چار صادق پل جو پهريون حصو به جلد مڪمل ٿي ويندو،ڪم دوران ٽريفڪ جا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا،جنهن تي شهرين کان اڳواٽ معذرت خواهه آهيون

عورتن لاءِ پنڪ بسون هلائڻ سميت ڪيترن مفت پنڪ اسڪوٽيون فراهم ڪيون پيون، هڪ سال اڳ سنڌ ۾ رڳو 125 عورتن وٽ موٽر سائيڪل هلائڻ جا لائسنس هئا، اڄ 50 هزار عورتون لائسنس لاءِ درخواست ڏئي چڪيون آهن 25 هزار لائسنس جاري ڪيا ويا آهن

ڪراچي ۾ پاڻي کي صاف ڪري استعمال لائق بڻائڻ جو منصوبو شروع ٿي چڪو آهي،شهر ۾ صفائيءَ جو مسئلو لڳ ڀڳ 95 سيڪڙو حل ٿي ويو،هي هڪ تمام وڏو شهر آهي، ان ڪري حالتن کي وڌيڪ بهتر ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ميرِ رضا ڪيس ۾ جنهن جي ڪوتاهي ثابت ٿيندي، ان کي سزا ملندي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري مالديپ جي صدر محمد موعيزو جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالرجي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 900 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڌمڪين ۽ دٻاءَ واري ماحول ۾ ڳالهين جي ڪا اهميت ناهي: ايراني صدر

اهو درست ناهي ته رابطن جا رستا بند ڪيا وڃن ۽ پٺيءَ پاسي ڳالهين جي ڳالهه ڪئي وڃي

ڌمڪين سبب اڃا تائين نتيجا نٿا نڪري سگهن، دٻاءَ جي ٻوليءَ ۾ ڳالهين جي ڪا معنيٰ ناهي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته جيستائين ڌمڪين ۽ پابندين ۾ عملي طور گهٽتائي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير ارشد چيما سان برطانيا جي هاءِ ڪمشنر جين ميريئيٽ ملاقات ڪري رهي آهي

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف درخواستن تي نوٽيس جاري

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف درخواستن تي نوٽيس جاري

پشاور هاءِ ڪورٽ اٽارني جنرل پاڪستان ۽ ايڊووڪيٽ جنرل ڪي پي ڪي کي 14 ڏينهن ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

صوبي ۾ آئين جي آرٽيڪل 245 تحت فوج کي طلب ڪيو ويو، جنهن جو مقصد سول انتظاميه جي معاونت ڪرڻ آهي: درخواستگذارن جو موقف

پشاور هاءِ ڪورٽ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف داخل درخواستن تي وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

پشاور (اي پي پي) پشاور هاءِ ڪورٽ، خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف داخل درخواستن تي اٽارني جنرل پاڪستان ۽ ايڊووڪيٽ جنرل ڪي پي ڪي کي نوٽيس جاري ڪندي 14 ڏينهن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ هائوس ۾ فش هاربر ۾ امن امان کي مضبوط ڪرڻ،سيڪيورٽي ۽ آمد و رفت جي ڪنٽرول کي بهتر بڻائڻ لاءِ اجلاس

ڪراچي فش هاربر کي هڪ محفوظ، بهتر منظم ۽ ڪارآمد سهولت طور ڪم ڪرڻ گهرجي:وڏو وزير

فش هاربر مهاڻن جي مفادن جو تحفظ ڪري،قانوني ڪاروبار کي هٿي ڏئي،فشريز ۽ برآمداتي معيشت کي مضبوط بڻائي:مراد علي شاهه

فش هاربر تي سيڪيورٽي کي مضبوط ڪرڻ ۽ امن امان کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن

ڪراچي (رپورٽ:راهب ڳاهو)سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اريع ڏينهن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي گورننگ باڊي جو 1200هون اجلاس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ڪراچي فش هاربر جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي


وزیرِاعظم کا قومی پروگرام برائے انسداد ہیپاٹائٹس سی (کالا یرقان)
ہمارا عزم
ہیپاٹائٹس سی سے پاک پاکستان
پاکستان میں ایک کروڑ سے زائد افراد ہیپاٹائٹس سی کا شکار ہیں، جن میں سے اکثر کو بیماری کا علم نہیں ہے۔
ہیپاٹائٹس سی قابلِ علاج ہے!
تاہم تشخیص میں تاخیر، جگر کے کینسر کا باعث بھی بن سکتی ہے۔
• 8 ہزار روپے مالیت کا مفت ٹیسٹ
• 34 ہزار روپے سے لے کر 68 ہزار روپے تک کی مفت ادویات
Result Negative
Hepatitis C
Negative
Positive
ابتداء اسلام آباد سے ہو چکی ہے،
عنقریب گلگت بلتستان و آزاد جموں و کشمیر، پھر پورا پاکستان!
PRIME MINISTER'S NATIONAL PROGRAMME FOR THE ELIMINATION OF HEPATITIS-C INFECTION
مفت اسکریننگ
مفت تشخیص
مفت علاج
آئیں مل کر پاکستان کو ہیپاٹائٹس سی سے پاک کریں!
Toll Free Number
1166
مفت تشخیص و علاج کی سہولت، اسلام آباد کے تمام بڑے سرکاری و نجی ہسپتالوں میں دستیاب ہے۔
منسٹری آف نیشنل ہیلتھ سروسز، ریگولیشنز اینڈ کوآرڈی نیشن، حکومت پاکستان
/NHSRCOfficial
/NHSRC
/nhsrcpk
/nhsrcofficial
HEPATITIS: Lets Break it Down!
PID(I)3631-D/26

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سول اپيل نمبر 32 سال 2026

اظهر علي لاڪو ولد انور علي رهندڙ ڳوٺ الله وسايو لاڪو ڀي او پٽ شاھ تعلقو هالا ..پليٽنف ...بخلاف. (1) محمد مٺل وزير ولد الله ڏنا رهندڙ ڦوٽو ڳاهوٽي تعلقو هالا (2) محمد ياسين ولد سليمان رهندڙ مخدوم امين فهيم ڪالوني هالا نيو (3) سب رجسٽرار تعلقو هالا (4) مختيارڪار روينيو تعلقو هالا .. ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 155 سال 2026

مسمات زينب ڌيءِ الله جڙيو رند رهندڙ مهراڻ ڪالوني سڪرنڊ ..پليٽنف ...بخلاف. گل محمد ولد نذر محمد رند رهندڙ 15 فتح ڳوٺ فتح پور تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي / گارڊين جج II قاضي احمد
گارڊين سوٽ نمبر 34 سال 2026

رضا محمد ولد ابڙو مهر ..اپليڪينٽ ...بخلاف. (1) مسمات ملوڪزادي بيواهه رضا محمد (2) مسمات فوزيه (3) مسمات ٿوبيه (4) الله وراپيو (5) ذاڪر علي (6) مسمات فوزيه (7) مسمات ڪونج (8) مسمات صنوبر (9) مسمات تاشا سڀ پٽ ڌيئرون رضا محمد مهر رهندڙ ڳوٺ سوائي مهر تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد (10) جنرل پبلڪ .. اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 29.31 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي / گارڊين جج II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 86 سال 2026

شريمتي ليليٰ زال گلاب ڪولهي هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ شاهنواز جوڻيجو تعلقو ڪنري ..پليٽنف ...بخلاف. گلاب ڀيل ولد ٽيڪر هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ مصري جکري جو ڳوٺ تعلقو ضلعو مٽياري .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن ۽ ٻاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي شهزادي ڪوري ولد متوڪوري رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي متو ڪوري ولد ڏتي بخش تاريخ 15-06-2019 تي فوت ٿي ويو آهي. جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 296/3 ايراضي حصي موجب ديهه چچا ڏيتا تپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) الهه بچائي (بيواهه) (2) شهزادو ڪوري (پٽ) (3) صائمه (ڌي) (4) اسماءِ (ڌي) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکراڻ ٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي پير بخش ولد سومار پرهياڙ درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي سومار ولد پيرو پرهياڙ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه مورهڏي تپو پڏو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 65_274_416_442 ۾ بين ۾ ايراضي حصي موجب 13-33 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ مولوي مبارڪ پرهياڙ تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي سومار ولد پيرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 پير بخش پٽ فوتي جو 2 نبي بخش پٽ فوتي جو 3 ڏتي بخش پٽ فوتي جو 4 رسول بخش پٽ فوتي جو 5 رضيه زال محمد هارون ڌي فوتي جي 6 نظيران ڌي فوتي جي 7 شبيران ڌي فوتي جي 8 عائشه ڌي فوتي جي 9 شارو زال فوتي جي 10 حليمان ماءُ فوتي جي تفصيل فوتڻ نالي حليمان زال پيرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 سليمان پٽ فوتڻ جو 2 نور محمد پٽ فوتڻ جو 3 محمد ابراهيم پٽ فوتڻ جو 4 ساهران ڌي فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي راحت حسين ميمڻ ولد الطاف حسين ميمڻ ويٺل محلا سنڌڙي چوڪ سڪرنڊ تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد جو هيٺ ڄاڻايل صحيح ڪندڙ کي درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي الطاف حسين ميمڻ ولد عبدالرحيم ميمڻ جيڪا تاريخ 14-02-2017 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جي نالي جڳهه ايراضي 6200 چورس فوٽ دڪان نمبر B-226 ايراضي 391 چورس فوٽ ديهه 18 سڪرنڊ تعلقو سڪرنڊ ۾ آهي جنهن جا اسين هيٺيان قانوني شرعي وارث آهيون جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. فوتي جا وارث (1) راحت حسين ميمڻ ولد الطاف حسين ميمڻ (زنده) (پٽ) (2) دري آفتاب ڌي الطاف حسين ميمڻ (فوتي کانپوءِ فوت ٿيل) (ڌي) (3) مهتاب ڌيءِ الطاف حسين ميمڻ (فوتي کانپوءِ فوت ٿيل) (ڌي) (4) مسمات خورشيد بانو زال الطاف حسين ميمڻ (زنده) (زال) نوٽ اهڙو ورثل بيان معزز شاهد هر هڪ نالي (1) فرحت حسين ولد شوڪت حسين ميمڻ ويٺل پاڙو سنڌڙي چوڪ سڪرنڊ (2) امتياز علي ولد حاجي شاهنواز لغاري ويٺل سنڌڙي چوڪ سڪرنڊ جيڪڏهن فوتي جي مٿي ڄاڻايل وارثن کانسواءِ ڪو به وارث رهيل آهي يا ڪنهن به ماڻهو يا ڪنهن فيملي کي ڪو به اعتراض وغيره هجي ته هن اخباري اشتهار جي ڇپجڻ جي بعد 07 ڏينهن اندر لکت ۾ پنهنجو اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي روبرو پيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو ختم ٿيڻ بعد قانون موجب فوتي کاتو ڦيريو ويندو ۽ ڪو به عذر ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو سڪرنڊ

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي عمر گريگري ولد اياز پانتياڻي ويٺل حيدرآباد گهر نمبر G-R 53 A ڪالوني لطيف آباد ضلع حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي اياز پانتياڻي ولد عبدالله جيڪو تاريخ 27-10-2025 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه پنهورڪي تپو سلطانپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) عمر گريگري (پٽ) (2) سارا اينيتي (ڌي) (3) ڪيٿريني اي (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقا سني جو مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي عبدالله ولد افتخار پانتياڻي (2) زين العابدين ولد افتخار پانتياڻي جن حيدرآباد ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

گمشده پاليسي بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي اسٽيٽ لائيف انشورنس پاليسي نمبر 5026628334 جا اصل ڪاغذ گر ٿي ويا آهن جنهن جي ڳهڻي ڳولا ڪئي پر هٿ نه آيا لهذا ڊپليڪيٽ ڪاغذ جاري ڪيا وڃن

محمد ايوب ولد صدورو شناختي ڪارڊ نمبر
45206.67906407 رهندڙ ڳوٺ ٽلي ڊاڪ خانا ديبي
ٽلي تعلقو ٺري ميرواهه ضلعو خيرپور ميرس

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1760 سال 2026

مسمات عظميٰ ڌيءِ نور محمد رهندڙ ڳوٺ نوراڻي شريف تعلقو ضلعو حيدرآباد ..پليٽنف ...بخلاف. فهيم ولد انور رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس، ڊليوري جو خرچو، ٻاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم 9th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2182 سال 2026

مسمات مهڪ عرف فرح ..پليٽنف ...بخلاف. محمد وسيم ولد محمد سليمان رهندڙ فليٽ نمبر 12 فرسٽ فلور بلاڪ بي رور ويو پلازه لنڊي سڙڪ حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم 9th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾جناب سينئر سول جج III حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1430 سال 2026

آغا سيد مشتاق علي شاه ولد مرحوم آغا ذوالفقار علي شاه رهندڙ گهرنمبر 1148 وارڊ جي ٽنڊو آغا حيدرآباد ..پليٽنف ...بخلاف. (1) مسمات بيبي گل جان ڌي مرحوم آغا ذوالفقار علي شاه زال آغا ذاڪر حسين شاه رهندڙ G/1130 يونائيٽڊ فيڪٽري ٽنڊو آغا حيدرآباد (2) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو سنڌ ايٽ حيدرآباد (3) ڊي سي سٽي حيدرآباد (4) مختيارڪار تعلقو سٽي حيدرآباد (5) سب رجسٽرار سٽي حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ، ڊڪليريشن، مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن ساڻ ٻئي درخواست زير قلم 39 رول 1 ۽ 2 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات مينا ڌيءِ ڦرمون زال ڏاٺو هندو بالغ ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ ڳوٺ بخشو لاشاري تعلقو ضلعو حيدرآباد ..پليٽنف ...بخلاف. ڏاٺو ولد شگن ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ ڳوٺ منل پاڳو نزد جامڙائو ضلعو ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سوٽ فار ٽرمينيشن آف ميرج هندو ميرج مطابق درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر1730 سال 2026

مسمات عروسه نور ڌيءِ صدر حسين لغاري رهندڙ گهر نمبر A-34/1 نيو ميمڻ سوسائٽي هائوسنگ اسڪيم نزد جهانيه چوڪ قاسم آباد حيدرآباد ..پليٽنف ...بخلاف. فهد نادر ولد نادر علي رهندڙ گهر نمبر 130-120 عبدالله سٽي قاسم آباد حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري ٻاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج 4th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر1872 سال 2026

مسمات شهزادي ڌيءِ عبدالڪريم ..پليٽنف ...بخلاف. محمد خان ولد محمد صديق رهندڙ اولڊ وحدت ڪالوني برڪتي مسجد قاسم آباد حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ميڊيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج 4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VII حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر1920 سال 2025

قانوني وارث مرحوم خير محمد داؤدپوٽو ولد محمد رمضان داؤدپوٽو (i) شاڙيه (بيواهه) (ii) افشان ناز (iii) شاڪره (iv) بشرا (v) سجاد علي (vi) نصرت (vii) رياض علي داؤدپوٽو سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم خير محمد داؤدپوٽو رهندڙ گهر نمبر 554/C-12 ڪورين جو پڙ ڪاهي روڊ حيدرآباد حال رهندڙ زين العابدين پلازه ٿرڊ فلور نزد بينڪ الحبيب شهاب سنيما حيدرآباد معرفت اٽارني..پليٽنف ...بخلاف. (1) سيڪريٽري روينيو سنڌ حيدرآباد (2) ڪمشنر حيدرآباد (3) ڊي سي حيدرآباد (4) اي سي سٽي حيدرآباد (5) مختيارڪار روينيو سٽي حيدرآباد (6) مرحوم علي محمد داؤدپوٽو ولد نور محمد معرفت قانوني وارث (a) ڊاڪٽر فيروز (b) عبدالرشيد (c) مسمات انيلا (d) مسمات شاهده (7) مرحوم شوڪت داؤدپوٽو معرفت قانوني وارث (i) سڪينه (بيواهه) (ii) وجاهت (iii) فهد (iv) شازيه (v) فرحيه(vi) سميرا (vii) پارس سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم شوڪت علي داؤدپوٽو رهندڙ گهر نمبر 2979 C-12 واڻن جو پڙ حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سوٽ فار پارٽيشن سيپريٽ پزيشن، ميسني پراڻت اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج VII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات رابعه ڌيءِ نور محمد ذات عمراڻي رهندڙ برڪت ڪالوني تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ..پليٽنف ...بخلاف. رانيه عمر 4 سال فرحيه عمر 1 1/2 سال. مائنر معرفت اٽارني نويد حسين ولد نور محمد ذات عمراڻي رهندڙ برڪت ڪالوني ٽنڊو الهيار.. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، ٻاوري آرٽيڪلز، سونا زيور، عدت جو مينٽيننس اينڊ مائنرجو ميٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج II ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج II ٽنڊو الهيار
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 06 سال 2026

امام بخش ولد شهمير دل رهندڙ ڳوٺ سونهارو دل سلطان آباد ضلع ٽنڊو الهيار ..پليٽنف ...بخلاف. (1) غلام قادر ولد محمد پناه (2) تاج محمد ولد علي حسن ذات دل رهندڙ ڳوٺ اميد علي دل بي ايس سلطان آباد ضلعو ٽنڊو الهيار (3) خيمون ولد راجا ڪولهي رهندڙ ڳوٺ خيمون ڪچي نزد خواجه ڳوٺ ٽنڊو الهيار.. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف ڊيمجز Rs.2000000 لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج II ٽنڊو الهيار

لاتعلقي جواظهار

هر عام و خاص کي اطلاع ڪجي ٿي ته منهنجو ننڍو ڀاءُ ارباب خان ولد روشن گل جيڪو ڪجهه عرصي کان خراب صحبت ۾ مبتلا ٿي ويو آهي اسان خاندان طور واضح اعلان ڪريون ٿا ته اڄ کان پوءِ ارباب خان جي ڪنهن به ذاتي، مالي، قانوني، ڪاروباري يا معاشرتي عمل جو اسان سان ۽ اسان جي خاندان سان ڪو به تعلق نه هوندو هو پنهنجي سمورن سٺن ۽ خراب ڪمن جو پاڻ ذميوار هوندو.تنهن ڪري سڀني ماڻهن، ادارن، بينڪن ۽ دڪاندارن کي گذارش آهي ته ارباب خان سان ڪنهن به قسم جي لين ڏين يا معاملي ڪرڻ وقت هن لاتعلقي کي نظر ۾ رکن

شڪيل خان ولد روشن گل رهائش ڪچي
آبادي مشترڪه ڪالوني ٽنڊو محمد خان سڃاڻپ
ڪارڊ نمبر: 4130845648639

ڪراچي ۾ پنڪٽوبر هفتي تحت ويمينز ڪرڪيٽ ڪپ 2026 شروع

سيڪريٽري اسپورٽس ۽ ڊائريڪٽر ويمينز ڪرڪيٽ ايونٽ جو افتتاح ڪيو

ڪراچي جي 16 عورتن جي ٽيمن جا 300 رانديگر ۾ حصو وٺي رهيا آهن

رانديڪن واري وزير جي هدايتن تي پنڪٽوبر هفتو ملهايو پيو وڃي:منور مهيسر

ڪراچي (بيورو رپورٽ)پنڪٽوبر هفتي تحت سنڌ حڪومت جي رانديڪن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي زير اهتمام ٻن ڏينهن وارو ويمينز ڪرڪيٽ ڪپ 2026 ڪراچي ۾ شروع ٿي ويو آهي رانديڪن واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ رانديڪن جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسد اسحاق ايونٽ جو افتتاح ڪيو.افتتاحي تقريب ۾ ڪاليجز جي ڊائريڪٽر گلاب راءِ، ضلع وسطي جي ڊي ايس او حاجرا نواب، اسڪولن ڪالجن ۽ يونيورسٽين جي نمائندن سميت ٻين لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي رانديڪن واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر موجب، ڪراچي جي ستن ضلعن (ڏکڻ اوڀر اولهه، وسطي ڪورنگي ملير ۽ ڪياماڙي) سان تعلق رکندڙ 16 عورتن جي ٽيمن جا 300 رانديگر هن ڪرڪيٽ ڪپ ۾ حصو وٺي رهيا آهن هي ايونٽ خميس 22 آڪٽوبر تائين جيمڪو ڪرڪيٽ گرائونڊ، نارٿ ناظم آباد ۾ جاري رهندو منور علي مهيسر چيو ته سنڌ جي رانديڪن واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي پنڪٽوبر هفتو ملهايو پيو وڃي، جنهن تحت ويمينز ڪرڪيٽ ڪپ جي انعقاد جو مقصد عورتن ۾ رانديڪن کي هٿي ڏيڻ صحت بابت آگاهي ۽ مثبت سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ آهي هن ايونٽ ذريعي عورت رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار حوصلي افزائي ۽ ڪرڪيٽ ۾ نئين ٽيلينٽ کي سامهون آڻڻ جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ شاگرديائين کي رانديڪن جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ هڪ صحتمند، متحرڪ ۽ بااعتماد معاشري جي تعمير طرف اهم قدم آهي اهڙا مقابلا عورت رانديگرن جي صلاحيتن کي نکارڻ، خوداعتمادي ۾ واڌاري ۽ کين قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي ملڪ جي نمائندگي لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

سعيدآباد پوليس ٽريننگ سينٽر جي بيرڪ جي ڇت جو پلستر ڪري پيو

ڪمري نمبر 33 جي ڇت جو پلستر ڪرڻ سبب ٻه عورت پوليس اهلڪار زخمي

ٻنهي اهلڪارن کي معمولي زخم رسيا،جن کي طبي امداد لاءِ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سعيد آباد پوليس ٽريننگ سينٽر جي بيرڪ جي ڪمري نمبر 33 جي ڇت جو پلستر ڪرڻ سبب ٻه عورت پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيون پوليس اختيارين واقعي جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته ٻنهي اهلڪارن کي معمولي زخم رسيا، جن کي طبي امداد لاءِ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جي شروعاتي علاج بعد کين واپس موڪليو ويو

پورٽ قاسم ويجهو ڪيميڪل ڪمپني ۾ بوائلر پلانٽ ڦاٽي پيو،هڪ ڄڻو فوت

خانگي ڪيميڪل ڪمپني ۾ ويلڊنگ دوران بوائلر پلانٽ ڌماڪي سان ڦاٽي پيو

فوتي جي سڃاڻپ ۳۵ ورهين جي محمد سهيل ولد شاهه محمد طور ٿي آهي:پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پورٽ قاسم ويجهو خانگي ڪيميڪل ڪمپني ۾ ويلڊنگ دوران بوائلر پلانٽ ڌماڪي سان ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ زخمي ٿي پيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ امدادي ادارا واقعي واري هنڌ پهچي ويا، جتي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون پوليس موجب فوتي جي سڃاڻپ ۳۵ ورهين جي محمد سهيل ولد شاهه محمد طور ٿي آهي، جڏهن ته حادثي ۾ ۴۵ ورهين جو وحيد زخمي ٿي پيو جنهن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي بابت وڌيڪ تفصيل گڏ ڪيا پيا وڃن

ڪراچي جي ايڊيشنل آءِ جي پاران ضلعي ملير هيڊڪوارٽر جو دورو

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان کي چاق چوبند دستي سلامي پيش ڪئي

شاهين فورس اسٽريٽ ڪرائم خلاف پوليس جي فرنٽ لائن فورس آهي: آزاد خان

جوانن جي همت افزائي لاءِ هر مهيني "شاهين آف دي منٿ" جو اعزاز ۽ انعام ڏنو ويندو

ڪراچي(بيورو رپورٽ)ڪراچي جي ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان ضلعي ملير هيڊڪوارٽر جو دورو ڪيو،جتي پوليس جي چاق چوبند دستي کيس سلامي پيش ڪئي. ان موقعي تي ڊي آءِ جي ايسٽ ۽ ايس ايس پي ملير پڻ موجود هئا. ايس ايس پي ملير پاران شاهين فورس جي مقرري، ڪارڪردگي، گشت ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪيل قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ايڊيشنل آءِ جي ڪنٽرول روم جو معائنو پڻ ڪيو شاهين فورس جي جوانن کي خطاب ڪندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان چيو ته شاهين فورس اسٽريٽ ڪرائم خلاف ڪراچي پوليس جي فرنٽ لائن فورس آهي جوان پنهنجي جسماني فٽنيس، نظم ضبط ۽ پيشاور صلاحيتن کي برقرار رکندي مقرر ڪيل ضابطن تي عمل ڪن ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ ترت ۽ اثرائتا قدم يقيني بڻائين هن اعلان ڪيو ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ جوانن جي همت افزائي لاءِ هر مهيني "شاهين آف دي منٿ" جو اعزاز ۽ انعام ڏنو ويندو بعد ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڊي آءِ جي ايسٽ ۽ ايس ايس پي ايسٽ سان گڏ ضلعي اوڀر ۾ سهراب ڳوٺ، جمالي پل ويجهو سهراب ڳوٺ بلڊرز ڪميونٽي جي سهڪار سان قائم ڪيل زمان شهيد پوليس چوڪي جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته پوليس چوڪي قائم ٿيڻ سان علائقي ۾ پوليس جي موجودگي، هنگامي صورتحال ۾ ترت پهچ ۽ ڏوهن جي روڪٿام ۾ بهتري ايندي شاهين فورس جي اثرائتي مقرري ۽ گشت ذريعي انهن هنڌن تي به شهرين جو تحفظ يقيني بڻايو ويندو جتي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ سبب پوليس موبائل جي پهچڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي تقريب جي پڄاڻي تي پوليس آفيسرن وچ ۾ يادگار شيلڊن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي

بقايا 1 روزاني عبرت

بلوچستان صوبي مان ايران سان واپارڪندڙ واپارين دعويٰ ڪئي آهي ته ايران کان درآمدات اڃا بند آهن جڏهن ته برآمدات لاءِ سرحد عارضي طور کولي وئي آهي بي بي سي اردو جي رپورٽ موجب، بلوچستان جي سرحدي ضلعن ڪيچ ۽ چاغي جي ٻن سرڪاري اهلڪارن نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي تصديق ڪئي آهي ته سرحد برآمدات لاءِ عارضي طور کوليو ويو آهي پر ان حوالي سان سرڪاري سطح تي ڪو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ٿيو. گوادر جي گبد-ريمدان سرحد تي پاڪستاني واپارين جي تنظيم جي چيئرمين عبدالغفور هوت ٻڌايو ته آچر ڏينهن منجهند کانپوءِ پاڪستاني اختيارين سرحد رڳو برآمدات لاءِ کولي جڏهن ته ايران کان درآمدات تي پابندي برقرار آهي هن مطالبو ڪيو ته درآمدات لاءِ به سرحد کولي وڃي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ايندڙ هڪ ٻن ڏينهن ۾ اها سهولت بحال ٿي ويندي ايران جي گهرو وزارت جي ترجمان علي زيني وند چيو آهي ته پاڪستان سان سرحدي ڏي وٺ جاري آهي ۽ ان ۾ ڪا رڪاوٽ ناهي سندس چوڻ هو ته ڪجهه فني بنيادي ڍانچي ۽ مالي نظام سان لاڳاپيل مسئلا آهن جن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي رپورٽ موجب، پاڪستاني اختيارين ڇنڇر ڏينهن ايران سان سرحدي واپار بند ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب بنهي پاسن کان وڏي انگ ۾ مال بردار گاڏيون ڦاسي پيون هيون ان کان اڳ ايراني نيم سرڪاري خبررسان اداري فارس دعويٰ ڪئي هئي ته سرحدون ٻيهر کولڻ بابت اعلان باوجود آچر جي رات تائين سرحدي گذرگاهون بند هيون گوادر چيمبر آف ڪامرس جي اڳوڻي صدر شمس الحق موجب، ايران کان درآمدات بند ٿيڻ سبب ايل پي جي کڻي ايندڙ سوين گاڏيون ايراني پاسي بيٺل آهن هن چيو ته ايل پي جي جي فراهمي متاثر ٿيڻ سبب ڪراچي، لاهور سميت مختلف شهرن ۾ طلب ۽ رسد جو فرق وڌيو آهي جنهن ڪري قيمتن ۾ به اضافو ٿيو آهي چاغي ضلعي جي سرحدي شهر تفتان سان تعلق رکندڙ واپاري اڳواڻ حاجي شوڪت عيسيٰ زئي دعويٰ ڪئي ته پاڪستان لاءِ ايل پي جي کڻي ايندڙ لڳ ڀڳ 1500 گاڏيون ايران واري پاسي بيٺل آهن. سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ ايل پي جي جي استعمال جو 80 سيڪڙو ايران تي ڀاڙي ٿو واپارين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن ايران سان سرحدي واپار وڌيڪ وقت بند رهيو ته ملڪ ۾ ايل پي جي جو بحران شدت اختيار ڪري سگهي ٿو

بقايا 2 روزاني عبرت

جنهن دوران بنهي ملڪن جي وفدن وچ ۾ ڳالهيون به ٿيون گڏيل ڳالهين کانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي شهباز شريف چيو ته پاڪستان جو موقف واضح آهي ته معاهدن جو احترام ٿيڻ گهرجي ۽ گڏيل آبي وسيلن کي سياسي دٻاءُ وجهڻ يا بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان مختلف عالمي فورمن تي اهو موقف پيش ڪري چڪو آهي. تازو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي به هن پاڻيءَ کي پاڪستان لاءِ ريڊ لائين قرار ڏنو هو هن چيو ته پاڻي خوشحالي ۽ ترقيءَ جو ذريعو آهي. ان کي ڌمڪين يا ٽڪراءَ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي سندس چوڻ هو ته پاڻي انسانيت لاءِ نهايت ضروري آهي، خاص طور انهن ملڪن لاءِ جيڪي دريائن جي هيٺين وهڪري وارن علائقن ۾ آهن ياد رهي ته ڀارت گذريل سال اپريل ۾ پهلگام حملي کانپوءِ سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو

بقايا 3 روزاني عبرت

آهي ترڪي جي بچاءَ واري وزارت موجب، ان سلسلي ۾ اربع ڏينهن قطر جي گاديءَ واري شهر دوحا ۾ تقريب ٿي جنهن دوران پاڪستان جي بچاءَ واري وزير خواجه آصف، انڊونيشيا جي نائب بچاءَ واري وزير يوسف جوهري، ترڪي جي بچاءَ واري وزير ياشار گولر ۽ قطر جي نائب وزيراعظم ۽ دفاعي معاملن واري مملڪتي وزير شيخ سعود بن عبدالرحمان بن حسن آل ثاني مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ترڪي جي سرڪاري خبررسان اداري ٽي آر ٽي موجب، معاهدي جو مقصد چئني ملڪن وچ ۾ دفاعي پيداوار، ٽيڪنالاجي، فوجي تربيت، تحقيق ۽ ترقيءَ جي شعبن ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ ۽ گڏيل دفاعي صلاحيتون وڌائڻ آهي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته معاهدو چئني ملڪن وچ ۾ گڏيل اعتماد کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ ترڪي جي دفاعي صنعت جي عالمي حيثيت کي به هٿي ڏئي سگهي ٿو ان سان جديد دفاعي نظامن جي ترقيءَ لاءِ نين ٽيڪنالاجين ۽ صنعتي صلاحيتن کي هٿي ملڻ جي اميد آهي ٽي آر ٽي موجب، معاهدي جو نالو "بدر" رکيو ويو آهي جنهن جي معنيٰ چوڏهينءَ جو چنڊ آهي اهو نالو ان تصور جي عڪاسي ڪري ٿو ته چارئي ملڪ هڪ ٻئي جي صلاحيتن مان فائدو وٺندي گڏيل دفاعي مقصد حاصل ڪندا معاهدي تحت هر ملڪ جي دفاعي پيداوار جي صلاحيت مان فائدو حاصل ڪرڻ دفاعي صنعت کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ اتحادي توڙي دوست ملڪن جون ضرورتون بهتر نموني پوريون ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو رپورٽ موجب، هي معاهدو شرڪت ڪندڙ ملڪن وچ ۾ فوجي سهڪار جو دائرو وڌائڻ، دفاعي صنعت ۾ لاڳاپا مضبوط ڪرڻ ۽ سلامتي استحڪام ۽ گڏيل مقصدن جي حاصلات ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو

بقايا 4 روزاني عبرت

شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن موجب پولنگ ٢٢ نومبر تي ٿيندي اليڪشن ڪميشن موجب جن ضلعن ۾ ضمني مڪاني چونڊون ٿيندڙيون انهن ۾ حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو ٽنڊوالهيار، مٽياري، دادو، نوشهروفيروز، خيرپور، بدين، قمبر شهدادڪوٽ، عمرڪوٽ، ٿرپارڪر ۽ شڪارپور شامل آهن شيڊيول موجب اميدوار ٢٠ کان ٢٢ آڪٽوبر تائين نامزدگي فارم جمع ڪرائي سگهندا، جڏهن ته ڪاغذن جي جنڊڇاڻ ٢٤ کان ٢٨ آڪٽوبر تائين ڪئي ويندي اميدوارن جي شروعاتي فهرست ٢٩ آڪٽوبر تي جاري ڪئي ويندي اميدوار ٧ کان ٩ نومبر تائين پنهنجا نامزدگي فارم واپس وٺي سگهندا، جڏهن ته ١٠ نومبر تي اميدوارن کي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويندا اليڪشن ڪميشن موجب ڄاڻايل ١٣ ضلعن ۾ خالي مڪاني سيٽن تي ووٽنگ ٢٢ نومبر تي ٿيندي ٻئي طرف ڪراچي جي لياري واري علائقي ۾ يونين ڪائونسل ٨ ڪلري شاهه بيگ لين ۾ وائيس چيئرمين جي خالي عهدي تي ضمني چونڊ ٨ نومبر تي ٿيندي

بقايا 5 روزاني عبرت

نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب مختلف ضلعن ۽ ڪراچي جي اوڀر اولهه، ڏکڻ وچ ۽ ملير ضلعن ۾ عدالتي آفيسرن جون بدليون ۽ نيون مقرريون ڪيون ويون آهن نوٽيفڪيشن موجب امداد علي ڪيريو کي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جامشورو مان بدلي ڪري ٺٽو مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته ريسرچ آفيسر جي عهدي تان محمد اسد رئيس کي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڪراچي اولهه ۽ ياسر ميمڻ کي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڪراچي اوڀر مقرر ڪيو ويو آهي اهڙيءَ طرح نثار احمد درس کي ڪراچي ڏکڻ مان بدلي ڪري ڊيپلو طارق علي مير جت کي ڊيپلي مان بدلي ڪري جامشورو ۽ سلامت علي سومرو کي ڪراچي اوڀر مان بدلي ڪري ڪراچي ڏکڻ ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن موجب عبدالستار کي ڪراچي وچ مان بدلي ڪري ٽنڊوالهيار مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته صادقه امجد کي ملير مان بدلي ڪري ڪراچي وچ ۽ روها خاصخيلي کي ٽنڊوالهيار مان بدلي ڪري ملير ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو آهي ان کان علاوه عبدل واجد راهوجو کي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ/ڪنزيومر پروٽيڪشن مٽياري مان بدلي ڪري ميرپور ساڪرو ۽ عرفان علي کي حيدرآباد مان بدلي ڪري سجاول ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت اهي بدليون ۽ مقرريون عمل ۾ آنديون ويون آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب وزيراعظم هائوس ۾ منعقد ٿي وزيراعظم هائوس پهچڻ تي وزيراعظم محمد شهباز شريف معزز مهمان جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو بنهي اڳواڻن هٿ ملايا ۽ خوشگوار جملن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي بنهي ملڪن جا قومي ترانا وڄايا ويا تنهي هٿياربند فوجن جي دستن مالديپ جي صدر کي سلامي ڏني ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو سلامي جي چبوتري تي مالديپ جي صدر سان وزيراعظم شهباز شريف به موجود هو مالديپ جي صدر گارڊ آف آنر جو معائنو پڻ ڪيو وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جي ميمبرن ۽ وزيراعظم هائوس جي اعليٰ عملدارن جو مالديپ جي صدر سان تعارف ڪرايو مالديپ جي صدر ان موقعي تي پنهنجي وفد جو وزيراعظم سان تعارف ڪرايو مالديپ جي صدر وزيراعظم هائوس جي باغيچي ۾ ٻوٽو لڳايو ۽ بنهي ملڪن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون

بقايا 7 روزاني عبرت

عوام جي خودمختياري جي حق ۽ هڪ آزاد رياست جي قيام جي حمايت ۽ علائقائي ۽ عالمي معاملن تي تعاون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو آهي ان ڳالهه جو اظهار وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو اربع ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو بنهي اڳواڻن ٻطرفي لاڳاپن کي نئين بلندين تي وٺي وڃڻ جي پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي واپار، دفاع، صحت، تعليم، ٽيڪنالاجي، سياحت، نوجوانن جي صلاحيت ۽ اضافي موسمياتي تبديلي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي زور ڏنو وزيراعظم محمد شهباز شريف مالديپ جي صدر جي پاڪستان جي پهرين دوري تي آجيان ڪندي چيو ته مالديپ جي صدر جو دورو بنهي ملڪن جي وچ ۾ تاريخي ۽ پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو اهم موقعو آهي هن چيو ته پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ تاريخي رابطا ۽ گڏيل دوستي آهي ۽ بنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ واپار دفاعي تعاون، تعليم صحت، پوليس ۽ ٻين شعبن ۾ پائيداري وڌائڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي هن ٻڌايو ته مالديپ جا ڪيترائي شاگرد پاڪستان جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪري چڪا آهن خاص طور تي صحت جي شعبي ۾ پاڪستاني تعليمي ادارن مالديپ جي شاگردن کي موقعا فراهم ڪيا آهن گڏيل تعاون جو ذڪر ڪندي وزيراعظم چيو ته هن وقت لڳ ڀڳ 250 پاڪستاني ڊاڪٽر ۽ طبي عملو مالديپ جي مختلف علائقن ۾ انسانيت جي خدمت ڪري رهيا آهن پاڪستان مستقبل ۾ به هن تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ ۽ مالديپ جي ضرورتن مطابق مدد فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ مالديپ 20 مفاهمت جي يادداشتن ۽ معاهدن جي ڏي وٺ ڪئي آهي جيڪي ٻطرفي لاڳاپن جي مختلف شعبن کي ظاهر ڪن ٿا. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته انهن معاهدن کي صرف دستاويزن تائين محدود رکڻ بدران عملي قدمن ۾ تبديل ڪيو ويندو ۽ ان مقصد لاءِ بروقت فيصلن ۽ تيزيءَ سان عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي وزيراعظم چيو ته بنهي ملڪن جي وچ ۾ موجوده واپاري ماپو ان جي حقيقي صلاحيت ۽ امڪانن جي عڪاسي نٿو ڪري، هن وقت ٻطرفو واپار تقريباً 13.9 ملين ڊالر آهي تنهن هوندي به بنهي ملڪن جي قيادت ڳالهين دوران ان کي ايندڙ ٻن سالن ۾ 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي هن مالديپ جي صدر جي حمايت لاءِ ٿورا ادا ڪندي چيو ته ٻئي ملڪ گڏيل ڪوشش سان اهو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندا. هن مالديپ ۾ پنجن سالن دوران 50 لک وڻ پوکڻ جي هدف ۾ مدد جو اعلان ڪندي چيو ته پاڪستان ان مقصد لاءِ هڪ لک زيتون جا قلم ۽ مختلف قسمن جا هڪ لک ٻج فراهم ڪندو اها مدد گڏيل صلاح مشوري سان فراهم ڪئي ويندي وزيراعظم مالديپ ۾ ڊيٽا سينٽرز قائم ڪرڻ جي منصوبن جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان ان شعبي ۾ پنهنجي فني مهارت ۽ پيشيوراڻين صلاحيتن مالديپ سان ونڊڻ لاءِ تيار آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ پڻ مختلف هنڌن تي ڊيٽا سينٽرز قائم ڪيا ويا آهن ۽ ان شعبي ۾ حاصل ٿيندڙ تجربو مالديپ لاءِ لاڀائتو ثابت ٿي سگهي ٿو وزيراعظم محمد شهباز شريف فلسطين جي مسئلي تي پاڪستان جي اصولي موقف کي ورجائيندي چيو ته پاڪستان فلسطيني عوام جي خودمختياري جي حق ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن موجب هڪ آزاد، خودمختيار ۽ لڳولڳ فلسطيني رياست جي قيام جي مڪمل حمايت ڪري ٿو هن چيو ته مالديپ پڻ فلسطيني عوام جي حقن جي حمايت ڪري ٿو ۽ پاڪستان ان مقصد لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪندو رهندو وزيراعظم والاريل جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار تي پاڪستان جي اصولي موقف کان ، مالديپ جي صدر کي آگاهه ڪندي چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن مُوجب تڪرار جي پرامن حل لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي جدوجهد ۽ خودمختياري جي حق جي حمايت سفارتي ذريعن ۽ سڀني عالمي فورمن تي جاري رکندو ته جيئن هو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن مُوجب پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪري سگهن وزيراعظم سنڌ طاس معاهدي جي معطلي واري ڀارت جي هڪ طرفي فيصلي تي پاڪستان جي سخت خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته عالمي سطح تي لاڳو معاهدن جو احترام لازمي ۽ ضروري آهي ۽ گڏيل پاڻي وسيلن کي هٿيار طور استعمال نه ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته پاڪستان مختلف عالمي فورمن تي واضح ڪري چڪو آهي ته پاڻي ان لاءِ ريڊ لائن آهي، پاڻي زندگي، واپار خوشحالي ۽ ترقي جو ذريعو هجڻ گهرجي، نه ورري ڌمڪين ۽ ٽڪرائن جو وزيراعظم چيو ته پاڻي انسانيت جي بقا لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي خاص طور تي هيٺاهين علائقن ۾ رهندڙ آبادين جي لاءِ ان جي اهميت بنيادي نوعيت جي آهي هن واضح ڪيو ته ڪنهن به خلاف ورزي کي پاڪستان جنگي قدم تصور ڪندو وزيراعظم چيو ته مالديپ جي صدر جو دورو بنهي ملڪن جي لاڳاپن کي هڪ نئون رخ ۽ رفتار ڏيندو هن چيو ته ڪراچي ۽ گوادر جي ساحلن کي ڇهندڙ اهوئي سمنڊ مالديپ جي ٻيٽن سان به جڙيل آهي ۽ صدين کان بنهي خطن جي وچ ۾ واپاري، عالم ۽ مسافر انهيءَ سامونڊي رستي ذريعي ئي هڪ ٻئي جي علائقن ۾ پهچي رهيا آهن هن اميد جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۽ مالديپ گڏجي پنهنجي دوستيءَ جو نئون ۽ مضبوط باب لکندا گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو وزيراعظم محمد شهباز شريف، پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستاني عوام جا شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورا ادا ڪيا هن چيو ته اسلام آباد جو دورو ڪرڻ سندس لاءِ خوشي ۽ اعزاز جوڳو آهي هن چيو ته پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جا 60 سال مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ اهي 6 ڏهاڪا گرمجوش دوستي، گڏيل عقيدي، گڏيل ڏاهپ ۽ گڏيل موقف جا عڪاس آهن هن چيو ته هڪ ڏهاڪي جي وقفي کانپوءِ سندس پاڪستان جو دورو بنهي ملڪن جي ماضي جي دوستي کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۽ مستقبل جي حصيداري جي لاءِ نئون رخ مقرر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف سان سندس ڳالهه ٻولهه وسيع ۽ ڪارائتي رهي جنهن ۾ بنهي ملڪن لاڳاپن کي هڪ نئين دور ۾ داخل ڪرڻ جي گڏيل خواهش جو اظهار ڪيو هن چيو ته بنهي ملڪن جي حصيداري کي وڌيڪ وسيع، متحرڪ ۽ عوام جي لاءِ سڌوسنئون لاڀائتا بڻائڻ جا امڪان موجود آهن صدر محمد معيزو چيو ته بنهي ملڪن جي وچ ۾ 20 مفاهمتي يادداشتن تي ڏي وٺ صحت، تعليم، ماهيگيري، زراعت، نوجوان، فنون اسلامي معاملن سياحت، انفارميشن ٽيڪنالاجي، پوليس ۽ دفاع سميت ڪيترن ئي اهم شعبن ۾ تعاون جا نوان رستا کوليندي جڏهن ته معاهدن جي اصل اهميت انهن تي عملدرآمد ۽ بنهي ملڪن جي عوام کي ٺوس فائدا پهچائڻ ۾ آهي صدر محمد معيزو ٻطرفي واپار کي ايندڙ ٻن سالن ۾ 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جي هدف جي مڪمل تائيد ڪندي چيو ته مالديپ ۽ پاڪستان هڪ ٻئي جي لاءِ غيرمعمولي اقتصادي امڪان رکن ٿا. ٻئي ملڪ واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي سياحت جي فروغ ۽ گڏيل رابطن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ گڏجي ڪم ڪندا. هن چيو ته مالديپ — پاڪستان بزنس فورم بنهي ملڪن جي ڪاروباري اڳواڻن سيڙپڪارن ۽ جدتيت کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندو جنهن جي گڏيل دوستي ۽ مفاهمت کي گڏيل فائدي جي سيڙپڪاري ۽ حصيداري ۾ تبديل ڪري سگهبو هن بنهي ملڪن جي وچ ۾ سڌوسنئون اڏامن جي شروعات جي لاءِ جاري ڳالهه ٻولهه تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته سڌوسنئون فضائي رابطا سياحت جا نوان موقعا پيدا ڪندا. هن چيو ته سياحت به بنهي ملڪن جي لاءِ تعاون جو اهم شعبو آهي جتي گڏيل قدرن ۽ تجربن کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو هن نوجوانن کي بنهي ملڪن جو مستقبل قرار ڏيندي پاڪستان پاران مالديپ جي شاگردن، رانديگرن، ڪوچز ۽ نوجوان پيشيور ماڻهن کي وظيفا، تربيت ۽ ٻيا موقعا فراهم ڪرڻ کي ساراهيو هن چيو ته ٻئي ملڪ نوجوانن جي مناسبتا، مهارتن جي ترقي، ڪاروباري سرگرمين، جدت قيادت ۽ مصنوعي ذهانت، ڊيجيٽلائيزيشن ۽ مستقبل جي ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جا خواهشمند آهن صحت جي شعبي ۾ تعاون جي حوالي سان مالديپ جي صدر چيو ته اسان مالديپ جي شاگردن ۽ طبي ماهرن جي لاءِ وڌيڪ موقعا پيدا ڪرڻ تي ڳالهه ڪئي ان ڏس ۾ پاڪستان جي ٽيڪنيڪي مدد پروگرام تحت ايم بي بي ايس جي سيٽن ۾ اضافي ۽ مالديپ جي ميڊيڪل گريجوئيٽس جي لاءِ پاڪستان ۾ انٽرن شپ جي امڪانن جو جائزو وٺڻ تي اتفاق ڪيو ويو صدر محمد معيزو موسمياتي تبديلي کي عالمي سطح تي هڪ وڏو چئلينج قرار ڏيندي چيو ته مالديپ جي لاءِ اهو رڳو ماحولياتي مسئلو نه آهي پر ان جي سلامتي، ترقي ۽ مستقبل سان سڌوسنئون واڳيل معاملو آهي هن ماحول جي تحفظ، ويسٽ مئنيجمينٽ، قابل تجديد توانائي ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ جي لاءِ پاڪستان سان تعاون کي خوش آئنده قرار ڏنو هن مالديپ ۾ 5 سالن دوران 50 لک وڻ لڳائڻ جي هدف ۾ مدد جي لاءِ وزيراعظم پاڪستان پاران اعلان ڪيل مدد تي ٿورا ادا ڪيا. هن چيو ته پاڪستان پاران اهو تعاون مالديپ جي ماحولياتي هدفن کي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندو هن چيو ته بنهي ملڪن پوليسنگ، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، فني ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ اداراجاتي صلاحيت وڌائڻ جي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن چيو ته پاڪستان ۽ مالديپ گڏيل قومن، اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) ۽ ٻين علائقائي ۽ عالمي فورمز تي گڏيل مفادن جي فروغ جي لاءِ تعاون جاري رکندا. هن ذڪر ڪيو ته ڏکڻ ايشيا علائقائي تعاون تنظيم (سارڪ) جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته مالديپ تنظيم جي صلاحيت ۽ خطي جي گڏيل مسئلن جي حل ۾ ان جي ڪردار تي يقين رکي ٿو مالديپ سارڪ جي بحالي جي لاءِ تعميري ۽ فعال ڪردار ادا ڪرڻ ۽ سمورن ميمبر ملڪن سان گڏجي ايندڙ سارڪ سربراهي ڪانفرنس جلد کان جلد منعقد ڪرڻ جي لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪرڻ تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي. صدر محمد معيزو فلسطيني عوام سان مسلسل يڪجهتي جو اظهار ڪندي انهن جي خودمختياري جي حق ۽ 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي حمايت ڪئي هن وچ اوڀر ۾ جاري بحران جي ڏس ۾ ڳالهه ٻولهه، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي، انساني امداد ۽ منصفاڻي ۽ پائيدار امن جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي ساراهيو صدر ڊاڪٽر محمد معيزو چيو ته بنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ دوستي، گڏيل عقيدا، علم جي مناسبتا ۽ گڏيل احترام لاڳاپن کي مضبوطي ۽ پائيداري فراهم ڪن ٿا. هن چيو ته پاڪستان 6 ڏهاڪن کان مالديپ جو اعتماد جوڳو دوست رهيو آهي ۽ بنهي ملڪن پنهنجي پراڻي دوستي جي بنياد تي حصيداري جي نئين دور ۾ داخل ٿيڻ جو عزم ڪيو آهي جيڪو بنهي ملڪن جي عوام جي لاءِ وڌيڪ موقعن خوشحالي ۽ فائدن جو سبب بڻجندو هن اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان ۽ مالديپ جي دوستي ايندڙ نسلن تائين وڌندي رهندي ان کان اڳ وزيراعظم هائوس اچڻ تي مالديپ جي صدر جو شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ کيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو مالديپ جي صدر ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي وچ ۾ ملاقات ۽ وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه ٿي ان موقعي تي مالديپ جي صدر محمد معيزو ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي موجودگي ۾ پاڪستان ۽ مالديپ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ ۽ مختلف شعبن ۾ گڏيل تعاون کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ انفارميشن ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي، ڊيجيٽل اسڪلز صحت، تعليم دفاع، سامونڊي سلامتي زراعت، سياحت، واپار ۽ ماحولياتي تحفظ سميت مختلف شعبن ۾ تعاون جي لاءِ مفاهمت جي 20 يادداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون ٻئي طرف مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو کي عوامي خدمتن اداراجاتي ۽ سماجي معاشي ترقي ۾ سندس اهم ڪردار تي عالمي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد پاران سياسيات ۽ عالمي لاڳاپن ۾ ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري عطا ڪئي وئي وزيراعظم محمد شهباز شريف مالديپ جي صدر کي اها اعزازي ڊگري وزيراعظم هائوس ۾ منعقد عالمي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جي 13هين خصوصي ڪانووڪيشن ۾ عطا ڪئي مالديپ جي صدر اسلامي يونيورسٽي پاران اعزازي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري عطا ڪرڻ تي پاڪستان جي حڪومت ۽ عالمي اسلامي يونيورسٽي جا ٿورا ادا ڪيا

بقايا 8 روزاني عبرت

هن چيو ته سنڌ ڪابينا جي فيصلي تحت ئي جوڊيشل ڪميشن جوڙي وئي هئي ۽ گذريل ڏينهن سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ پيش ڪئي وئي سنڌ جي وڏي وزير ڪابينا جي وزيرن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي آهي جنهن ۾ ضياءُ الحسن لنجار سعيد غني ۽ ناصر شاهه شامل آهن ڪميٽي رپورٽ جو اڀياس ڪري ڪابينا کي آگاهه ڪندي، جڏهن ته جوڊيشل ڪميشن جيڪي سفارشون پيش ڪندي انهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪنهن هڪ فرد جي غلطيءَ کي پوري کاتي جي غلطي قرار ڏيڻ زيادتي هوندي اها ساڳي سنڌ پوليس آهي، جنهن وڏا وڏا ڪيس حل ڪري ڏيکاريا آهن ڪراچي ۾ دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ ڀتا خوري جا واقعا ٿيندا رهيا آهن ۽ اهڙا واقعا رڳو ڪراچي ۾ ئي نه پر پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ به ٿيندا آهن پوليس جو فرض آهي ته شفاف جاچ ڪري ۽ ذميوارن کي سزا ڏياري هن چيو ته اهو ڪيس پوليس لاءِ به هڪ سبق آهي ته آئنده جلدبازي بدران مڪمل جاچ ڪئي وڃي ٽرانسپورٽ جي منصوبن بابت سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ اورنج لائن جو منصوبو تيار آهي، جڏهن ته ريڊ لائن منصوبي ۾ يونيورسٽي روڊ تي ڪم هڪ وڏو چئلينج هو هاڻي يونيورسٽي روڊ تي شهرين کي وڌيڪ پريشانيءَ کي منهن نه ڏيڻو پئجي رهيو آهي تنهن هوندي به غيرقانوني حد دخلين جا مسئلا موجود آهن ريڊ لائن جو ڏکيو ۽ تڪليف ڏيندڙ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي.هاڻي اسٽيشنون ۽ ڊيپو تعمير ڪرڻا آهن هن چيو ته يلو لائن تي ڪم شروع ٿيڻو آهي جڏهن ته جام صادق پل جو ٻيو حصو به جلد مڪمل ٿي ويندو يلو لائن تي ڪم دوران به ٽريفڪ جا ڪجهه مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا، جنهن تي هو شهرين کان اڳواٽ معذرت خواهه آهي هن چيو ته ڏيڍ سال جي تڪليف کانپوءِ شهرين کي سڄي زندگيءَ لاءِ سهولت ميسر ٿيندي ۽ بي آر ٽي لائينن ذريعي سڄو ڪراچي هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويندو، جنهن سان شهرين کي اچ وڃ ۾ سهولت حاصل ٿيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گرين لائن وفاقي حڪومت جو منصوبو هو جيڪو سنڌ حڪومت حوالي ڪيو ويو سنڌ حڪومت حوالي ٿيڻ کانپوءِ گرين لائن تي سفر ڪندڙن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي اورنج لائن، ريڊ لائن ۽ يلو لائن سنڌ حڪومت جا منصوبا آهن هن چيو ته نومبر ۾ وڏي تعداد ۾ ڊبل ڊيڪر بسون ڪراچي پهچي رهيون آهن مسلسل محنت کانپوءِ ڪراچي جو ٽرانسپورٽ جو مسئلو حل ٿي رهيو آهي ۽ شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن عورتن لاءِ سفري سهولتن ۽ کين بااختيار بڻائڻ جي قدمن بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عورتن لاءِ پنڪ بسون هلايون پيون وڃن ۽ کين مفت پنڪ اسڪوٽيون فراهم ڪيون پيون وڃن هڪ سال اڳ سڄي سنڌ ۾ رڳو 125 عورتن وٽ موٽر سائيڪل هلائڻ جا لائسنس هئا، جڏهن ته اڄ 50 هزار عورتون موٽر سائيڪل جي لائسنس لاءِ درخواست ڏئي چڪيون آهن ۽ هينئر تائين 25 هزار کان وڌيڪ عورتن کي لائسنس جاري ڪيا ويا آهن سنڌ ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جي هدايت تي هر هنڌ ترقياتي منصوبا جاري آهن شاهراهه ڀٽو هڪ جديد ترين ۽ معياري منصوبو آهي ڪراچي پورٽ کان ڪورنگي تائين روڊ تعمير ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ٽرانسپورٽ کاتي پاران ناردرن بائي پاس ويجهو ٽرڪ اسٽينڊ به تعمير ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي کي صاف ڪري استعمال لائق بڻائڻ جو منصوبو شروع ٿي چڪو آهي ڪراچي ۾ صفائيءَ جي صورتحال بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهر ۾ صفائيءَ جو مسئلو لڳ ڀڳ 95 سيڪڙو حل ٿي چڪو آهي ڪراچي هڪ تمام وڏو شهر آهي، تنهن ڪري حالتن کي وڌيڪ بهتر ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو

بقايا 9 روزاني عبرت

نٿي آندي وڃي، تيستائين نتيجا ڏيندڙ ڳالهين لاءِ سازگار ماحول پيدا نٿو ٿي سگهي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ ايراني صدر چيو ته هڪ طرف پابندين ۽ دٻاءُ ۾ مسلسل واڌ ڪئي وڃي، رابطن جا رستا بند ڪيا وڃن ۽ ٻئي پاسي ڳالهين جي ڳالهه ڪئي وڃي، ته اهڙي عمل جا اثرائتا نتيجا نٿا نڪري سگهن مسعود پزشڪيان جو چوڻ هو ته ڌمڪين ۽ دٻاءُ جي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي ڪا معنيٰ ناهي

بقايا 10 روزاني عبرت

بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ ٿي آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان مطابق اربع ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قيمت ۾ 01 پئسي جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي جنهن کانپوءِ نئين قيمت 276 رپيا 86 پئسا ٿي وئي آهي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اگهه 73 رپيا 80 پئسا، جڏهن ته بحرين جي دينار جو اگهه 733 رپيا 69 پئسا رهيو ساڳي طرح عمان جي ريال جو انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ اگهه 719 رپيا 11 پئسا رهيو ڪويت جي دينار جو اگهه 898 رپيا 89 پئسا ۽ قطر جي ريال جي قيمت 75 رپيا 95 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي خريد واري قيمت 277 رپيا 60 پئسا ۽ وڪرو 280 رپيا 30 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا 11 روزاني عبرت

سون جي قيمت 900 رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 34 هزار 536 رپين جو ٿي ويو آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن مطابق اربع ڏينهن 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 772 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 3 لک 73 هزار 316 رپين مان گهٽجي 3 لک 72 هزار 544 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 42 هزار 218 رپين مان گهٽجي 3 لک 41 هزار 511 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن مطابق في تولو چانديءَ جي قيمت 27 رپين جي گهٽتائي سان 6207 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 23 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 5321 رپيا ٿي وئي. عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4129 ڊالر مان گهٽجي 4120 ڊالرز ٿي وئي

بقايا 12 روزاني عبرت

۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي عدالت درخواستن تي گڏيل ٻڌڻي جو لکت وارو حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن مطابق درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو ته صوبائي اسيمبلي جي منظوري بنا ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، جڏهن ته ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ ٺوس ثبوت موجود نه هئا درخواستگذارن مطابق صوبي ۾ آئين جي آرٽيڪل 245 تحت فوج کي طلب ڪيو ويو جنهن جو مقصد سول انتظاميه جي معاونت ڪرڻ آهي درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو ته آرٽيڪل 245 تحت فوج کي سول اٿارٽي جي مدد لاءِ طلب ڪرڻ جو اختيار صوبائي حڪومت وٽ آهي ٻڌڻي دوران اسسٽنٽ اٽارني جنرل درخواستن جي ٻڌڻي جوڳي هجڻ تي اعتراض اٿاريو جنهن کانپوءِ عدالت اٽارني جنرل پاڪستان ۽ ايڊووڪيٽ جنرل خيبرپختونخوا کي نوٽيس جاري ڪندي ڌرين کي 14 ڏينهن اندر پنهنجا جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي پشاور هاءِ ڪورٽ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف داخل درخواستن تي وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪراچي فش هاربر تي جيڪا صوبي جي هڪ وڏي مڇي مارڻ ۽ سيفوڊ جي برآمداتي سهولت آهي امن امان کي مضبوط ڪرڻ، سيڪيورٽي ۽ آمد و رفت جي ڪنٽرول کي بهتر بڻائڻ تجارتي سرگرمين کي منظم ڪرڻ ۽ ڪافي وقت کان هلندڙ انتظامي ۽ انفراسٽرڪچر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جامع قدمن جو حڪم ڏنو آهي وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي، وڏي وزير سيڪيورٽي رش، رستن تي غير قانوني قبضا، يوٽيلٽي ڪنيڪشن ڪوآپريٽو سوسائٽي جي انتظاميا، فشريز انفراسٽرڪچر ۽ سيفوڊ جي برآمدات کي منظم ڪرڻ بابت مسئلن جو جائزو ورتو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪراچي فش هاربر کي هڪ محفوظ، بهتر منظم ۽ ڪارآمد سهولت طور ڪم ڪرڻ گهرجي جيڪا ماهيگيرن جي مفادن جو تحفظ ڪري، قانوني سيفوڊ ڪاروبار کي هٿي ڏئي ۽ سنڌ جي فشريز ۽ برآمداتي معيشت کي مضبوط بڻائي اجلاس ۾ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار فشريز جو وزير محمد علي ملڪاڻي، ڪوآپريٽوز ۽ سوسائٽيز بابت وڏي وزير جو صلاحڪار احسن مزاري، فشر مين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرپرسن فاطمه مجيد، سيڪريٽري فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ ڪاظم جتوئي، سيڪريٽري ڪوآپريٽوز قمر رضا بلوچ، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪراچي فش هاربر اٿارٽي رياض علي ميتلو ۽ فشر مين ڪوآپريٽو سوسائٽي جو مئنيجر اياز علي شريڪ ٿيا. فشريز حب تي سيڪيورٽي خدشا: فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ جي وزير محمد علي ملڪاڻي اجلاس کي آگاهه ڪيو ته ڪراچي فش هاربر جيڪو وفاقي حڪومت پاران 1959ع ۾ 84 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي تعمير ڪيو ويو هو 1974ع ۾ فشريز جي صوبائي اختيار ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌ جي حوالي ڪيو ويو هو هاربوري جي انتظاميا ۽ بحاليءَ جي نگرانيءَ لاءِ بعد ۾ 1984ع ۾ هڪ آرڊيننس تحت ڪراچي فشريز هاربور اٿارٽي (KFHA) قائم ڪئي وئي هئي هن چيو ته هاربوري ۾ روزانو لڳ ڀڳ 20,000 ماڻهو داخل ٿين ٿا جن ۾ مهاڻا، نيلامي ايجنٽ، مڇي وڪڻندڙ مزدور ٽرانسپورٽر سيفوڊ پروسيسرز برف جا واپاري ۽ غير ملڪي شهري شامل آهن هن جي ڏينهن رات هلندڙ آپريشن جن ۾ ٻيڙيون گاڏيون مڇي جي نيلامي ۽ سيفوڊ جي هينڊلنگ شامل آهن سيڪيورٽي، ٽريفڪ جي انتظام ۽ موجود انفراسٽرڪچر تي گهڻو دٻاءُ وجهن ٿا اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته رش ۽ غير منظم تجارتي سرگرمين امن امان جي خطرن کي وڌائي ڇڏيو آهي خاص طور تي اتي جتي مڇيءَ جو شڪار مخصوص نيلامي هالن جي موجودگيءَ جي باوجود رستن تي لاهي نيلام ڪيو ويندو هو اهڙين سرگرمين آمد و رفت ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون مختلف گروهن جي وچ ۾ تڪرار پيدا ڪن ٿيون ۽ هاربوري جي منظم انتظام کي نقصان پهچائين ٿيون وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته مڇي لاهڻ نيلامي ۽ ان سان لاڳاپيل تجارتي سرگرميون مخصوص علائقن ۾ ڪيون وڃن ۽ رستا توڙي پهچ جا لنگهه صاف رکيا وڃن بهتر پوليسنگ ۽ آمد و رفت جو بهتر ڪنٽرول: بريفنگ ۾ هاربوري تي سيڪيورٽي اهلڪارن جي کوٽ کي نمايان ڪيو ويو جنهن کي ڪيٽيگري A-1جي اهم پوائنٽ يا اهم تنصيب طور درج ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ وڌيڪ تحفظ ضرورت آهي اجلاس ۾ فائرنگ جي رپورٽ ٿيل واقعن ۽ جهيڙن جو جائزو ورتو ويو رستن تي مڇي رکڻ جي تڪرار تان 8 سيپٽمبر 2026ع تي فائرنگ جو هڪ ٻيو واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ مبينا طور هڪ ماڻهو فوت ۽ ڇهه زخمي ٿيا هئا صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي وڏي وزير گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار کي هدايت ڪئي ته هاربوري تي سيڪيورٽي کي مضبوط ڪرڻ ۽ امن امان کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن هن گهرو وزير کي اها به هدايت ڪئي ته فشريز کاتي سان مشاورت ڪري ڪراچي فش هاربور تي هڪ مخصوص پوليس اسٽيشن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي لازمي رجسٽريشن ۽ ڊجيٽل مانيٽرنگ: وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته هاربوري جي سڀني استعمال ڪندڙن جي لازمي رجسٽريشن کي يقيني بڻايو وڃي ۽ پوليس ۽ هاربوري جي انتظاميا جي وچ ۾ رابطي کي مضبوط ڪيو وڃي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته KFHA هاربوري جي استعمال ڪندڙن جي سڃاڻپ ۽ آمد و رفت جي ڪنٽرول کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ مرڪزي ڊيٽابيس رکي ٿي پر فشر مين ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ جي آپريشنز سان لاڳاپيل ماڻهن جا تفصيل اڃا تائين باقي هئا. وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته مليل معلومات حاصل ڪئي وڃي ۽ رجسٽريشن جي گهرج تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي هن آر ايف آئي ڊي (RFID)تي ٻڌل هاربوري استعمال ڪندڙن جي ڪارڊن، نادرا ويري سز (NADRA Verisys)جي تصديق، آن لائن موبائل ايپليڪيشن ۽ ڪرائم رڪارڊ مئنيجمينٽ سسٽم (CRMS)سان ڳنڍڻ ذريعي موجوده مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم کي اپگريڊ ڪرڻ جو به حڪم ڏنو بريفنگ موجب، اٿارٽي وٽ 5,196 ٻيڙيون رجسٽرڊ هيون جيڪا سالياني سراسري طور 1,450 نيون رجسٽريشنز ۽ رينيوئلز ڪري ٿي. اٿارٽي 2001ع کان وٺي هاربوري جي استعمال ڪندڙن کي 170,000 ڪمپيوٽرائيزڊ ڪارڊ جاري ڪري چڪي آهي جن ۾ 155,000 ڪرو (عملي جا) ڪارڊ شامل آهن بجلي ۽ پاڻي جا الڳ ڪنيڪشن ڪولڊ اسٽوريج جي بحالي: اجلاس ۾ فشر مين ڪوآپريٽو سوسائٽي پاران اٿاريل آپريشنل ۽ انفراسٽرڪچر جي مسئلن جو به جائزو ورتو ويو سوسائٽي رپورٽ ڪيو ته هڪ بجليءَ جو ميٽر هٽايو ويو هو جڏهن ته 5.7 ملين رپين جو بل جاري ڪيو ويو هو جنهن کي هن وڌيڪ قرار ڏنو ۽ ميٽر جي غير موجودگي ۾ بلنگ تي خدشا ظاهر ڪيا ان معاملي جو نوٽيس وٺندي وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته معاملي کي حل ڪرڻ ۽ صحيح ميٽرنگ ۽ بلنگ کي يقيني بڻائڻ لاءِ بجليءَ جو الڳ ڪنيڪشن فراهم ڪيو وڃي. وڏي وزير فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ جي وزير محمد علي ملڪاڻي کي بجلي جي بل جو مسئلو حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن لاڳاپيل کاتي کي هاربوري جي آپريشنل گهرجن کي پورو ڪرڻ ۽ سيفوڊ جي برآمدات بابت يورپي يونين جي گهرجن تي عملدرآمد ۾ مدد لاءِ هاربوري کي پاڻي جو الڳ ڪنيڪشن فراهم ڪرڻ جي به هدايت ڪئي اجلاس ۾ هاربري جي ڪولڊ اسٽوريج جي سهولت جي بحالي تي پڻ بحث ڪيو ويو جيڪا سيفوڊ جي معيار کي برقرار رکڻ ۽ هينڊلنگ جي انتظامن کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهم آهي وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي معاملي جو جائزو وٺڻ ۽ سهولت کي بحال ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ آئس ڊيلرز پاران آئس باڪسز ۾ سيفوڊ اسٽور ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيل ريڊ زون ۾ رستن تي قبضي جو پڻ جائزو ورتو ويو وڏي وزير هدايت ڪئي ته اهڙين سرگرمين کي منظم ڪيو وڃي ۽ رستن تي غير قانوني قبضن کي هٽايو وڃي ته جيئن سهولت سان آمد و رفت ۽ هاربوري جي سهولتن جو صحيح استعمال يقيني بڻائي سگهجي نيون نيلامي هال ۽ مڇي وڪڻندڙن لاءِ جڳهه: اجلاس ۾ مڇيءَ جي نيلامي جي تنظيم کي بهتر بڻائڻ ۽ صحيح طور تي مخصوص ڪيل تجارتي جڳهن جي کوٽ کي حل ڪرڻ جي ضرورت تي بحث ڪيو ويو. فشر مين ڪوآپريٽو سوسائٽي هوٽلن کي هٽائڻ ۽ K-6تي نئون نيلامي هال قائم ڪرڻ سان گڏ مڇي وڪڻندڙن لاءِ مخصوص جڳهه مختص ڪرڻ بابت مسئلا اٿاريا. وڏي وزير فشريز جي وزير کي هدايت ڪئي ته انهن تجويزن جو جائزو وٺي مناسب انتظام تيار ڪري ته جيئن رش کي گهٽائي سگهجي، قانوني تجارتي سرگرمين کي سهولت ڏني وڃي ۽ رستن ۽ گڏيل علائقن جي غير مجاز استعمال مان پيدا ٿيندڙ ٽڪرائن کي روڪي سگهجي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مڇي جي هينڊلنگ ۽ نيلامي کي اهڙي نموني منظم ڪيو وڃي جيڪو مهاڻن ۽ واپارين جي مدد ڪري ۽ گڏوگڏ سيڪيورٽي، صفائي ۽ هاربوري جي ڪارآمد آپريشنز کي يقيني بڻائي سيفوڊ جي برآمدات تي سخت نگراني: وڏي وزير ڪراچي فش هاربور کان ٻاهر ڪم ڪندڙ سيفوڊ برآمد ڪندڙن جي سخت ريگيوليشن جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو اجلاس ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت پاليسين ۽ حڪمت عملين جي ضرورت تي بحث ڪيو ويو ته هاربوري کان ٻاهر ڪيون ويندڙ سيفوڊ جي برآمداتي سرگرمين کي صحيح نموني دستاويزي شڪل ڏني وڃي ۽ سرڪاري رڪارڊ ۾ صحيح نموني ظاهر ڪيو وڃي وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي مانيٽرنگ ۽ ڊيٽا جي شفافيت کي مضبوط ڪرڻ، ٽريسيبلٽي کي بهتر بڻائڻ ۽ برآمداتي دستاويزن ۾ هينڊل ۽ برآمد ڪيل مقدار کي صحيح طور ظاهر ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ مبينا طور تي غير قانوني مڇي جي گودامن تي پڻ خدشا ظاهر ڪيا ويا جيڪي فشر مين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي روينيو جنريشن کي متاثر ڪري رهيا آهن ان سان گڏ ٽريسيبلٽي دستاويزن ۽ برآمداتي دعوائن ۾ رڪارڊ ڪيل وزن ۾ فرق تي پڻ خدشا ظاهر ڪيا ويا. وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي انهن مسئلن جو جائزو وٺن ۽ لاڳو ٿيندڙ قاعدن جي مطابق مناسب ڪارروائي ڪن ته جيئن روينيو جي نقصان کي روڪي سگهجي، احتساب کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ سيفوڊ جي هينڊلنگ ۽ برآمداتي آپريشنز ۾ شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس ۾ K-1جي تڪميل لاءِ مالي مدد جي ضرورت ۽ ڪورنگي هاربور کي تحويل ۾ وٺڻ جي تجويز تي پڻ بحث ڪيو ويو وڏي وزير فشريز جي وزير کي هدايت ڪئي ته گرانٽ ۽ ڪورنگي هاربور لاءِ ڪيس هڪ تجويز پيش ڪري. 2.77 ارب رپين جي بحالي اسڪيم زير تڪميل اجلاس ۾ سالياني ترقياتي پروگرام تحت ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ پاران هلي رهيل ڪراچي فش هاربور جي ايڪسٽرنل سروسز جي بحالي ۽ مرمت واري اسڪيم جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو هن اسڪيم جي اندازي مطابق لاڳت 2.779 ارب رپيا آهي،جنهن مان 1.426 ارب رپيا استعمال ڪيا ويا آهن جنهن سان لڳ ڀڳ 1.353 ارب رپيا باقي آهن مالي سال 2026-27 لاءِ 311 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن،جن جي مقابلي ۾ 46.65 ملين رپيا جاري ڪيا ويا آهن بريفنگ مان معلوم ٿيو ته ڊاهڻ جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي،جڏهن ته پاڻي جا ڪم 90 سيڪڙو،سيوريج نيٽورڪ جا ڪم 80 سيڪڙو فائر فائٽنگ سسٽم 60 سيڪڙو لاڳاپيل عمارتون 80 سيڪڙو مکيه چارديواري ديوار 90 سيڪڙو ۽ رستا 90 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪا آهن ٻاهريون اليڪٽريڪل ڪم 30 سيڪڙو مڪمل ٿيڻ جي رپورٽ ڪئي وئي

بقايا 14 روزاني عبرت

بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) جي گورننگ باڊي جو 1200هون اجلاس سوڪ سينٽر ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ اداري جي انتظامي، مالي ۽ ترقياتي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس دوران رٽائرڊ ملازمن جي رقمن ۽ پينشن جي ادائيگي اداري جي مالي وسيلن ۾ اضافي، سرڪاري زمين تان غيرقانوني قبضن ۽ تجاوزات جي خاتمي ۽ لينڊ رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ سميت اهم معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه هدايت ڪئي ته سافٽ انڪروچمينٽ جو فوري خاتمو آندو وڃي ۽ ان حوالي سان حتمي فهرست تيار ڪئي وڃي. هن چيو ته ڪي ڊي اي جي فلاحي پلاٽن تي غيرقانوني قبضي يا ناجائز استعمال ڪندڙن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي ويندي اجلاس ۾ نيلام ڪيل پلاٽن جي مالڪن کي رقمن جي هڪ ئي وقت مڪمل ادائيگي ڪرڻ تي 25 سيڪڙو رعايت ڏيڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو اجلاس ۾ گورننگ باڊي جا ميمبر علي احمد جان، ميمبر صوبائي اسيمبلي محمد يوسف بلوچ، ميمبر صوبائي اسيمبلي ڊاڪٽر وسيم احمد شمشاد، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ حسن نقوي، ڪمشنر ڪراچي عبدالصمد جلاني، ميمبر ٽيڪنيڪل نويد انور صديقي، ميمبر فنانس ۽ فريد شيخ ميمبر ايڊمنسٽريشن پڻ موجود هئا. اجلاس دوران گورننگ باڊي جي سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي زين العابدين انصاري، صوبائي وزير بلديات کي اداري جي موجوده مالي صورتحال ۽ رٽائرڊ ملازمن جي رقمن جي ادائيگي بابت تفصيلي آگاهي ڏني. هن ٻڌايو ته پينشنرز ۽ رٽائرڊ ملازمن جي رقمن جي ادائيگي اداري جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ان سلسلي ۾ اثرائتي اڳڀرائي ممڪن بڻائي سگهجي ٿي ان موقعي تي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه واضح ڪيو ته ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن جي بروقت ادائيگي کي اوليت ڏني وڃي، ڇاڪاڻ ته اها سندن بنيادي حق آهي. هن چيو ته ملازم رٽائرمينٽ کان پوءِ پنهنجي پينشن ۽ رقمن جي ادائيگي جا منتظر رهندا آهن تنهن ڪري ادائيگين ۾ غيرضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي. هن يقين ڏياريو ته رٽائرڊ ملازمن جي رقمن جي ادائيگي لاءِ سنڌ حڪومت جو سهڪار جاري رهندو هن ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته پينشنرن ۽ رٽائرڊ ملازمن کي مالي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ هڪ قابل عمل حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي. سرڪاري زمين جي تحفظ ۽ اداري جي آمدني ۾ اضافي بابت اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪي ڊي اي پنهنجي زمين تان غيرقانوني قبضن جي خاتمي ۽ موجود زمينن کي مؤثر نموني استعمال ۾ آڻڻ لاءِ قدم کڻڻ جو ارادو رکي ٿو صوبائي وزير بلديات هدايت ڪئي ته نيلامي کان اڳ لاڳاپيل پلاٽن تان سمورين تجاوزات ختم ڪرايون وڃن ۽ قانوني تقاضا انتظامي گهرجون پوريون ڪرڻ کان پوءِ ئي انهن کي نيلامي لاءِ پيش ڪيو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته پلاٽن جي منصفاڻي ۽ شفاف قيمت مقرر ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٿرڊ پارٽي ذريعي انهن جي مارڪيٽ ويليو جو ڪاٿو لڳرايو وڃي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سڌارا ۽ نوجوانن جون اميدون
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
پاڪستان، خطرو اڃا ٽريو ناهي...؟
صفحو 4

تن ملڪن سان لڳندڙ سرحد تي ڇڪتاڻ: سلامتي ۽ سفارتڪاريءَ لاءِ چئلينج!
اياز وگهيو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ...... 22 آڪٽوبر
صفحو 4

قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن پاران محبت سنڌ ريلي جي سلسلي ۾ مٽياري جو دورو

نوان صوبا ڏاهڻ نه قانون جي گهرج آهن، نه ئي عوام ۽ ملڪ جي مفاد ۾ آهن. پر ڪجهه ڌريون انتشار چاهيون ٿيون: ايڊووڪيٽ مظهر علي

جيڪڏهن انتظامي مشينري نااهليءَ جو شڪار ۽ نظام ڪرپشن ۾ ورتل آهي ته نوان صوبا ڏاهڻ بدران بهترين موجوده نظام ۾ سڌارا آندا وڃن

ملڪ ۾ سماجي ۽ معاشي بحران سبب عوام سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائيءَ جي اثرن غريب طبقي کي بيوڙهي چاڙهيو آهي

مٽياري(ذ ر) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن 23 آڪٽوبر تي منعقد ٿيندڙ محبت سنڌ ريلي جي سلسلي ۾ مٽياري جو دورو ڪيو. ان موقعي تي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ مظهر علي الطاف خاصخيلي، اشرف پليجو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نوان صوبا ڏاهڻ نه قانون جي گهرج آهن، نه ئي عوام ۽ ملڪ جي مفاد ۾ آهن. پر ڪجهه ڌريون پنهنجي ذاتي مفادن خاطر اهڙيون تجويزون پيش ڪري رهيون آهن. هنن چيو ته صوبن اندر قائم ضلعا ۽ ڊويزنون به انتظامي يونٽ آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن انتظامي مشينري نااهليءَ جو شڪار ۽ نظام ڪرپشن ۾ ورتل آهي ته نوان صوبا ڏاهڻ بدران بهترين موجوده نظام ۾ سڌارا آندا وڃن، جيئن عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون ۽ فائدا ملي سگهن. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته ڪجهه ڌرين جي مطالبن تي نون صوبن جي قيام جون ڳالهيون ڪرڻ بدران عوام جي حقيقي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هنن الزام هنيو ته ڪراچي ۾ دهشتگردي بابت کليل نموني ڳالهيون ڪندڙ ڌرين کان پڇاڻو نه ڪيو وڃي. جڏهن ته چيئرمين اياز لطيف پليجو سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿو ته ڪيس اين سي سي پاران نوٽيس موڪليو وڃي ٿو. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ سماجي ۽ معاشي بحران سبب عوام سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي مهانگائيءَ جي اثرن غريب طبقي ڪانئي وچولي طبقي کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري عوامي مسئلن تي ضابطو آڻڻ بدران بيچيني ۽ افراتفريءَ واري صورتحال پيدا ڪرڻ مناسب ناهي. هنن واضح ڪيو ته قومي عوامي تحريڪ نون صوبن جي قيام واري تجويز کي رد ڪري ٿي ان سلسلي ۾ سڄي سنڌ ۾ جلسا ڪري اهو پيغام ڏنو ويندو ته سنڌ ۾ نوان صوبا قبول نه ڪيا ويندا. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اهڙي قسم جي ڪا به اڳڀرائي ڪئي وئي ته سنڌين جماعت روڊن رستن تي نڪري احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو حق رکي ٿي

مٽياري: ايڊووڪيٽ مظهر علي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٽنڊوالهيار ۾ ”ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم“ جو انعقاد

ٽنڊوالهيار(ذ ر) ٽنڊوالهيار ۾ عوامي خدمتن بابت شهرين جي خدشن ۽ مسئلن تي غور ويچار لاءِ ”ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم“ جو انعقاد ڪيو ويو سٽيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (CNBA)جي پارٽنر تنظيم سنڌ هيلٿ اينڊ ايجوڪيشن ڊيوليپمينٽ سوسائٽي (SHEDS)پاران ضلعي ٽنڊوالهيار ۾ ”ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم“ (عوامي احتساب فورم) منعقد ڪيو ويو فورم جو مقصد صحت، تعليم ۽ بلدياتي خدمتن جي فراهمي بابت شهرين جي تجربن راين ۽ خدشن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ هو واضح رهي ته سٽيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (CNBA)سول سوسائٽي جي تنظيمن جو هڪ ملڪ گير نيٽ ورڪ آهي، جيڪو سينٽر فار پيس اينڊ ڊيوليپمينٽ انيشيئيٽوز (CPDI)جي نگرانيءَ هيٺ ڪم ڪري ٿو سي پي ڊي آءِ ان سلسلي ۾ تحقيق، فني سهڪار ۽ رهنمائي فراهم ڪري ٿو جڏهن ته نيٽ ورڪ ۾ شامل پارٽنر سول سوسائٽي جون تنظيمون مقامي برادرين ۽ لاڳاپيل ڌرين کي گڏ ڪئي هلڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون فورم ۾ شيڊس جي پروگرام آفيسر ثنا گلزار سميت لاڳاپيل ڌرين، مقامي شهرين استادن صحت جي شعبي سان لاڳاپيل ماهرن، بلدياتي نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن پنهنجا تجربا ونڊيا، عوامي خدمتن جي فراهمي دوران پيش ايندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهن معاملن تي بحث ڪيو جن ڏانهن حڪومت جي فوري توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي فورم دوران صحت جي سهولتن جي دستيابي ۽ معيار، سرڪاري اسڪولن ۾ استادن جي حاضري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي سترائي، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ ڪچري کي مناسب طريقي سان ٺڪاڻي لڳائڻ جهڙن اهم موضوعن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بحث دوران شرڪت ڪندڙن ”ڪميونٽي اسڪور ڪارڊ“ ذريعي عوامي خدمتن جو جائزو ورتو ۽ هڪ کان پنجن نمبرن جي پيماني تي پنهنجي گڏيل راءِ رڪارڊ ڪئي

ايس پي ڊي آءِ پاران حيدرآباد ۾ ٻن ڏينهن وارو ميڊيا تربيتي ورڪشاپ

ماريه عمران، ذاهد عبدالله ۽ فيصل مختلف موضوعن تي صحافين کي تربيت ڏني

گروپن پاران به تحقيقي بنيادن تي تفصيلي معلومات تي ڳالهايو ويو، سرٽيفڪيٽ تقسيم

ملي (ذ ر) سماجي اداري ايس پي ڊي آءِ پاران حيدرآباد جي هڪ نجي هوٽل ۾ ٻن ڏينهن وارو ميڊيا تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن جي صحافين ماريه ميمڻ هما عباسي وڪي ۽ سماج سڌارڪ شبير جعفري، راشد رولاڪ لغاري، اينڪر طاهره جويو ٽنڊلال لوهاڻو مريم صدقي ساجد بجير پون ڪمان اهيڪر رضوي، ڪاشف عباسي، نظام سمون سميت ٻين صحافين به شرڪت ڪئي. جڏهن ته سينئر صحافڻ ماريه عمران ۽ سينيئر ٽرينر ذاهد عبدالله ۽ فيصل مختلف موضوعن تي صحافين کي تربيتي جاڻ ڏني ۽ صحافت ۾ لاپرواهي ۽ غفلت بابت مثال پيش ڪندي صحافت ۾ ذميواري بابت دليلن سان جاڻ پڻ فراهم ڪئي ۽ گروپن پاران به تحقيقي بنيادن تي تفصيلي معلومات تي ڳالهايو ويو. آخر ۾ تربيتي ورڪشاپ ۾ حصو وٺندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ به ورهايا ويا ۽ ڀرپور خوشي جو اظهار ڪيو ويو.

ملي: ايس پي ڊي آءِ پاران حيدرآباد ۾ ٻن ڏينهن وارو ميڊيا تربيتي ورڪشاپ ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا پيا وڃن

خيرپور ۾ آبپاشي کاتي جي نااهلي، روهڙي ڪئنال آر پي سائيڊ هنڌان هنڌان اکڙي زبون ٿي وئي

گذريل ٻن مهينن کان آر ڊي 106 ۽ آر ڊي 107 وٽان وڏي گهاري لڳڻ جو خدشو، آبپاشي کاتي ڌيان نه ڏنو

اهڙي صورتحال هجڻ بعد به ايريگيشن کاتي جو ڪو عملدار هتي نه پهتو آهي جنهن سبب سخت پريشان آهيون: ڳوٺاڻا

ايريگيشن کاتي کي حفاظتي بندن جي مرمت لاءِ اربين روپيا بجيٽ هوندي به ڪنهن سار سنڀال نه لڌي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(ذ ر) ايريگيشن کاتي خيرپور جي مبينا سنگين نااهلي ۽ لاپرواهي سبب روهڙي ڪئنال آر پي سائيڊ هنڌان هنڌان اکڙي زبون ٿي وئي، شديد وڏي گهاري جو خطرو وڌي ويو تفصيل موجب ايريگيشن کاتي خيرپور جي مبينا سنگين نااهلي لاپروائي سبب روهڙي ڪئنال جي آر پي سائيڊ آر ڊي 106 ۽ آر ڊي 107 وٽان حفاظتي بند ٽٽڻ جو خدشو وڌي ويو آهي. جڏهن ته روهڙي ڪئنال آر پي سائيڊ وارو حفاظتي بند هنڌا هنڌ به اکڙي زبون حال جو شڪار ٿي ويو آهي ايريگيشن کاتي خيرپور جي عملدارن جي بي ڌياني لاپرواهي سبب گذريل ٻن مهينن کان آر ڊي 106 ۽ آر ڊي 107 وٽان وڏي گهاري لڳڻ جو خدشو وڌي وڃڻ باوجود سوين ڳوٺن ۽ فصلن جو نقصان ٿي سگهي ٿو اهڙي صورتحال هجڻ بعد به ايريگيشن کاتي جو ڪو عملدار هتي نه پهتو آهي جنهن سبب سخت پريشان آهيون علائقي واسين جو چوڻ هو ته ايريگيشن کاتي کي حفاظتي بندن جي مرمت لاءِ اربين روپيا بجيٽ هوندي به ڪنهن سار سنڀال نه لڌي آهي جنهن سبب ڏينهن رات پريشانين ۾ مبتلا آهيون نوٽيس وٺي روهڙي ڪئنال جي حفاظتي بند جو جلد ڪم ڪرايو وڃي، ٻئي پاسي ايريگيشن کاتي جي عملدارن سان موقف لاءِ رابطي جي ڪوشش ڪئي وئي پر ڪنهن به عملدار فون اٽينڊ نه ڪئي.

ٺري ميرواهه تعلقي ۾ اٽي جا اگهه چوٽ چڙهيل، غريب طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان

سنڌ حڪومت طرفان ڪڻڪ سستي اگهه تي خريد ڪرڻ باوجود مارڪيٽ ۾ في ڪلو اٽو 170 روپيا وڪرو

فلور مل ۽ چڪي مالڪان سستي اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ باوجود اٽي جا اگهه بيٺا ڪري ڇڏيا، ڪنهن اک نه پٽي

جيڪڏهن اٽي جي اگهن کي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته غريب ماڻهن لاءِ پنهنجن ٻچن کي هڪ ويلو ماني کارائڻ به هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويندو: پورهيت

ٺري ميرواهه(رپورٽ: گلاب سهتو) ٺري ميرواهه سيٺارجا سميت تعلقي جي مختلف علائقن ۾ اٽي جي وڌندڙ اگهن غريب خاندانن جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي خاص طور تي ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدور پورهيت، گهٽ آمدني وارا ملازم، بيواهه عورتون ۽ ضرورتمند خاندان مهانگائي اٽي سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن روزانو مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندڙ پورهيتن جو چوڻ آهي ته وڌندڙ مهانگائي سبب گهر جو خرچ هلائڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. جڏهن ته ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه وڌڻ ڪري سندن مالي پريشانين سبب زندگي جيئڻ مشڪل ٿي وئي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته حڪومت ڪڻڪ سستي اگهه تي خريد ڪرڻ باوجود فلور مل چڪي مالڪان اٽو في ڪلو 170 روپيا جڏهن ته في مڻ 6 هزار 8 سئو روپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو آهي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ خدشو آهي ته اٽو في ڪلو 200 روپيا وڪرو ٿيندو جنهن سبب غريب طبقي کي مهانگو اٽو ملي رهيو آهي ان صورتحال جو نوٽيس وٺڻ ضروري آهي اٽي سميت روزمره جي استعمال وارين شين جي وڌندڙ قيمتن غريب عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. پر افسوس انتظاميه طرفان اگهن تي ضابطو يا ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي به قدم نظر نٿا اچن ۽ پورهيت مزدور طبقي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه خوراڪ کاتي خيرپور جي خاموشي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن اٽي جي اگهن کي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته غريب ماڻهن لاءِ پنهنجن ٻچن کي هڪ ويلو ماني کارائڻ به هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويندو حڪومت سنڌ عوام کي بنيادي ضرورتن جون شيون مناسب اگهن تي فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائي ۽ ذخيره اندوزي يا ناجائز منافعي خوري جي شڪايتن جي جاچ ڪرائي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه ۽ خوراڪ کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته اٽي جي اگهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن اٽي جي چڪين ۽ دڪانن تي سرڪاري اگهن جي پابندي يقيني بڻائي وڃي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي جيئن غريب ۽ پورهيت طبقو گهٽ ۾ گهٽ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪري سگهي

پاڪستان ڏکي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي: مولانا زاهد الراشدي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)پاڪستان شريعت ڪائونسل جي مرڪزي امير شيخ الحديث مولانا زاهد الراشدي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پاڪستان هن وقت اندروني مسئلن ۽ ٻاهرين مداخلت جهڙين ڏکي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي پچڪڙي توڙي انهن کي سبوتاژ ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي ملڪ جي سلامتي استحڪام ۽ قومي مفادن جي تحفظ لاءِ سمورين قوتن طبقن ۽ سياسي جماعتن کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو،هن چيو ته ملڪ کي سامهون ايندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي اتحاد ۽ گڏيل حڪمت عملي وقت جي اهم ضرورت آهي سياسي اختلافن کي ٽڪراءُ بدران ڳالهين ذريعي حل ڪيو وڃي، جڏهن ته ديني ۽ سياسي جماعتون قومي مفادن کي اوليت ڏينديون گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن،هن چيو ته وچ اوڀر ۽ فلسطين ۾ جاري ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ خطرو بڻيل آهي جڏهن ته حرمين شريفين کي درپيش خطرن جي حوالي سان اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) کي پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي،هن چيو ته ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ سمورن ڌرين کي ذميواري جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ ته قومي اتحاد، آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ گڏيل ڪوششن سان ئي ملڪ کي درپيش مسئلن تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

ڏگهڙي پرسان عورت تي مبينا تشدد، زخمي، احتجاج

ابڙنگ جي رهواسڻ بانو زال عبدالڪريم ڪوري مبينا تشدد خلاف احتجاج ڪيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي متاثر عورت سان ڳالهيون ڪري احتجاج ختم ڪرايو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان عورت تي مبينا تشدد، زخمي عورت جو احتجاج. ڏگهڙي مٺي مين روڊ بلاڪ هڪ نوجوان حراست ۾. ڏگهڙي پرسان ڳوٺ جلال ابڙنگ ۾ عورت تي مبينا تشدد جو واقعو پيش آيو جتي زخمي عورت احتجاج ڪندي ڏگهڙي مٺي مين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، جنهن سبب ٽريفڪ جي آمدرفت متاثر ٿي تفصيل موجب ڏگهڙي پرسان ڳوٺ جلال ابڙنگ جي رهواسڻ بانو زال عبدالڪريم ڪوري مبينا تشدد خلاف احتجاج ڪندي مين ڏگهڙي مٺي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي ڏگهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي متاثر عورت سان ڳالهيون ڪري احتجاج ختم ڪرايو جنهن بعد ٽريفڪ بحال ٿي وئي پوليس زخمي عورت بانو ڪوري کي طبي امداد لاءِ ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري تعلقي اسپتال ڏگهڙي روانو ڪري ڇڏيو اسپتال ۾ صحافين سان ڳالهائيندي عورت الزام هنيو ته ڳوٺ جي نوجوان وليد ابڙنگ کيس پنهنجي گهر ۾ صفائي جو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو انڪار ڪرڻ تي نوجوان مبينا طور لٺين سان تشدد ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو ٻئي طرف ڏگهڙي پوليس عورت تي تشدد ڪرڻ جي الزام ۾ نوجوان وليد ابڙنگ کي حراست ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته پوليس واقعي جي وڌيڪ تفتيش ڪري رهي آهي

ڏگهڙي: تشدد جو نشانو بڻايل عورت دانهين رهي آهي

ٺري ميرواهه ۾ ڳوٺ منج علي پنجابي جي رهواسڻ جو احتجاج

ٻه سال اڳ ميان پنجابي کي ٻه ايڪڙ زمين مقاطعي تي ڏني: عائشه شر

پورو ٺيڪو باوجود زمين واپس وٺڻ لاءِ وڃڻ تي مٿس مبينا طور حملو ڪيو ويو

ٺري ميرواهه(ن ع) ڪاڪر شاخ پرسان ڳوٺ منج علي پنجابي جي رهواسڻ عائشه شر شهزادو شر ميرواهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس ٻن ايڪڙ زرعي زمين جيڪا ٻه سال اڳ ميان پنجابي سرور پنجابي اصغر پنجابي ۽ عبدالرزاق چنو کي مقرر مدي لاءِ مقاطعي تي ڏني هئي ان جو مدو پورو ٿيڻ باوجود زمين واپس وٺڻ لاءِ وڃڻ تي مٿس مبينا طور حملو ڪيو ويو ۽ هوائي فائرنگ پڻ ڪئي وئي عائشه شر شهزادو شر آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي مبينا طور حملي ۽ هوائي فائرنگ ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي

ميرپورخاص ۾ جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان محمد جوڻيجو خلاف ريلي

عبدالله شاهه خراساني خلاف گٿا لفظ ڳالهائڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اسان جي مرشد خلاف ڳالهائي پنهنجو قد وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: مظاهرين

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان محمد جوڻيجو پاران خراساني جماعت جي پيشوا عبدالله شاهه خراساني خلاف گٿا لفظ ڳالهائڻ خلاف ٽنڊو الهيار ضلع ڪائونسل جي چيئرمين دريا خان مري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ مري برادري جي ماڻهن سميت خراساني جماعت جي مريدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. موقعي تي مظاهري کي خطاب ڪندي دريا خان مري،محمد خان، وارث شاهه مستاڻ خاصخيلي، مير آچر مري ۽ ٻين چيو ته هڪ سياسي يتيم محمد خان جوڻيجو جيڪو پاڻ کي وڏو بااثر سمجهي ٿو اهو ڪپري ۾ هنگورجو برادري جي نوجوان جي قتل واري واقعي کي بنياد بڻائي اسان جي مرشد خلاف ڳالهائي پنهنجو قد وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي اسان اهڙي ڪريل حرڪت جي سخت مذمت ڪريون ٿا.هنن وڌيڪ چيو ته اسان واضح لفظن ۾ چئون ٿا ته اسان جي ماڻهن کي پرامن رهڻ ڏنو وڃي. اسان ڪنهن جي به خلاف نه آهيون پر جنهن به قانون هٿ ۾ کنيو آهي ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. ڪنهن به شخص جي ذات، برادري يا شخصيت خلاف غير مناسب ۽ توهين آميز لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.ٻئي صورت ۾ اسان جي احتجاج جو دائرو وسيع ٿي سگهي ٿو پوءِ مخالفن کي لڪڻ جي جڳهه نه ملندي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي وڏڙن اسان کي اهڙي تربيت ناهي ڏني اسان هڪ پرامن قوم آهيون ۽ هميشه امن ڀائيچاري ۽ احترام جو پيغام ڏنو آهي پر اسان پنهنجي مرشد خلاف ڪنهن به قسم جي توهين آميز ڳالهه کي هرگز برداشت نه ڪنداسين هنن چيو ته فوري طور جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان جوڻيجو کي معافي وٺڻ گهرجي هنن واسطيدار اختيارين کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته نوجوان جي قتل واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪنهن به شخص کي ذاتي يا سياسي اختلافن جي بنياد تي ڪنهن جي عزت ۽ وقار کي مجروح ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وڃي.

ميرپورخاص : جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان محمد جوڻيجو خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

گڏاپ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ۾ سينيٽيشن بابت اهم اجلاس

سينيٽري ورڪر صفائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٺوس قدم کڻن: ميونسپل ڪمشنر

صفائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: طارق عزيز بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي خاص هدايتن تي ميونسپل ڪمشنر سالڪ احمد پنو ٽيڪس، پارڪس ۽ صفائي (سينيٽيشن) کاتن جي عملدارن سان هڪ اهم اجلاس ڪيو. اجلاس ۾ انهن کاتن جي ڪارڪردگي، ٽيڪس وصولي جي نظام، پارڪن جي سار سنڀال ۽ صفائي جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر ٽيڪسز عبدالغفار ميراڻي، ڊائريڪٽر پارڪس محمد افضل لغاري ۽ ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ پنهنجي لاڳاپيل عملي سميت شريڪ هئا. ڳالهه ٻولهه جو مرڪزي نقطو انهن کاتن جي ڪم ڪار، کين درپيش چئلينجن ۽ عوام کي فراهم ڪيل ميونسپل خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف قدمن تي هو. ميونسپل ڪمشنر سالڪ احمد پنو عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي کاتن جي ڪارڪردگي وڌائڻ، ٽيڪس وصولي جي نظام کي منظم ڪرڻ، پارڪن جي مناسب سار سنڀال ۽ صفائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٺوس قدم کڻن. هن سمورن آفيسرن تي زور ڏنو ته اهي پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ محنت سان ادا ڪن. هڪ پيغام ۾، ٽي ايم سي گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته بنيادي ميونسپل خدمتون فراهم ڪرڻ، صفائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ، پارڪن جي بحالي ۽ هڪ شفاف ۽ اثرائتي ٽيڪس وصولي نظام کي يقيني بڻائڻ سندس اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته گڏاپ ٽائون جي شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ متوازن ترقي ۽ عوامي شڪايتن جو بروقت حل سندن بنيادي ذميواري آهي. هن سمورن لاڳاپيل کاتن کي سڏ ڏنو ته اهي باهمي تعاون، سخت محنت ۽ فرض شناسيءَ جي جذبي سان ڪم ڪن ته جيئن عوام کي هڪ بهتر ماحول ۽ اعليٰ معيار جون ميونسپل خدمتون فراهم ڪري سگهجن. عوام جي خدمت سندن بنيادي مقصد آهي ۽ گڏاپ ٽائون جي ترقي سندن پختو عزم آهي. ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ عوامي ڀلائي ۽ علائقي جي بهتري لاءِ پنهنجا سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ جو سلسلو جاري رکندي. ان موقعي تي ٽيڪس آفيسر رياض حميد بلوچ، ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ظاهر بلوچ، ٽيڪس آفيسر محمد شفيع عارب جوکيو، طارق جوکيو ۽ ٻيا موجود هئا.

ڪراچي: ميونسپل ڪمشنر سالڪ احمد پنو ڊائريڪٽر ٽيڪسز عبدالغفار ميراڻي سان ميٽنگ ڪندي

سڪرنڊ ٽائون ڪاميٽي پاران ”حُسن نعت“ پروگرام بابت گڏجاڻي

2 ۽ 3 نومبر تي ٽائون ڪاميٽي ۾ حسن نعت جو پروگرام ڪيو ويندو

پروگرام جي حوالي سان وڌيڪ معلومات جي لاءِ ٽي رڪني ڪاميٽي جوڙي آهي: عذير اختر شاهه

سڪرنڊ (ن ع) ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ پاران سڪرنڊ جي نجي ۽ سرڪاري اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ”حُسن نعت“ جي حوالي سان رٿيل پروگرام کي حتمي شڪل ڏيڻ جي لاءِ ٽائون چيئرمين سيد عذير اختر شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ايجوڪيشن ڪاميٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي جن ۾ قاضي جاويد سناٽي، جاويد لطيف قريشي، محمد الياس خانزاده، علامه جنيد انڙ عبدالرب راجپوت، اظهر خلجي ۽ حيدر خانزاده شامل هئا مختلف رايا اچڻ بعد طئي ڪيو ويو ته 2 ۽ 3 نومبر تي ٽائون ڪاميٽي ۾ حسن نعت جو پروگرام ڪيو ويندو جنهن ۾ هڪ اندازي موجب 130 کان وڌيڪ شاگرد حصو وٺندا اجلاس دوران چيئرمين سيد عذير اختر شاهه چيو ته پروگرام جي حوالي سان وڌيڪ معلومات جي لاءِ ٽي رڪني ڪاميٽي جوڙي آهي جنهن سان رابطو ڪري سگهجي ٿو ڪاميٽي ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سناٽي محمد الياس خانزاده ۽ جاويد لطيف قريشي شامل آهن اجلاس ڪانپوءِ ٽائون ڪاميٽي جي پارڪ جو پڻ معائنو ڪيو ويو جتي پروگرام ڪيو ويندو ان موقعي تي ڪائونسلر جاويد سومرو ۽ حيدر راجپوت پڻ موجود هئا

سڪرنڊ : ٽائون ڪاميٽي پاران ”حُسن نعت“ پروگرام بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

شيعا علماء ڪائونسل طرفان صوبائي اجلاس ۾ سندون تقسيم

پوري ٽيم کي تنظيمي حسن ڪارڪردگي تي ايوارڊ ۽ شيلڊ سان نوازيو ويو

قمبر شهدادڪوٽ پٺتي پيل ضلعو آهي پوءِ به سيد ساجد علي نقوي جي هر حڪم کي لبيڪ ڪيو: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ذ ر) شيعا علماء ڪائونسل طرفان صوبائي اجلاس ۾ رکيل اهم اجلاس ۾ شيعا علماء ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي صدر زوار صابر حسين وڙ ۽ خادم حسين جاگيراڻي کي شيعا علماء ڪائونسل جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ زهراء اڪيڊمي پاڪستان جي چيئرمين علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي ۽ صوبائي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي کي شيلڊ ڏنا ان موقعي تي زوار صابر حسين وڙ کي ضلع جي ڪارڪردگي جي حوالي سان سندن پوري ٽيم کي تنظيمي حسن ڪارڪردگي ايوارڊ سان نوازيو ويو ۽ خادم حسين جاگيراڻي کي تنظيمي خدمتن کي جي حوالي سان خراج تحسين شيلڊ ايوارڊ ڏنو ويو ان موقعي تي زوار صابر حسين وڙ خادم حسين جاگيراڻي ايوارڊ ملڻ تي ڳالهائيندي چيو ته ضلع قمبر شهدادڪوٽ هميشه تنظيم جي حوالي سان تمام سٺو ڪم ڪيو آهي ۽ اڳتي به ضلع قمبر شهدادڪوٽ جا تنظيمي دوست اهڙين بهتر ڪم ڪندا رهندا ڇاڪاڻ ته ضلعو قمبر شهدادڪوٽ پٺتي پيل ضلعو آهي پوءِ به سيد ساجد علي نقوي جي هر حڪم کي لبيڪ ڪيو آهي ۽ پوري پاڪستان ۾ ضلع قمبر شهدادڪوٽ ضلع جو نالو ٿيو آهي هنن شيلڊ ملڻ تي مرڪزي جنرل سيڪريٽري علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي، علامه سيد اسد اقبال زيدي، علي عظمت بلوچ جو شڪريو ادا ڪيو

شهدادڪوٽ: زوار صابر حسين وڙ خادم حسين جاگيراڻي کي تنظيمي ايوارڊ ڏنا پيا وڃن

خيرپور ۾ ڏوهارين ۽ منشيات فروش خلاف پوليس جو ڪريڪ ڊائون

پوليس پاران ڪريڪ ڊائون ڪندي 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو، ڪيس داخل

گرفتار جوابدارن ۾ بشارت لانگاهه ارمان حقدار شيخ بابو شاهه ۽ عبد الستار ڪانهر شامل

خيرپور(ذ ر) منشيات فروش اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن خلاف پوليس جو ڪريڪ ڊائون جوابدار گرفتار خيرپور پوليس پاران منشيات فروش، اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي موجب ڪارروائيون هيرلو رانيپور ۽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ ڪيون ويون. گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.ايس ايس پي امير سعود مگسي موجب گرفتار جوابدارن ۾ بشارت لانگاهه ارمان حقدار شيخ بابو شاهه ۽ عبد الستار ڪانهر شامل آهن. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ چرس ۽ نشي آور سوپاريون هٿ ڪيون ويون آهن.پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي، جڏهن ته منشيات فروشن ۽ ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث اشتهاري توڙي روپوش جوابدارن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون

سنڌ ۾ دريائن، واهن، جر جي پاڻي ۽ سامونڊي نظام کي گندي پاڻي جي نيڪال سبب سنگين خطرا لاحق

ڪراچي، لاهور ۽ فيصل آباد گندو پاڻي پيدا ڪندڙ وڏن شهرن ۾ شامل، صنعتي فضلي ۽ گندي پاڻي سبب پاڻي جي آلودگي وڌڻ جو خدشو

ڪراچي جي سامونڊي ڪناري تي نمر جا ٻيلا ختم ٿي رهيا آهن جڏهن ته ٺٽي ۽ سجاول جي علائقن ۾ نمر جي ٻيلن جي پکيڙ ۾ واڌ ٿي آهي: ماهر

پاڪستان جي 10 وڏن شهرن ۾ ساليانو لڳ ڀڳ 1.334 ارب ڪيوبڪ ميٽر گندو پاڻي پيدا ٿئي ٿو، جن ۾ ڪراچي، لاهور ۽ فيصل آباد نمايان آهن

ٽنڊوڄام (ن ع) پاڻي ماهرن ۽ محققن خبردار ڪيو آهي ته سنڌ ۾ دريائن، واهن، جر جي پاڻي ۽ سامونڊي ماحولياتي نظام کي گندي پاڻي جي نيڪال سبب سنگين خطرا لاحق آهن جڏهن ته صنعتي گندلي ۽ گهريلو نيڪاسي واري پاڻي کي صفائي کانسواءِ آبي ذخيرن ۾ ڇوڙ ڪرڻ سبب انساني صحت، آبي جيوت ۽ پاڻي جي تحفظ جا مسئلا وڌي رهيا آهن. ان ڪري گندي پاڻي جي اثرائتي صفائي ۽ ان جي محفوظ ٻيهر استعمال لاءِ فوري ۽ گڏيل قدم کڻڻ ضروري آهن. ماهرن پاران اهڙو اظهار سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي شعبي انرجي اينڊ انوائرنمينٽ پاران سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي مالي سهڪار سان جاري تحقيقي منصوبي جي سيمينار دوران ڪيو ويو هن منصوبي جو مقصد ڀرواڙي وارن علائقن لاءِ گهٽ خرچ ۽ مقامي وسيلن سان گندي پاڻي جي صفائي جا نظام تيار ڪرڻ ۽ صاف ڪيل پاڻي جي محفوظ ٻيهر استعمال کي هٿي ڏيڻ آهي. سيمينار جي صدارت ڪندي سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته گهريلو گندي پاڻي ۽ صنعتي فضلي کي صفائي کانسواءِ دريائن ۽ واهن ۾ ڇوڙ ڪرڻ سبب خاص طور هيٺاهين وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي آلوده پاڻي واپرائڻ سبب پکڙجندڙ بيمارين جو مهاڏو آهي هن سنڌو درياهه جي پاڻي ۾ ٽوٽل ڊزولوڊ سولڊز (ٽي ڊي ايس) جي مقدار لڳ ڀڳ هڪ هزار تائين پهچڻ بابت رپورٽن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته ان جا سبب ۽ اثر معلوم ڪرڻ لاءِ سائنسي جاچ ضروري آهي ساحلي علائقن جي صورتحال بابت ڳالهائيندي وائيس چانسلر چيو ته ڪراچي جي سامونڊي ڪناري تي نمر جا ٻيلا ختم ٿي رهيا آهن جڏهن ته ٺٽي ۽ سجاول جي علائقن ۾ نمر جي ٻيلن جي پکيڙ ۾ واڌ ٿي آهي. هن ٻڌايو ته ٺٽي ۽ سجاول جي علائقن ۾ شگر ملن سان منسوب ڪاري ڳاڙهي رنگ جي گندي پاڻي جي نالن ۽ واهن ذريعي نديءَ ۾ ڇوڙ ٿيڻ وارين رپورٽن تي به ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته اهڙي عمل سان ٻنيون تباهه ۽ زمينون خراب ٿي رهيون آهن فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي ڊين ڊاڪٽر منير احمد منگريو چيو ته سنڌ ۾ 10 هزار کان وڌيڪ صنعتون موجود آهن جڏهن ته حيدرآباد ۾ لڳ ڀڳ 360 صنعتي يونٽن پاران مبينا طور گندو پاڻي صفائي کانسواءِ ڦليلي ۽ اڪرم واهه سميت سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪيو پيو وڃي هن صنعتي فضلي جي مناسب صفائي ۽ آبي وسيلن کي آلودگي کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ تي زور ڏنو تحقيقي منصوبي جي سربراهه ۽ شعبي انرجي اينڊ انوائرنمينٽ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمود لغاري چيو ته سنڌ جي ڪيترن ئي ڀرواڙي وارن علائقن ۾ گندي پاڻي کي گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ جا مرڪزي نظام موجود ناهن تنهنڪري مقامي طور موجود مواد مان گهٽ خرچ وارا متبادل نظام تيار ڪرڻ اهميت رکن ٿا. هن ٻڌايو ته تحقيق دوران ٻجري، ٻوٽن مان حاصل ٿيندڙ مواد ۽ بايوچار کي فلٽر طور استعمال ڪري گهريلو گندي پاڻي جي صفائي جا امڪان جاچيا پيا وڃن ته جيئن ڀرواڙي جي آبادين لاءِ ڪارائتا حل پيش ڪري سگهجن پاڪستان ڪائونسل آف ريسرچ ان واٽر ريسورسز (پي سي آر ڊبليو آر) جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نذر گل وڏن شهرن ۾ گندي پاڻي جي پيداوار بابت انگ اکر پيش ڪندي ٻڌايو ته سندس پريزنٽيشن ۾ شامل ڪاٿي موجب پاڪستان جي 10 وڏن شهرن ۾ ساليانو لڳ ڀڳ 1.334 ارب ڪيوبڪ ميٽر گندو پاڻي پيدا ٿئي ٿو جن ۾ ڪراچي لاهور ۽ فيصل آباد نمايان آهن هن چيو ته اهو پاڻي دريائن واهن نيڪال جي رستن زرعي زمينن ۽ ڀرسان سمنڊ سميت مختلف هنڌن تي ڇوڙ ڪيو وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته گندي پاڻي جي مناسب صفائي ۽ زرعي آبپاشي ۾ پاڻي جي بهتر استعمال سان آلودگي گهٽائڻ ۽ مٺي پاڻي جي ذخيرن تي دٻاءُ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي اسسٽنٽ سائنٽيفڪ آفيسر نسرين پناهڙ چيو ته دريائن ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ گهٽتائي سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ زميني پاڻي تي ڀاڙڻ وڌي ويو آهي جڏهن ته نيڪال جي ناقص انتظام سبب معاچري ۽ زمين هيٺان موجود پاڻي جا ذخيرا به آلوده ٿي سگهن ٿا هن خبردار ڪيو ته صنعتي فضلي ۾ موجود ڳريون ڌاتون ۽ نقصانڪار ڪيميائي مادا آبي ماحولياتي نظام کي نقصان پهچائي سگهن ٿا جڏهن ته گهريلو گندي پاڻي ۾ موجود جراثيم ۽ ناسياتي آلودگي انساني صحت ۽ ماحول لاءِ خطرو آهن سيمينار کي شيراز احمد بروهي ۽ محترمه لاريب لغاري پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته ان موقعي تي يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن جو وڏو انگ موجود هو.

****

ٽنڊوڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ منعقد سيمينار ۾ مقرر خطاب ڪندي

خيرپور جي ايگريڪلچرل ڪاليج ۾ سائنسي ميلو

خيرپور(ذ ر) خيرپور: ايگريڪلچرل ڪاليج ۾ سائنسي ميلو شاگردن پاران جديد سائنسي ايجادن ۽ تحقيقي منصوبن جي نمائش خيرپور ايگريڪلچرل ڪاليج ۾ سائنسي ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن جو افتتاح شهيد بينظير ڀٽو ٽيڪنيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر ڪاليج جي پرنسپال سيد علي رضا شاهه سان گڏ ڪيو سائنسي ميلي ۾ مصنوعي ذهانت (آرٽيفيشل انٽيليجنس) تي ٻڌل جديد سافٽ ويئر ڪمپيوٽر پروگرامنگ، تحقيقي پوسٽر زرعي پيداوار مان تيار ڪيل غذائي شيون ۽ ٻيون جديد سائنسي ايجادون نمائش لاءِ رکيون ويون ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر ميلي ۾ لڳايل مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو شاگردن پاران تيار ڪيل سافٽ ويئر تحقيقي منصوبن ۽ ٻين سائنسي شين جو جائزو ورتو جڏهن ته شاگردن کان سندن عملي تجربن بابت پڻ جاڻ حاصل ڪئي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رسول بخش مهر چيو ته شاگردن پاران تيار ڪيل سائنسي منصوبا ۽ عملي تجربا سندن روشن مستقبل جي نشاندهي ڪن ٿا. جڏهن ته اهڙيون سرگرميون ملڪ جي ترقيءَ ۾ نوجوانن جي ڪردار کي نمايان بڻائينديون هن چيو ته نوجوانن کي فني تعليم جديد تحقيق ۽ صنعتي ترقيءَ جي منصوبن ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو جنهن سان مستقبل ۾ کين روزگار ۽ ڪاروبار جا نوان موقعا ملندا ۽ سندن صلاحيتن کي وڌيڪ هٿي ملندي سائنسي ميلي ۾ وڏي انگ ۾ شاگردن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا تيار ڪيل سائنسي منصوبا ۽ عملي تجربا پيش ڪري پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو

گهوٽڪي ۾ نماڻو سائين صوفي قادري قلندري رحمة الله عليه جو 12هون ساليانو عرس

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي مشهور صوفي بزرگ فقير هادي سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندري رحمة الله عليه جو 12هون ساليانو عرس مبارڪ ڳوٺ جلال خان گهوٽو ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو عرس مبارڪ جو افتتاح درگاهه عاليه جي سجاده نشين فقير سخي حاجن سائين عرف نوراني سائين صوفي قادري قلندر ۽ فقير سائين راڻو محمد شڪور شاڪر نماڻا درگاهه تي چادر چاڙهي ڪيو ان موقعي تي غسل مينڌي ۽ چادر چاڙهڻ جون رسمون ادا ڪيون ويون عرس مبارڪ جي تقريبن ۾ فقير نيڪ سيرت سائين فقير اخلاق احمد سائين، فقير ذوالفقار علي سائين، ناصر عباس چڍڙ سائين راڻو بهادر علي راڻو مون راجپوت سائين جان محمد وسيم راڻو محمد ناصر سائين بلال سائين، سائين عبدالجبار چنو اعجاز ڪولاچي محمد عيسيٰ ملڪ استاد نور محمد پلي، استاد نور محمد سومرو استاد امير بخش سومرو فقير مٺل سائين ۽ استاد محمد پريل چانڊيو سميت مريدن عقيدتمندن ۽ گهوٽڪي توڙي ڀرپاسي جي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي درگاهه عاليه جي سجاده نشين فقير سخي حاجن سائين عرف نوراني سائين صوفي قادري قلندر ۽ فقير سائين راڻو محمد شڪور شاڪر نماڻا چيو ته سنڌ صوفين اولياڻن ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي. جتي صوفي بزرگن هميشه محبت، ڀائيچاري، رواداري ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي هنن چيو ته فقير هادي سخي بابا نماڻو سائين به سنڌ جي هڪ عظيم صوفي شخصيت هئا، جن جي شاعري ۽ تعليمات اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن صوفي بزرگن ۽ اولياڻن جون درگاهون امن پيار محبت ۽ ڀائيچاري جي فروغ جا مرڪز آهن جتي انسانيت، برداشت ۽ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ جو درس ڏنو وڃي ٿو. عرس مبارڪ جي موقعي تي منعقد ٿيل صوفياڻي محفل ۾ مشهور صوفي فنڪارن فقير محمد يامين سائين عمران علي بختاور علي، اختيار سمون علي حسن سائين عبدالحميد ميتلو بشير احمد سمون لعل بخش ڏکڻ سچل فقير ۽ ياسر علي صوفياڻو ڪلام پيش ڪيو جنهن محفل ۾ موجود ماڻهن تي وجد طاري ڪري ڇڏيو عرس مبارڪ جي پڄاڻيءَ تي ملڪ جي سلامتي امن خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ خاص دعا گهري وئي. جڏهن ته ۾ لنگر پڻ ورهايو ويو

ڪوٽ غلام محمد پرسان ماتا هنگلاج جي جاڳرڻ ۽ ستسنگ واري تقريب

سنڌ امن، محبت، ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جي ڌرتي آهي: هندو برادري

تقريب کي پاڪستان دراوڙ اتحاد جي چيئرمين فقير شوا ڪڇي پڻ خطاب ڪيو

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) سنڌ امن محبت، ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جي ڌرتي آهي، ڪوٽ غلام محمد پرسان ماتا هنگلاج جو شاندار جاڳرڻ ۽ ستسنگ، سنڌ جي ڌرتي صدين کان امن محبت، ڀائيچاري، مذهبي رواداري ۽ مهمان نوازي جي سڃاڻپ رهي آهي. جنهن جو خوبصورت منظر ڪوٽ غلام محمد پرسان ماتا هنگلاج جي جاڳرڻ ۽ ستسنگ واري روح پرور تقريب ۾ ڏسڻ ۾ آيو. ڪوٽ غلام محمد ويجهو ميرپورخاص مين روڊ تي ڪوٽ ميرمس لانڊي پرسان جڻ ماتا کي شوا منڊلي جي اهتمام هيٺ جڳت جنني ماتا هنگلاج جو شاندار جاڳرڻ ۽ ستسنگ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ ضلعن مان هندو برادري جي اڳواڻن عقيدتمندن ۽ عام ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.سڄي رات جاري رهندڙ جاڳرڻ ۽ ستسنگ دوران مذهبي عقيدت، روحاني سڪون محبت ۽ اتحاد جا دلڪش منظر ڏسڻ ۾ آيا. عقيدتمندن پنهنجي مذهبي ۽ ثقافتي روايتن سان گهري وابستگي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي برهمڻ روي شنڪر مهاراج پاران تقريب ۾ آيل معزز مهمانن کي گلن جا هار پارائي گرمجوشي سان ڀليڪار ڪيو ويو. مهمانن جي اهڙي آجيان سنڌ جي قديم مهمان نوازي، عزت ۽ احترام واري روايت جو خوبصورت عڪس پيش ڪيو.تقريب کي پاڪستان دراوڙ اتحاد جي چيئرمين فقير شوا ڪڇي پڻ خطاب ڪيو.جاڳرڻ ۽ ستسنگ جي هن روح پرور محفل ۾ عقيدت، محبت ۽ ڀائيچاري جا رنگ نمايان رهيا، جڏهن ته وڏي انگ ۾ عقيدتمندن جي شرڪت تقريب جي رونق کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو هي مذهبي ۽ ثقافتي تقريب سنڌ جي ان خوبصورت سڃاڻپ جي عڪاسي ڪندي نظر آئي، جتي مختلف مذهبن جا ماڻهو پنهنجي عقيدن رسمن ۽ روايتن سان محبت ڪندي امن احترام ۽ ڀائيچاري جي فضا کي هٿي ڏين ٿا.

ڪوٽ غلام محمد : ڪوٽ غلام محمد پرسان ماتا هنگلاج جي جاڳرڻ ۽ ستسنگ واري تقريب جو ڏيک

شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي ۾ ”ورلڊ ايگ ڊي“ ملهايو ويو

شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران آنڊن مان کائڻ جون مختلف شيون تيار ڪيون ويون

آنڊو قدرتي طور هڪ اهڙي طاقتور غذا آهي جيڪا انساني صحت لاءِ فائديمند آهي: وي سي

سڪرنڊ (ن ع) شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي اينڊ اينيمل سائنسز سڪرنڊ ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر تنوير حسين جي صدارت هيٺ ”ورلڊ ايگ ڊي“ آنڊن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ پنجاب مان پولٽري شعبي جي ماهرن شرڪت ڪري موضوع تي بريفنگ ڏني جڏهن ته سينيئر صحافي قاضي جاويد سناٽي ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح پڻ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران آنڊن مان کائڻ جون مختلف شيون تيار ڪيون جنهن ۾ بهتر ذائقيدار ۽ مزيدار شيون تيار ڪرڻ تي کين انعام ڏنا ويا جڏهن ته آيل مهمانن کي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا پروگرام ۾ وائيس چانسلر پروفيسر تنوير حسين صدارتي خطاب ۾ چيو ته آنڊو قدرتي طور هڪ اهڙي طاقتور غذا آهي جيڪا انساني صحت لاءِ فائديمند آهي ان حوالي سان به آهي ته ان ۾ ڪا ملاوٽ ناهي ۽ آنڊو مڪمل غذا آهي جنهن جا سڀ حصا غذائيت سان ڀرپور آهن ان ڪري هر ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ 2 آنڊا روزانو استعمال ڪرڻ گهرجن هن اهو پڻ چيو ته دل جي ماهر ڊاڪٽرن جي تحقيق موجب روزانو 2 آنڊا استعمال ڪندڙ کي ان شاءَ الله ڪڏهن به دل جي تڪليف نه ٿيندي ان کان اڳ يونيورسٽي جي آفيسرن محمد خان پنگوار ۽ ڊاڪٽر هدايت سومرو آيل مهمانن جو مانائتو آڌر ڀاءُ ڪيو.

Shaheed Benazir Bhutto University of Veterinary & Animal Sciences, Sakrand
World Egg Day
Celebration

سڪرنڊ : شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي ۾ ”ورلڊ ايگ ڊي“ ملهايو پيو وڃي

منگهوپير ٽائون چيئرمين جي صدارت هيٺ يو سي پيڪ (UPEC)جو اهم اجلاس

پوليو مهم جي تيارين، فيلڊ انتظامن، رابطي ۽ آگاهي جي سرگرمين جو جائزو ورتو ويو

ٻارن کي پوليو جهڙي موذي مرض کان محفوظ رکڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: حاجي نواز بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي صدارت هيٺ يونين ڪميٽي 01 مائي ڳاڙهي جي علائقي رمضان ڳوٺ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي آفيس ۾ يو سي پيڪ (UPBC)جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ پوليو مهم جي تيارين، فيلڊ انتظامن، رابطي ۽ آگاهي جي سرگرمين سميت علائقي جي مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس جو مقصد پوليو مهم جي انتظامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ، لاڳاپيل عملي کي پيش ايندڙ مسئلن جو جائزو وٺڻ ۽ مهم جي ڪامياب انعقاد لاءِ گڏيل حڪمت عملي کي مضبوط ڪرڻ هو. اجلاس کي خطاب ڪندي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته ٻارن کي پوليو جهڙي موذي مرض کان محفوظ رکڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته هن قومي ذميواري کي پورو ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن، پوليو ٽيمن ۽ مقامي نمائندن کي گڏيل سهڪار سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ مهم جي انتظامن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت نه ٿيڻ گهرجي ۽ هر مرحلي تي بهتر رابطي، ذميواري ۽ سنجيدگي کي يقيني بڻايو وڃي. حاجي نواز علي بروهي وڌيڪ چيو ته پوليو مهم جي ڪاميابيءَ جو دارومدار

ڪوٽڙي: ڪبير انسپيڪٽر رزاق ٿيٻو جي چاچي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڪوٽڙي ڪبير واسي انسپيڪٽر رزاق ٿيٻو جو چاچو وفات ڪري ويو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڪوٽڙي ڪبير واسي انسپيڪٽر رزاق ٿيٻو جو چاچو ۽ مولابخش ۽ استاد اميد علي ٿيٻو جو ماروٽ ۽ جمعدار دين محمد ٿيٻو جو ڀاءُ ۽ ٿيٻا برادري جو نيڪ مرد محمد صديق ٿيٻو هن فاني سان لاڏاڻو ڪري پنهنجي خالق حقيقي سان وڃي مليو. جنهن جي جنازي نماز هاءِ اسڪول لڳ ادا ڪئي وئي، نماز ۾ دوستن عزيزن، استادن، صحافين شهرين ۽ علائقي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي بعد ۾ سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان پير سوا لک ۾ ميت کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. مرحوم پوئين چار پٽ سوڳوار ڇڏيا آهن. جڏهن ته ٿيٻا محلي ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 22 آڪٽوبر 2026ع

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سڌارا ۽ نوجوانن جون اميدون

سنڌ ڪابينا پاران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحاني نظام ۾ سڌارن، اميدوارن جي عمر جي حد ۾ واڌ، امتحان ۾ شرڪت جا وڌيڪ موقعا ڏيڻ ۽ اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ گهربل گهٽ ۾ گهٽ مارڪن ۾ گهٽتائي جا فيصلا هڪ اهم اڳڀرائي آهي. سنڌ جي نوجوانن کي سرڪاري ملازمتن جي حصول لاءِ ڪيترن ئي سالن کان مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. بيروزگاري، محدود روزگار جا موقعا، امتحاني نظام بابت خدشا ۽ ڀرتين جي طريقيڪار تي اٿندڙ سوال نوجوانن جي مايوسيءَ ۾ واڌ ڪندا رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل صوبائي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڪيل فيصلا اميد جوڳا آهن، پر انهن جي اصل اهميت تڏهن ثابت ٿيندي جڏهن انهن تي شفافيت ۽ ذميواريءَ سان عمل ڪيو ويندو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن صوبائي سرڪاري ادارن ۾ آفيسرن ۽ ٻين اهل اميدوارن جي چونڊ جو هڪ اهم ادارو آهي. هن اداري جي ذميواري رڳو امتحان وٺڻ يا نتيجا جاري ڪرڻ تائين محدود نه آهي پر ان جي بنيادي مقصد ۾ اهڙن قابل، ايماندار ۽ اهل ماڻهن جي چونڊ شامل آهي، جيڪي پنهنجي علم، صلاحيتن ۽ انتظامي مهارتن ذريعي سنڌ جي خدمت ڪري سگهن. جيڪڏهن هن اداري جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿن ٿا يا اميدوارن کي امتحاني نظام بابت تحفظات پيدا ٿين ٿا ته انهن کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته نوجوانن جو مستقبل ۽ سرڪاري ادارن تي عوام جو اعتماد هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي. صوبائي ڪابينا پاران گڏيل مقابلي واري امتحان (سي سي اي) لاءِ عمر جي وڌ ۾ وڌ حد 30 سالن مان وڌائي 33 سال ڪرڻ ۽ امتحان ۾ شرڪت جا موقعا ٽن مان وڌائي پنج ڪرڻ جا فيصلا ان حوالي سان اهم آهن. ڪيترائي نوجوان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ، معاشي حالتن کي بهتر بڻائڻ ۽ ٻين ذميوارين سبب مقابلي جي امتحانن جي تياريءَ لاءِ گهربل وقت حاصل نٿا ڪري سگهن. اهڙن اميدوارن لاءِ عمر جي حد ۾ واڌ ۽ وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ سان سندن صلاحيتن کي آزمائڻ جو دائرو وڌندو. سرڪاري ملازمتن جي چونڊ ۾ ڪنهن اميدوار کي رڳو عمر جي هڪ محدود دائري سبب مقابلي کان ٻاهر رکڻ بدران سندس اهليت، علم ۽ قابليت کي مناسب اهميت ملڻ گهرجي. سي سي اي 2026 جي اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مارڪن جي شرح 40 سيڪڙو مان گهٽائي 33 سيڪڙو ڪرڻ جو فيصلو پڻ غور طلب آهي. اسڪريننگ ٽيسٽ جو مقصد اهل اميدوارن کي ايندڙ مرحلي تائين پهچائڻ آهي، تنهن ڪري ان جو معيار اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو هڪ طرف اميدوارن لاءِ غيرضروري رڪاوٽون پيدا نه ڪري ۽ ٻئي طرف ميرٽ تي به ڪوتاهه نه ڪري. گهٽ ۾ گهٽ مارڪن ۾ گهٽتائيءَ سان وڌيڪ اميدوارن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو پر ان سان گڏ امتحان جي معيار، سوالن جي مناسبت ۽ چونڊ جي شفافيت کي يقيني بڻائڻ به ضروري آهي. ڪابينا پاران هڪ پرچي وارن امتحانن لاءِ ڪمپيوٽر تي ٻڌل ٽيسٽ متعارف ڪرائڻ ۽ امتحان ختم ٿيندي ئي نتيجا پرنٽ ڪري ڏيڻ جو فيصلو جديد ۽ شفاف امتحاني نظام ڏانهن هڪ مثبت قدم آهي. جيڪڏهن اهو نظام صحيح نموني لاڳو ٿئي ٿو ته نتيجن جي تياريءَ ۾ دير، غيرضروري انتظامي پيچيدگين ۽ امڪاني بي ضابطگين کي گهٽائي سگهجي ٿو ان سان گڏ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال دوران اهو به يقيني بڻائڻ گهرجي ته ڪمپيوٽرن، بجلي، انٽرنيٽ ۽ امتحاني مرڪزن جون سهولتون مناسب هجن. جيئن ٻهراڙين ۽ پٺتي پيل علائقن جا اميدوار ڪنهن نئين ڏکيائيءَ جو شڪار نه ٿين. جديد ٽيڪنالاجيءَ جو فائدو تڏهن ئي عام اميدوار تائين پهچندو، جڏهن ان تائين سڀني جي برابر رسائي هوندي انٽرويو جي مارڪن ۾ وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن جي تناسب مطابق نظرثاني ڪرڻ جو فيصلو به اهم آهي. مقابلي جي امتحان ۾ لکت واري امتحان ۽ انٽرويو جي وزن جو تعين اهڙي نموني ٿيڻ گهرجي، جو اميدوار جي علم، شخصيت، فيصلي ڪرڻ جي صلاحيت ۽ انتظامي اهليت جو منصفاڻو جائزو وٺي سگهجي. انٽرويو جي عمل ۾ شفافيت، واضح معيار ۽ جوابدهيءَ کي يقيني بڻائڻ سان سفارش، اثر رسوخ ۽ اقربا پروريءَ بابت خدشن کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

سنڌ ڪابينا جا تازا فيصلا صحيح رخ ۾ اڳڀرائي آهن، پر سندن ڪاميابيءَ جو دارومدار عملي نتيجن تي هوندو. حڪومت کي گهرجي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سمورن مرحلن ۾ ميرٽ، شفافيت ۽ جوابدهيءَ کي بنيادي اصول بڻائي. نوجوانن کي رڳو اميدون نه پر اهڙو نظام ملڻ گهرجي، جنهن ۾ سندن محنت ۽ قابليت کي بنا ڪنهن فرق جي تسليم ڪيو وڃي. اهڙي منصفاڻي نظام ذريعي ئي سنڌ کي قابل آفيسر، مضبوط ادارا ۽ روشن مستقبل ملي سگهي ٿو.

ٿر جي ڳالهه ڪجي!

ڪيلاش ميگهه

ٿر جي لاڏلي ثقافت پڙي ۽ پولڪي جي وڙ ۾ وڪريل آهي ته ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي هاريل جماليائي حسن ۾ به جهاتيون پائي ٿي. ڪارونجهر جي ڪور منڊِي ۾ مهڪيل پرين جي ڳل جهڙي پکي مور جي هلڻين ۾ بيساخته رهي آهي. ويرا واهه جي تلور کي موسم جي ادا ۽ فدا آهي. اٽي پڙپانگ پٽن تي جاگرافيائي جي جڳهه تاريخ جي سونهارن اکرن ۾ اڄاريل آهي. ٿر ۾ پاڻمرادو قتل ڀانت ڀانت جي گلڙن جو هڳاءُ پڻ دل کي معطر بڻائي وجهندو آهي. قدرت جي بي بها حسين وادين جو ڏيک رمڻيڪ روپي رنگ گڏي پٽ تي ڳولي سگهجي ٿو. درد وندي جو ديس ٿر سانوڻ جي منڊ جي ڪري مشهور ۽ منفرد رهيو آهي. ٻيباڪيءَ جي پلوڙ ڪردار جهُول ۾ بيٺل اٽ جيان اوگاڙي اٽلي پوي ٿي، تڏهن مينهن اوڙڪو آڙي وسندو آهي، ڏٺار ناهي ڏسندو آهي ۽ تاڙو تنواريندو آهي. ارڏي ڌرتيءَ جي سيم تي فوزيه جي گيتن کان وٺي صادق فقير جي سُرن جي سٽن تائين خوشبوءِ خوشبوءِ چانيل هوندي آهي. جڳمڳائيندڙ ڏيئا پڻ وڻ وڻ جي ڪائي روشن ڪرڻ لاءِ ڪوهن جا پنڌ جهاڳي هن ڌرتيءَ جي سائي چادر مٿان آرزو ٽڪ پڇڻ لاءِ ايندا آهن. برسات جي هر بات، پائيبڙ پکيءَ جي سانت، ڍڳين جي رنڻ جي رات ٿي پوندي آهي. جڏهين مينهن آبي تي اگوندرو هوندو آهي. پوڙيسر تي هلندڙ گلابي ويس پهريل وڳن، چانڊوڪيءَ جهڙي سونهن شناس صدا، مرڪ تي به مهٽو ۽ مهٽو ڏيڻ لڳندو آهي. جنهنڪري اهڙي صدين جي تهذيب جو جانبداريءَ سان ذڪر ڪرڻ، پوڙيسر جي مسجد ۾ لڳل سنگِ مرمر پٿر جيان ضروري ٿي پيو آهي.

هزارين سال اڳ هتان جي آسپاس پکڙيل سونهن کي سنڀاليو ۽ سانڍيو بيٺل هن وجود انتهائي گهڻا درد ڏٺا آهن. سوز ۽ آواز جي گڏا سان گهاريندڙ ماڻهو اهو ڄاڻي سگهن ٿا ته سونهن جا پريت ساکي ڪنهن وقت جي شاندار بحالي هاڻي اجڙيل ڪيترو ڏک رکي ٿي. عجيب ۽ غريب طرزِ رونما حالتن ۾ اتهاسي پهرڻ ۾ هلي آهي پر وري مينهن منڊون ناهي ساوڪ جي ويس پهرائي سينڌ جو سينڌور ناهي ڇڏيندو آهي. سڏونت ۽ سارنگا جا قِصا شروع ٿيندا آهن. ڀاري ننگر ويجهو مال اچي مڙندو آهي. تڏهن روپلي جو مزاحمتي روح به رچي ويندو آهي. پرهه ويل پيل ٻوندا ٻانديءَ جي سڪ کي وساري نٿو سگهجي. ڪيڏا نه اهي دل ريجهائيندڙ هوندا پيس جنهن جبل مٿي ٻاهڙي ٿيندي ڏٺو. ڪيڏو نه اهو البيلو ماڻهو هوندو، جنهن ڇاڇري بابت ڪجهه ڳالهايو هوندو، جنهن کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهجي.

ان کان علاوه انهن کي، جيڪو پاڻ ٿر جي پٽن تي ڪجهه قدر منظر رکي ويا هوندا آهن يا ڪٽي جوڙيل جي چوٽيءَ کان موتي پنهنجي ماڳ ڏانهن هليا ويندا آهن. باقي پويان يادون ۽ انهن جون جيءَ جياريون وجائجي ويل رونقون وري چونديون آهن ته ’سال پڇاڻان وري اچجو هتيا‘ هن وقت ٿر تي مينهن جي موسم اچي رهي آهي، ان ڪري ٿر جي هاڻي ڳالهه نه ڪبي. جيڪڏهن ڪنهن کي جماليائي حُسن جي وصف جي جهلڪ پسڻي آهي ته پوءِ صحرا ٿر جو سفر ڪري، اهو سمورو لقاءُ خاموش سرگوشين جيان اڄ ڏينهن تائين سنڀاليو اچي ٿو. اهڙن حسين لازوال منظرن کي صرف ڪتابن ۾ ئي بيان ڪري سگهجي ٿو.

ٿر تي پکڙيل بادلن کي ماروئڙن جو اهو ڏوراپو آهي ته دل ڪولي ڇو نٿا وسو (گهٽو مينهن جو نٿو پوي) ۽ ڪِنوڻين ڪيرائڻ کان بچائجو لهندڙ سج جو الوداعي منظر به دعائون محسوس ٿينديون آهن. جيڪي ڪنهن در دانهڙي وٽ اگهجي وڃون هجن. اٿندڙ آلاڻ جي اننگ ڪوئي رنگ لڳندا آهن ته وسڻ جا همڪلام ڍنگ ڪوئي جوڏا اڙهنگ لڳندا آهن. ماحول جي سگهندڙ الائي ڪٿي وڃي پهتي آهي پر پوءِ به هن نسوري سال جو ڏکهو الميو جو هن واري ٿر جهڙي حسين واديءَ ۾ تمام گهٽ سياح آيا آهن. مگر ٿر جي ڌرتي انهن کي ازخود پاڻ ڏانهن مائل ڪري رهي آهي، وري جوڙيون وڃي رهيون آهن ۽ دليون ڳنڍجي رهيون آهن. ڪڪر جي رِم جهم خوشحاليءَ جا باب لڳندا آهن. ٿر جي ڳالهه ڇو نه ڪجي ته جو هتي جو سڀ ڪجهه سياحن جي نظرن ۾ اٿين اچي ويو آهي، جيئن پرديسيءَ جو ساروڻي جي ترڪٽي پٿر تي ترڪيل ڪوئي لمحو جيئن رُخ موڙيل گاڏيءَ جي اندازن جو ڀرپور اچياڻو.

پاڪستان، خطرو اڃا ٽريو ناهي...؟

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

سخت جنگي ڇڪتاڻ جو شڪار وچ اوڀر ۾ علائقائي اتحادن جي نئين صفبندي ۽ عالمي ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو پاران پيش ڪيل نئين قومي سلامتيءَ جي حڪمت عمليءَ خطي ۾ نئون ڀونچال مچائي ڇڏيو آهي جنگ بابت ان نظريي ۾ صهيوني رياست کي درپيش دفاعي خطرن کي محدود رکڻ واري روايتي تصور جي ڀيٽ ۾ اڳواٽ حملا ڪرڻ فوجي برتري قائم رکڻ سرحدن کان ٻاهر حفاظتي علائقا قائم ڪرڻ ۽ هٿيارن جي پيداوار ۾ پاڻ تي ڀاڙڻ کي نمايان اهميت ڏني وئي آهي.

عالمي ميڊيا موجب، اسرائيلي وزيراعظم پاران جاري ڪيل نقشي ۾ اسرائيل ۽ گڏيل عرب امارتن کي ’هيڪزاگون الائنس‘ (Hexagon Alliance) جو حصو قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته ايٿوپيا، قبرص، يونان ۽ صومالي لينڊ کي هيڪزاگون الائنس جا دوست ملڪ ڄاڻايو ويو آهي. اسرائيلي وزيراعظم مصر کي پاڪستان، ترڪيءَ ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ قائم ’سني ڊائمنڊ الائنس‘ (Sunni Diamond Alliance) جو اهم حصو قرار ڏنو آهي، جڏهن ته اردن کي ان اتحاد جي دوست طور پيش ڪيو ويو آهي. نقشي موجب، آذربائيجان کي هيڪزاگون الائنس ۽ سني ڊائمنڊ الائنس ٻنهي جو وچولو سمجهيو وڃي ٿو.

اسرائيلي وزيراعظم خبردار ڪيو آهي ته اسرائيل پنهنجي دشمنن تي اڳواٽ حملا ڪرڻ ۾ ذري برابر به هٻڪ محسوس نه ڪندو. جيڪو به اسرائيل جي طاقت آزمائڻ جي ڪوشش ڪندو، تنهن کي اڳ کان به وڌيڪ عبرتناڪ نتيجا ڀوڳڻا پوندا.

نيتن ياهو جو موقف آهي ته 7 آڪٽوبر 2023ع تي ٿيل حملن ۽ ان کانپوءِ غزا، لبنان، يمن ۽ ايران ۾ شروع ڪيل جنگي محاذن صهيوني رياست جي قومي سلامتيءَ واري پاليسيءَ تي نظرثاني ڪرڻ کي لازمي بڻائي ڇڏيو آهي ته جيئن مسلسل فوجي ڪارروائين ذريعي اسرائيل مخالف قوتن، خاص طور ايران سان لاڳاپيل خطرن ۽ جوهري خطري تي ضابطو آڻي سگهجي.

منهنجي نظر ۾، تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وچ اوڀر جي تيزيءَ سان بدلجندڙ صورتحال ۾ پاڪستان کي ايتري نمايان حيثيت حاصل ٿي آهي جو هاڻي اسرائيل به پنهنجي نئين قومي سلامتيءَ جي حڪمت عمليءَ تحت پاڪستان کي خطي جي هڪ اهم علائقائي طاقت طور تسليم ڪري رهيو آهي.

اسرائيل جي نئين قومي سلامتيءَ واري حڪمت عمليءَ جو اعلان رڳو ان جي فوجي حڪمت عمليءَ ۾ تبديلي ناهي پر وچ اوڀر ۾ طاقت جي توازن ۽ مستقبل جي علائقائي لاڳاپن جي حوالي سان هڪ اهم اڳڀرائي پڻ آهي، جنهن جو هڪ محب وطن پاڪستانيءَ جي حيثيت سان غور سان جائزو وٺڻ ضروري آهي. بيشڪ، عالمي قانونن ۾ پنهنجي بچاءَ جو حق تسليم ٿيل آهي، پر سوال اهو آهي ته ڇا ڪنهن اهڙي رياست کي، جنهن کي ان جي پاڙيسري ملڪن سميت عالمي برادريءَ جي اڪثريت تسليم ڪرڻ کان انڪاري هجي، مستقبل ۾ خطرو پيدا ٿيڻ جي امڪان کي جواز بڻائي طاقت جي ڀرپور استعمال جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي؟

اسرائيلي ميڊيا جو جائزو وٺجي ته نيتن ياهو جي نئين حڪمت عملي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي، جڏهن اسرائيل ۾ قومي چونڊن لاءِ سياسي مهم زور شور سان جاري آهي. اسرائيل جي مخالف ڌر جي اڳواڻن پاران ان حڪمت عمليءَ تي تنقيد ڪئي پئي وڃي ته اهو نقشو چونڊ مهم جي آخري ڏينهن ۾ ڇو پيش ڪيو ويو ۽ ڇا اهو اسرائيل جي ماضيءَ جي سيڪيورٽي ناڪامين تان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش آهي؟ مخالف ڌر جو موقف آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران نيتن ياهو جي حمايت ۽ نائب صدر جي ڊي وينس پاران اسرائيلي چونڊن ۾ مداخلت کان پاسو ڪرڻ بابت ڏنل بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسرائيل جي اندروني سياست جا عالمي سفارتڪاريءَ سان لاڳاپيل پهلو پڻ موجود آهن.

بهرحال، موجوده صورتحال ۾ اسرائيل لاءِ بنيادي سبق اهو آهي ته قومي سلامتيءَ جي پاليسيءَ کي رڳو سخت بيانن، فوجي ڪارروائين يا چونڊن دوران لڳايل نعرن جي بنياد تي پرکي نٿو سگهجي. ڪنهن به ڪامياب رياست جي دفاعي حڪمت عمليءَ جي حقيقي پرک عملي تياري، انٽيليجنس جي درستگي، شهرين جي تحفظ، سفارتي نتيجن ۽ ڊگهي مدي واري استحڪام مان ٿيندي آهي ۽ انهن ئي معاملن ۾ اسرائيلي قيادت کي ناڪامين کي منهن ڏيڻو پيو آهي.

منهنجي خيال ۾، اهڙين حالتن ۾ خطي اندر نئين صفبنديءَ جي اڳڀرائيءَ جي بنياد تي جاري ڪيل نقشي مان اهو نتيجو ڪڍڻ درست نه ٿيندو ته اسرائيل، پاڪستان خلاف ڪو باقاعده فوجي اتحاد جوڙي ورتو آهي يا جنگ جو اعلان ڪيو آهي.

منهنجي نظر ۾، هتي اهو بنيادي فرق سمجهڻ پڻ ضروري آهي ته چونڊن کان اڳ ڏنل سياسي بيان، حڪمت عمليءَ وارا نقشا ۽ باقاعده دفاعي معاهدا ٽي الڳ معاملا آهن. ڪنهن نقشي ۾ مختلف ملڪن کي پنهنجي نقطه نظر سان پيش ڪرڻ سان پاڻمرادو ڪو نئون فوجي اتحاد وجود ۾ نٿو اچي.

اسرائيلي نقشي ۾ استعمال ڪيل اصطلاح علائقائي صفبنديءَ جي عڪاسي ضرور ڪن ٿا، پر انهن کي لاڳاپيل ملڪن وچ ۾ باقاعده گڏيل دفاعي معاهدي جو متبادل نٿو سمجهي سگهجي.

اسرائيلي وزيراعظم جي آفيس پاران جاري ڪيل نقشي ۾ پاڪستان جي شموليت جو سڀ کان اهم پهلو اهو آهي ته هاڻي دنيا اسان کي رڳو ڏکڻ ايشيا جي هڪ ملڪ طور نٿي ڏسي پر اسرائيل لاءِ به پاڪستان جي دفاعي صلاحيت، جوهري طاقت، جاگرافيائي اهميت، دفاعي سفارتڪاري ۽ وچ اوڀر ۾ ان جي اهم ڪردار کي خطي ۾ تبديل ٿيندڙ طاقت جي توازن دوران نظرانداز ڪرڻ آسان ناهي رهيو.

هتي سڀ کان اهم ڳالهه اها به آهي ته پاڪستان ۾ رهندڙ هر شهريءَ جي دل فلسطيني عوام سان گڏ ڌڙڪي ٿي. پاڪستان پهرئين ڏينهن کان ئي فلسطيني عوام جي حقن ۽ ان مسئلي جي منصفاڻي ۽ پُرامن حل جي حمايت ڪندو رهيو آهي.

منهنجي خيال ۾، جيڪڏهن اسرائيل فلسطين مسئلي کي حل ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي ان نئين حڪمت عمليءَ کي اڳتي وڌايو ته ان جا امڪاني ناڪاري اثر رڳو وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا، پر جنگ جا ڀيانڪ شعلا اسرائيل سميت سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان کي اسرائيلي نقشي ۾ ڏيکاريل اتحادن کي قائم ٿيل حقيقت يا پنهنجي خلاف باقاعده جنگي منصوبو سمجهڻ بدران، انهن جي نوعيت، قانوني حيثيت، عملي ثبوتن ۽ سڀ کان وڌيڪ پردي پٺيان موجود سببن جو جائزو وٺڻ گهرجي.

اسان کي عالمي برادريءَ کي اهو باور ڪرائڻ جي ضرورت آهي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه جي وچ ۾ دفاعي سهڪار کي علائقائي استحڪام، خودمختياريءَ جي تحفظ ۽ جنگ کي روڪڻ جي وسيع تر مقصد سان ڳنڍڻ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿيندو.

دنيا کي هن وقت اهڙي سلامتيءَ واري نظام جي ضرورت آهي جنهن ۾ ڪنهن هڪ رياست جي سلامتي ٻي رياست جي سلامتيءَ لاءِ خطرو نه بڻجي سگهي.

هن وقت پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم چئلينج اهو ئي آهي ته اسان پنهنجي دفاعي صلاحيت ۽ حڪمت عمليءَ واري پائيداريءَ کي مضبوط بڻائڻ سان گڏ علائقائي استحڪام، عالمي امن ۽ عالمي قانونن جي پاسداريءَ جي اصولن تي ثابت قدم رهون.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

اٽي جي وڌندڙ اگهن بابت اخبار جي ايڊيٽر ڏانهن خط

اوهان جي اخبار ذريعي مان حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين جو ڌيان سنڌ ۾ اٽي جي وڌندڙ اگهن ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو، جنهن سبب غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. اٽو عوام جي بنيادي خوراڪ آهي ملڪ جي اڪثريت روزانو ماني کائي گذر سفر ڪري ٿي پر افسوس جو اٽي جي اگهن ۾ مسلسل واڌ سبب غريب ماڻهن لاءِ ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي اڳ ئي مهانگائيءَ سبب عوام جي زندگي عذاب بڻيل هئي مٿان وري اٽي جي اگهن ۾ واڌ ماڻهن جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي اٽي مهانگي ٿيڻ جا جيڪي سبب اسان کي سمجهه ۾ اچن ٿا تن ۾ ذخيره اندوزي، ناجائز منافعي خوري، انتظامي نااهلي ۽ اگهن تي مناسب ضابطو نه هجڻ شامل آهي ڪجهه واپاري وڌيڪ نفعي جي لالچ ۾ اٽو ذخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ کوٽ پيدا ڪن ٿا، جنهن جو سڌو سنئون نقصان عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو روزانو مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ پاليندڙ ماڻهوءَ لاءِ وڌندڙ اگهن تي اٽو خريد ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي حڪومت جي ذميواري آهي ته عوام کي بنيادي ضرورتن جون شيون مناسب اگهن تي فراهم ڪري، ان لاءِ ضروري آهي ته اٽي جي اگهن تي ضابطو آڻڻ وڃي ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافعي خورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سرڪاري اگهن تي اٽي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ان سان گڏوگڏ سستي اگهه تي اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ مناسب انتظام ڪيا وڃن ته جيئن غريب ماڻهو به آسانيءَ سان پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪري سگهن. **اسد ڀالاري، ٽانٽو بولا خان**

ڇا پيٽرول جا اگهه گهٽ ٿيندا؟

سائين جن جي معزز اخبار وسيلي حڪومت جو ڌيان پيٽرول جي وڌندڙ اگهن ڏانهن ڇڪائڻ چاهيون ٿا ملڪ ۾ مهانگائيءَ سبب عوام پريشان آهي مٿان وري پيٽرول جا وڌندڙ اگهه ماڻهن جي پريشانين ۾ اضافو ڪري رهيا آهن پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان نه رڳو ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌن ٿا پر کاڌي پيتي جي شين سميت روزمره جي استعمال وارين شين جون قيمتون به وڌي وڃن ٿيون ان جو سڀ کان وڌيڪ اثر غريب ماڻهن تي پوي ٿو جن لاءِ محدود آمدنيءَ ۾ گهر جو خرچ هلائڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي حڪومت کي گهرجي پيٽرول جا اگهه گهٽ ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي ان سان گڏوگڏ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۽ ضروري شين جي قيمتن تي به ضابطو آندو وڃي جيئن عوام کي مهانگائيءَ مان ڪجهه ڇوٽڪارو ملي سگهي **(متياريءَ جو عوام)**

ٽن ملڪن سان لڳندڙ سرحد تي ڇڪتاڻ: سلامتيءَ ۽ سفارتڪاريءَ لاءِ چئلينج!

اياز وگهيو

پاڪستان هن وقت علائقائي سطح تي ڪيترن ئي اهم چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اوڀر ۾ ڀارت سان ڪشمير ۽ سيڪيورٽيءَ جا اختلاف، اولهه ۾ افغانستان سان سرحد پار دهشتگرديءَ جا خدشا، جڏهن ته ڏکڻ اولهه ۾ ايران سان سرحدي واپار ۽ انتظامي مسئلا پاڪستان لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهن. اهڙين حالتن ۾ پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي قومي سلامتي، خودمختياري ۽ معاشي مفادن جو تحفظ ڪندي سفارتي حڪمت عمليءَ کي به مضبوط بڻائي. پاڪستان ۽ ايران جا لاڳاپا تاريخي، مذهبي ۽ ثقافتي رابطن تي ٻڌل آهن. ٻنهي ملڪن وٽ واپار، توانائي ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ سهڪار جا وسيع امڪان موجود آهن. تنهن هوندي به سرحدي سلامتي، اسمگلنگ ۽ غيرقانوني سرگرمين بابت خدشا مختلف وقتن تي مسئلا پيدا ڪندا رهيا آهن.

پاڪستان جو موقف آهي ته هر خودمختيار ملڪ کي پنهنجي سرحدن جي حفاظت ۽ قانوني واپار کي منظم ڪرڻ جو حق حاصل آهي. جيڪڏهن سرحدي علائقن ۾ سلامتيءَ جا خدشا پيدا ٿين ٿا ته انهن کي نظرانداز ڪرڻ بدران اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن. ساڳئي وقت سرحدي واپار سان لاڳاپيل ماڻهن جي روزگار جو تحفظ پڻ اهم آهي. ان ڪري پاڪستان ۽ ايران کي گهرجي ته گڏيل ڳالهين ذريعي سرحدي انتظام بهتر بڻائين، غيرقانوني واپار کي روڪين ۽ قانوني واپاري سرگرمين کي آسان بڻائين. پاڪستان جي مفاد ۾ ايران سان ڇڪتاڻ وڌائڻ بدران اهڙا لاڳاپا قائم رکڻ آهي، جيڪي سلامتي ۽ معاشي ترقي ٻنهي لاءِ فائديمند هجن.

افغانستان سان پاڪستان جي ڇڪتاڻ جو بنيادي سبب سرحد پار دهشتگرديءَ بابت خدشا آهن. پاڪستان جو موقف آهي ته تحريڪِ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) جا ويڙهاڪ دهشتگرد افغان سرزمين استعمال ڪري پاڪستان اندر حملا ڪن ٿا. انهن حملن ۾ عام شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جون جانيون ضايع ٿين ٿيون، جنهن سبب ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچي ٿو.

پاڪستان افغان طالبان حڪومت کان مطالبو ڪري ٿو ته پنهنجي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ عملي ۽ قابلِ تصديق قدم کڻي. ڪنهن به ملڪ لاءِ اهو قبول ڪرڻ ڏکيو آهي ته ان جي عوام تي حملا ٿي رهيا هجن ۽ ذميوارن خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وڃي. ان ڪري پاڪستان جا سلامتيءَ بابت خدشا جائز اهميت رکن ٿا. مسئلي جي پائيدار حل لاءِ ٻنهي ملڪن کي سفارتي ڳالهين، انٽيليجنس جي مٽاسٽا ۽ سرحدي نگرانيءَ جي گڏيل نظام تي ڪم ڪرڻ گهرجي. پاڪستان کي پنهنجي دفاع جو حق حاصل آهي، جڏهن ته افغان حڪومت جي ذميواري آهي ته اها دهشتگرد گروهن کي پاڪستان خلاف ڪارروايون ڪرڻ کان روڪي. امن لاءِ بيانن بدران عملي قدم ضروري آهي.

پاڪستان ۽ ڀارت جا لاڳاپا تاريخي تڪرارن، ڪشمير مسئلي، سيڪيورٽي خدشن ۽ گڏيل عدمِ اعتماد سبب هميشه متاثر رهيا آهن. 2025ع جي فوجي ڇڪتاڻ کان پوءِ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا وڌيڪ حساس بڻجي ويا آهن، جڏهن ته واپار ۽ سفري رابطن تي لاڳو پابنديون پڻ عوامي ۽ معاشي لاڳاپن کي نقصان پهچائي رهيون آهن.

پاڪستان جو اصولي موقف آهي ته ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ضروري آهي. پاڪستان پنهنجي خودمختياري ۽ دفاعي صلاحيت جي حفاظت ڪرڻ سان گڏ گڏيل احترام ۽ برابريءَ جي بنياد تي ڳالهين جي حمايت ڪري ٿو. ڀارت ۽ پاڪستان ٻنهي وٽ ايٽمي صلاحيت موجود هجڻ سبب ڪنهن به فوجي تڪرار جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. ان ڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته دفاعي تياري برقرار رکندي جنگ بدران سفارتڪاريءَ کي ترجيح ڏئي. مضبوط دفاع ۽ ذميواراڻي ڳالهه ٻولهه هڪ ٻئي جي ابتڙ نه پر قومي مفادن جي تحفظ جا گڏيل ذريعا آهن.

ٽنهي پاڙيسري ملڪن سان پيدا ٿيل مسئلا پاڪستان تي سفارتي ۽ معاشي دٻاءُ وڌائين ٿا، پر انهن کي هڪ گڏيل سازش قرار ڏيڻ لاءِ معتبر ثبوت ضروري آهن. ايران سان سرحدي واپار، افغانستان سان دهشتگردي، ڀارت سان ڪشمير ۽ سيڪيورٽيءَ جا اختلاف پنهنجي حساب سان الڳ نوعيت جا مسئلا آهن. تنهنڪري هر معاملي لاءِ الڳ الڳ حڪمت عملي گهربل آهي. پاڪستان کي پنهنجي قومي سلامتيءَ تي سمجهوتو ڪرڻ کان سواءِ پاڙيسري ملڪن سان سفارتي رابطا برقرار رکڻ گهرجن. جو ته مضبوط معيشت، اثرائتو سرحدي انتظام، ادارن جي مضبوطي ۽ اندروني سياسي استحڪام ملڪ جي دفاعي قوت کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهي ٿو. پاڪستان جو موقف واضح آهي ته ملڪ جي خودمختياري، سلامتي ۽ شهرين جي جانين جو تحفظ اولين ترجيح آهي. افغانستان کي دهشتگردي روڪڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن، ايران سان سرحدي مسئلا ڳالهين ذريعي حل ٿيڻ گهرجن ۽ ڀارت سان ڪشمير سميت بنيادي اختلافن بابت سنجيده سفارتڪاريءَ جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. هڪ مضبوط پاڪستان اهو آهي، جيڪو پنهنجي سرحدن جو دفاع ڪري، پنهنجي جائز قومي مفادن جي حفاظت ڪري ۽ سفارتي ميز تي به دليل ۽ حڪمت سان پنهنجو موقف پيش ڪري. قومي سلامتي، معاشي استحڪام ۽ ذميواراڻي سفارتڪاري ئي ملڪ کي وڌيڪ محفوظ ۽ مستحڪم بڻائي سگهي ٿي.

لطيفي لاٽ — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

ڪوڙين ڪاياڪُون تُنهنجيون، لِکَن لَکَ هزارَ،
جِيَ سيڪنهن جيَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ،
پِريَمِ تنهنجا پارَ کهڙا چِئِي ڪيئن چوان.
(سُر ڪلياڻ)

اڄوڪو ڏينهن ..... 22 آڪٽوبر

ڊاڪٽر هرومل ايسرداس سدارنگاڻي خادم

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي خادم جو شمار سنڌ ۽ هند جي بلند پائي جي سنڌي شاعرن ۽ ليکڪن ۾ ٿئي ٿو هي شايد هندستان جو واحد سنڌي اديب آهي جنهن ايران مان فارسي ٻوليءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي هن کي "سنڌي ٻوليءَ جو عمرخيام" ڪوٺيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ جو هن سنڌي ٻوليءَ ۾ وڌ ۾ وڌ رباعيون لکيون آهن هن سرموڙ شاعر ۽ ساهتڪار جو جنم 22 آڪٽوبر 1913ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر شهدادپور ۾ ٿيو ورهاڱي وقت هو ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ فارسي شعبي جي چيئرمين طور ڪم ڪري رهيو هو هن کي مشهور ادبي رسالي مهراڻ جي پهرئين ايڊيٽر هئڻ جو به اعزاز حاصل آهي هندستان لڏي وڃڻ کان پوءِ هن دهليءَ جي هڪ ڪاليج ۾ پروفيسر طور ڪم ڪيو پاڻ آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سيڪشن جو پهريون انچارج به رهيو هن ساهتيه اڪيڊميءَ جي سنڌي صلاحڪاري سٽ جي ڪنوينر طور به ذميداريون سنڀاليون ان کان علاوه هندستان سرڪار جي مرڪزي هندي ڊائريڪٽوريٽ ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين طور ڪم ڪيو هن کي پلاري پٽ ڏٿيءَ جي شاعريءَ تي عبور حاصل هو هن جي لکيل ڪتابن ۾ "ڪڪ ۽ ڪانا"، "ڪنور پاڙون پاتار ۾"، "چيخ"، "رنگين رباعيون"، "خوشبوءِ جو سفر"، "روح ڏنو ريلو"، "پرهه جي ٻاک"، "شاهه جي چونڊ شاعري" ۽ "The Indian Poetry Today" شامل آهن هن ڪجهه ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيا هن 7 ڊسمبر 1992ع تي هن دنيا مان موڪلايو

لقمان ڪوڪر



اڄ سنڌ جي مشهور سگهڙ لقمان ڪوڪر جي سالگره جو ڏينهن آهي لوڪ ادب جي هن پانڌيئڙي 22 آڪٽوبر 1949ع تي تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ مصطفيٰ آباد ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن 1965ع ڌاري مشهور سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جي سرپرستيءَ ۾ لوڪ شاعري شروع ڪئي هن لوڪ ادب جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي سندس شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "لقمان لبان تي ٽيڏا ٽالا" ۽ "لعل هيرا لقمان جا" شامل آهن ان کان علاوه هن چين جو سفرنامو "چشمين ڏٺو چين ڪي" پڻ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي ڊاڪٽر ڪمال جامڙي لقمان ڪوڪر جي شاعري "لوڪ رنگ لقمان جا" نالي سان ترتيب ڏئي ڇپرائي آهي

فقير محمد بخش خاصخيلي



فقير محمد بخش خاصخيلي سانگهڙ ضلعي جو مشهور سياستدان آهي سندس جنم 22 آڪٽوبر 1957ع ۾ ماٺو جمالي ڳوٺ ۾ ٿيو هن شهدادپور ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون هن 1980ع ۾ يونين ڪائونسل ملڪسيءَ جي ضلعي ڪائونسل جي سيٽ کٽي سياسي دنيا ۾ پير پاتو 1983ع ۽ 1987ع ۾ ميونسپل ڪميٽي شهدادپور ۾ ڪائونسلر چونڊيو ويو 1997ع وارين عام چونڊن ۾ پهريون ڀيرو سنڌ سيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هن شهدادپور شهر ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا سياسي طور تي هو پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) سان لاڳاپيل رهيو آهي

محبوب ڏيٿو

اڄ مشهور ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ محبوب ڏيٿي جي جنم جو ڏينهن آهي هن 22 آڪٽوبر 1960ع تي ٽنڊا اسٽيشن ضلعي حيدرآباد ۾ پروفيسر عبدالرحيم ڏيٿي جي گهر ۾ اکيون کوليون هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول ۽ انٽر جو امتحان گورنمينٽ سٽي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن شروع ۾ نئين زندگي رسالي ۾ ڪم ڪيو ان بعد 1981ع کان 1985ع تائين پريس انفارميشن واري کاتي ۾ حيدرآباد ۾ ڪم ڪيائين هن 1992ع ۾ سول ايوئيشن اٿارٽيءَ ۾ سپلاءِ اسسٽنٽ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سپلاءِ سپرنٽينڊنٽ طور 2020ع ۾ رٽائر ٿيو نوڪريءَ دوران سول ايوي ايشن اٿارٽي حيدرآباد جي ملازمن جي يونين جو نائب صدر پڻ رهيو محبوب ڏيٿو ننڍپڻ کان ئي ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهيو آهي اسڪول واري زماني ۾ هو گلن جهڙا ٻارڙا سنگت جي ٽنڊا اسٽيشن شاخ جو صدر رهيو هو رهبر ادبي سوسائٽي حيدرآباد ۽ فاران ڪلب حيدرآباد جي سيڪريٽريءَ طور به خدمتون سرانجام ڏنيون پاڻ سنڌ هسٽاريڪل ايجوڪيشنل ۽ ڪلچرل سوسائٽيءَ سان به لاڳاپيل رهيو آهي هن ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي مختلف پروگرامن ۾ به هڪ ڊگهي عرصي تائين شرڪت ڪئي

ڪيٽو گدواڻي



ڪيٽو گدواڻي هندستان جي ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور سنڌي اداڪاره ۽ ماڊل آهي هوءَ 22 آڪٽوبر 1967ع تي ممبئيءَ ۾ پيدا ٿي هن ممبئيءَ جي فورٽ ڪانوينٽ اسڪول مان تعليم حاصل ڪري فرانسيسي ٻوليءَ ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن پهريائين فرانسيسي ۽ بعد ۾ انگريزي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا 1980 ۽ 1990ع وارن ڏهاڪن ۾ هن ٽيليويزن جي هندي ڊرامن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا سندس مشهور ڊراما سيريلس ۾ ترشنا، سواڀيمان، ايئر هوسٽيس، جنون ساحل به ان ڏنون کي ٻالت هي ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن هن ڪجهه هندي، فرانسيسي ۽ تامل فلمن ۾ سپورٽنگ اداڪار طور به ڪم ڪيو آهي سندس هندي فلمن ۾ لرٿ، فيشن، جاني تو جاني نا، اسٽوڊنٽس آف دي ايئر ۽ گوسٽ اسٽوريز شامل آهن

اورنگزيب عاجز مهر

اورنگزيب عاجز نليولو شاعر ۽ نثر نويس آهي هن جو جنم 22 آڪٽوبر 1974ع تي سکر ضلعي جي سومر ڳوٺ ۾ ٿيو هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر غزل جي صنف تي خاص ملڪو حاصل اٿس هن مخدوم شاهه عثمان قريشي ۽ امير بخش خان مهر جي شخصيت تي ڪتاب لکيا آهن ان کان علاوه هن مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي به هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي انهيءَ ڪتاب ۾ مولانا همايونيءَ جي 16 شاعرن جو ڪلام به شامل آهي

ڪومل جگديش شهدادپوري

ڪومل جگديش شهدادپوري هندستان جي مشهور سنڌي اداڪاره شاعره ۽ ڪلاڪاره آهي هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1986ع ۾ هندستان جي شهر احمدآباد ۾ ٿيو هن مڌيه پرديش مان بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ گريجوئيشن ڪئي ان کان علاوه ايئر هوسٽس ۽ ٽريول مينيجمينٽ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو هوءَ سنڌي، هندي، گجراتي، انگريزي، پنجابي، اردو ۽ عربي ٻوليون رواني سان ڳالهائي سگهي ٿي ۽ انٽرنيشنل يمن ايئرويز ۾ ايئر هوسٽس (فضائي ميزبان) طور ڪم ڪري چڪي آهي هن ڪيترن ئي تقريبن ۾ اسٽيج ڪمپيئر طور به پاڻ ملهايو آهي هوءَ ريڊيو تي هڪ ڪلاڪاره ۽ اناؤنسر طور پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندي رهي آهي ان کان علاوه هن ڪيترن ئي سنڌي ڊي وي ڊي فلمن ۾ مک ڪردار ادا ڪري مقبوليت ماڻي آهي سندس مشهور ڊي وي ڊي فلمن ۾ ڪِل سُهڻا ڪِل تنهنجي پيار ۾، ڪوئو سڪ، ناهي ڪرڻي مون کي شادي، نئون ٽيليفون، پيڪين هلي ويندي ساڻ ۽ ٻيون فلمون شامل آهن

مختيار انڙ

ڀڳونتي ناواڻي

اڄ سنڌي سنگيت جي ڪوئل ڀڳونتي ناواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن نليولي ڳائڻيءَ جو جنم پهرين فيبروري 1940ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس پتا جسومل ناواڻي ۽ ماتا وشني ٻائي سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور جا رهواسي هئا اڃا پنجن ڇهن ورهين جي مس هئي جو سندس والد پرلوڪ پڌاريو ورهاڱي کان پوءِ ننڍڙي ڀڳونتي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ ممبئيءَ جا وڃي وسيا هن جي ٻالڪپڻ کان ئي سنگيت جي سِڪ پيٽل هئي هن ممبئيءَ جي اسڪول فارسٽيڊ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران اسڪول جي پروگرامن ۾ سُريلا سُر وکيرڻ شروع ڪيا انهيءَ اسڪول جو پرنسپال گوبند مالهيءَ جهڙو فن جو پارکو ۽ قدردان انسان هو هن ڀڳونتيءَ جي همت افزائي ڪئي ۽ ڪيس راڳ جي محفلن ۽ ناٽڪن ۾ متعارف ڪرايو اڳتي هلي گوبند مالهيءَ ڪلاڪار منڊل برپا ڪيو جنهن جي پليٽ فارم تي ڀڳونتي پنهنجي مٺڙي آواز ۽ سُريلن سُرن وسيلي هندستان جي چوٽيءَ جي سنڌي راڳيندڙن ۾ شمار ٿيڻ لڳي شاهه لطيف سچل سرمست، پرسرام ضيا، گوردن ڀارتي، ڪرشن راهي ۽ ٻين وڏن سنڌي شاعرن جا ڪلام ڳائي هن پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو هن جا ڳايل لاڏا ۽ سهرا اڄ به هند ۽ سنڌ ۾ شوق سان ٻڌا وڃن ٿا هن سنڌي فلمن جهولي لال، لاڏلي، سنڌوءَ جي ڪناري، شال ڌيئر نه ڄمن، هو جمالو ڪنوررام، هل ته پيهي هلون ۽ ديش جي للڪار لاءِ گيت ڳايا 1968ع ۾ مشهور سنڌي فلم سنڌوءَ ڪناري ۾ هيروئن جو ڪردار ادا ڪيائين سنڌي راڳ جي هن راڻيءَ جو 22 آڪٽوبر 1986ع تي ديهانت ٿيو

يوسف علي

يوسف علي پاڪستان ٽيليويزن جو مشهور اداڪار هو هن جي جنم جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي هو جهڏي شهر جو رهواسي هو سندس جنم هڪ عيسائي خاندان ۾ ٿيو پر پاڻ اڳتي هلي مسلمان ٿي ويو هو چون ٿا ته هو فقط 8 درجا پڙهيل هو شروع ۾ موٽرسائيڪلن جي مستريءَ طور ڪم ڪندو هو بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪارن ۽ موٽرن جي مڪينڪ طور ڪم ڪيائين اداڪاريءَ جي شروعات اسٽيج ڊرامن سان ڪيائين Ptv تي ڪيس ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار ملڪ انوکي متعارف ڪرايو Ptv تي سندس پهريون ڊرامون "ڏگهو پير پيران" هو هن 2 سئو کان وڌيڪ سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا سندس مشهور ڊرامن ۾ خانصاحب، جنگل ديوارين چوٽي سي دنيا، ڪمون ڪمچور، گامون سچار، اڃا ڪي آهين ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن هن مشهور ڊرامي چوٽي سي دنيا ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ملڪ گير شهرت حاصل ڪئي انهيءَ ڊرامي ۾ جانو جرمن سان سندس انگريزي ٻوليءَ جو ملاڳڙو تمام گهڻو مشهور ٿيو هن 22 آڪٽوبر 2001ع تي هن فاني دنيا جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو

سروپچ سجاولي

اڄ مشهور شاعر سروپچ سجاوليءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 14 مارچ 1937ع تي سجاول ضلعي جي ڳوٺ ابراهيم ٽالڙي ۾ ڄائو سندس اصل نالو محمد صديق ٽالڙو هو غريب هاريءَ جو پٽ هجڻ سبب سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اڳتي نه پڙهي سگهيو شروع ۾ پيءُ سان گڏ هاريو ڪندو هو بعد ۾ ٽائون ڪاميٽي سجاول ۾ منشي مقرر ٿيو اڳتي هلي سجاول ۽ دڙي شهر جي ٽائون ڪاميٽين جي ايڊمنسٽريٽر طور ڪم ڪيائين مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ کان متاثر ٿي 1957ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين هن جي شاعريءَ ۾ غزل، گيت، لوڪ گيت، وايون، بيت، دوها ۽ قطعا وغيره شامل آهن سندس شاعريءَ جا مجموعا "آليون اکيون، اٿيا ور" ۽ "ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون" ڇپجي چڪا آهن هو "ماجر پبليڪيشن" ۽ "لاڙ پبليڪيشن" جو سرواڻ پڻ رهيو سنڌي ادبي سنگت، بزم شعراءِ سنڌ ۽ ٻين ادبي تنظيمن جو ميمبر رهيو ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ جيل جون سعوبتون به برداشت ڪيائين هن 22 آڪٽوبر 2007ع تي دم ڏنو ۽ حوالي ڪيو ڪيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ دفنايو ويو

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

سنڌ جو هڪ مشهور تعليمي ماهر، شاعر ۽ نثر نويس پهرين جنوري 1937ع تي دادو ضلعي جي شهر پاٽ شريف ۾ ڄائو هن مئٽرڪ جو امتحان پنهنجي اباڻي شهر پاٽ مان پاس ڪيو هن ماسٽر آف آرٽس (مسلم هسٽري)، ايم ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي مختلف اسڪولن ۽ پوءِ ڪاليجن ۾ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين اڳتي هلي ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن حيدرآباد ۽ سنڌ جي سيڪنڊري ايجوڪيشن جي ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين پاڻ مارچ 1988ع کان سيپٽمبر 1990ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ۽ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو پاڻ 12 کان وڌيڪ ڪتابن جو مصنف هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو رُڪن هئڻ جو اعزاز به حاصل ڪيائين هن حبيب اڪيڊميءَ جو بنياد رکي پنهنجا ۽ ٻين ليکڪن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا هن 22 آڪٽوبر 2022ع ۾ وفات ڪئي

بقايا 1 روزاني عبرت

صحافين سول سوسائٽيءَ جي اڳواڻن اديبن دانشورن ۽ وڪيلن سان ڳالهه ٻولهه واري ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي پاڻي زمينن ۽ قدرتي وسيلن بابت اهڙا فيصلا ڪيا پيا وڃن جيڪي سنڌ جي حقن ۽ مستقبل لاءِ ڳڻتيءَ جوڳا آهن. هن چيو ته گرين پاڪستان انيشيئيٽو جي نالي تي سنڌ جي زراعت کي نقصان پهچايو ويو آهي. زمينون کسيون پيون وڃن ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي قبضي جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن هن چيو ته ٢٨ اپريل ٢٠٢٥ع تي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) جي اجلاس ۾ ٿيل فيصلن تي عمل نه پيو ڪيو وڃي. جنهن جو مثال جلالپور ۽ ساتڪيرا ڪئنالن جا منصوبا آهن. سنڌس دعوي هئي ته انهن ڪئنالن وسيلي سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب ڏانهن منتقل ڪري لکين ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي ان عمل ۾ سهولتڪاري ڪري رهي آهي. هن چيو ته سنڌ جي پاڻيءَ ۽ قدرتي وسيلن بابت معاملن تي عوام کي حقيقتن کان آگاهه ڪرڻ ۽ سجاڳ ڪرڻ سندن پارٽيءَ جي ذميواري آهي سيد زين شاهه چيو ته پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) وچ ۾ سنڌ جي وسيلن بابت اهڙا فيصلا ٿي رهيا آهن جن ۾ ساموندي بندرگاهه ۽ ساحلي پٽيءَ جا معاملا به شامل آهن. هن چيو ته سنڌ جي ساموندي پٽي، زرعي زمينن ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ شفافيت ۽ عوام آڏو جوابدهي ضروري آهي ملڪ جي سياسي صورتحال تي ڳالهائيندي ايس يو پي سربراهه چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ چونڊيل حڪومت کي ختم ڪري گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جمهوريت لاءِ ڪاپاري ڌڪ آهي هن چيو ته ملڪ ۾ سياست تي اڻ لکيل پابنديون لاڳو آهن سياسي جماعتن کي جلسن ۽ جلوسن کان روڪيو وڃي ٿو ۽ لاڙڪاڻي سميت مختلف علائقن ۾ سندن سياسي سرگرمين ۾ رنڊڪون وڌيون ويون آهن. هن خيبرپختونخواهه جي باڙا واري علائقي ۾ جلوس جي اجازت نه ڏيڻ ۽ بازارون بند ڪرائڻ جو به ذڪر ڪيو هن وڌيڪ چيو ته اسٽيبلشمينٽ آئين ۾ ترميمن ذريعي سياستدانن ۽ عوام جي اختيارن کي محدود ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي. جڏهن ته صوبائي حڪومتن کي ڪنٽرول ڪري انتظامي سربراهه مقرر ڪرڻ ۽ من پسند فيصلا ڪرائڻ لاءِ ماحول ڊاهيو پيو وڃي سنڌس چوڻ هو ته ملڪ جي صدر ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي آئيني اختيار استعمال ڪري صوبن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي زمينن ۽ پاڻيءَ جي مسئلن سان گڏ ملڪ جي وفاقي ڍانچي ۽ جمهوريت جو تحفظ به اهم آهي هن چيو ته هو اهڙي وفاق کي مضبوط ڪرڻ چاهين ٿا جنهن ۾ سمورين قومن کي گڏ ڪٺي هلجي، صوبن کي سندن آئيني حق ملن ۽ ڪنهن به قوم سان ناانصافي نه ٿئي. سنڌ جي وحدت پاڻيءَ ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ عوامي شعور پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ڪانفرنس ۾ ضلعي بار حيدرآباد جي صدر شاڪر نواز شر سينيئر صحافي خالد ڪوکر لالا رحمان سمون امداد چانڊيو پروفيسر مجيد چانڊيو روشن برڙو ناز سهتي گل ملاح سميت اديبن دانشورن وڪيلن ۽ سول سوسائٽيءَ جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪري چار منشيات فروشن رمضان نهڙيو دودو نهڙيو رشيد نهڙيو شاهنواز نهڙيو کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس ذريعن موجب جوابدار پنگريو ٽنڊو باگو ٽنڊو ڪوسڪي ملڪاڻي ونگو ڪلوئي ۾ منشيات ڪپائيندا هئا سي آءِ اي پوليس هنن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

پاڻيجي جي شاديءَ ۾ شرڪت لاءِ نئون ڪوٽ ويا هئا. نوڪوٽ کان ڏکڙي موٽيندي جهڏو پرسان باءِ پاس تي سندن ڪار ۽ ٻي ڪار وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ توفيق سردار راجپوت جي پيٽ جي ٻنهي هٿن جي ڪراين جون هڏيون ڀڄي پيون جڏهن ته ڪيس جسم جي ٻين حصن تي به سخت ڌڪ لڳا حادثي کان پوءِ زخمين کي فوري طور ڏکڙي جي خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي وئي جڏهن ته حادثي ڪاڻيءَ ٻئي ڪار سوار حادثي ڪاڻيءَ موقعي تان فرار ٿي ويا

بقايا 4 روزاني عبرت

ناانصافي آهي لياقت علي خان جتوئي چيو ته اين جي وي ۽ زيب ٽيڪ ضرور ڏاهيون پر انهن لاءِ مليل بجيٽ تحت ٻئي ادارا ڪنهن ٻئي هنڌ قائم ڪيا وڃن جڏهن ته ميهڙ جا پراڻا تعليمي ادارا شمس الدين بلبل اسڪول هاءِ اسڪول نمبر 2 ۽ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج بحال ڪيا وڃن. جيئن شهر جي نوجوانن کي تعليم جون بهتر سهولتون ملي سگهن هن چيو ته هڪ ارب روپين جي بجيٽ سان تيار ٿيل منصوبو به مڪمل طور ناڪام بڻجي ويو آهي جڏهن ته تعلقه اسپتال ميهڙ کي ڏيڍ ارب روپين جي بجيٽ خرچ ڪري اپگريڊ ڪري ڪمس ۾ تبديل ڪيو ويو پر ان جا نتيجا ٻڙي آهن هن وڌيڪ چيو ته ماهوار بجيٽ باوجود شهرين کي پيناڊول جي گوريءَ لاءِ به پريشان ٿيڻو پوي ٿو اسپتال ۾ جيڪو به مريض اچي ٿو ان کي لاڙڪاڻي ريفر ڪيو پيو وڃي ايتري وڏي بجيٽ هوندي به شهرين کي دوائون نه ملڻ افسوس جوڳو عمل آهي لياقت علي خان جتوئي چيو ته ميهڙ جا شهري 40 ڏينهن کان سراپا احتجاج ٻڌيل آهن پر حڪومت چڻ ته انڌي، ٻوڙي ۽ گونگي ٻڌيل آهي ۽ شهرين جا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن الزام لڳايو ته پيپلز پارٽي 18 سالن جي حڪمرانيءَ دوران ڪرپشن کان سواءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ اڳواڻ ان موقعي تي جي ڊي اي اڳواڻ نياز علي برڙو تمندار صدا حسين چانڊيو چونڊيل ڪائونسلر محمد اسماعيل بروهي، هوش محمد جانوري، سائين عبدالمجيد مهيسر رضوان آگرو مسرور حيدر برڙو روشن ڪوسو پي ٽي آءِ اڳواڻ محمد ايوب ڪوسو محبوب ڪوسو گفتار ڪوسو اشتياق تنيو عبدالسميع شيخ سينيئر ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ شير علي چانڊيو اڳوڻو يوسي ناظم اوشاق جانوري منگوائي ميرا لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪوسا برادري جون عورتون مرد ۽ ٻار ڳوٺ کان ٻاهر نڪري پاڪ ڪلام کڻي نڪري آيا ۽ اي سي ميهڙ ۽ ايس ايڇ او نئون ڳوٺ کي ٻڌايو ته اسان جو ڳوٺ 1930 کان آباد آهي قبضا خور اسان جي اباڻن ڪکن تي قبضو ڪري لڏپلاڻ ڪرائڻ گهرن ٿا اي سي ميهڙ ۽ ايس ايڇ او نئون ڳوٺ ڪوسه برادري جي ماڻهن کي ڪو جواب ڏئي ڪارروائي شروع ڪري ڏني ان موقعي تي ڳوٺ گل محمد ڪوسو جي رهواسين عاشق ڪوسو اصغر ڪوسو عبدالحميد ڪوسو ۽ ٻين صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته اي سي ميهڙ فاطمه گهلو ۽ ايس ايڇ او نئون ڳوٺ قبضو ڪندڙ بااثر نواب پيرزادو کان علائقي جي بااثر حڪومتي ڌر جي وڏيرن پائرن جي معرفت رشوت وٺي ڪارروائي ڪئي آهي. هنن چيو ته اسان به پ پ جا ووٽر آهيون پر بااثر وڏيرا آفيسرن سان غلط بياني هڪ طرف اسان کي لڏپلاڻ ڪرائڻ گهرن ٿا ته ٻئي طرف ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته نئون ڳوٺ پوليس جي ايس ايڇ او اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ اسان جي گهرن کي باهيون ڏنيون آهن هن چيو ته اسان وٽ سمورو رڪارڊ موجود آهي لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ جي معزز جج صاحب 60 ڏينهن اي ڊي سي ون کان رڪارڊ گهريو آهي جنهن بعد به اي سي ميهڙ ايس ايڇ او نئون ڳوٺ بااثر وڏيرن ۽ قبضا خور مافيا جي ونگار رهي آهي هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس وزير اعليٰ سنڌ آءِ جي سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي دادو ۽ ايس ايس پي دادو کي اپيل ڪئي ته تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڳالهائيندي مظهر راهوجو چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ بقا تي ڪنهن به قسم جو وار برداشت نه ڪيو ويندو سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ سازشن جو ڀرپور مقابلو ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي حقن جو هر محاذ تي دفاع ڪيو ويندو هن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي آبادگارن ۽ هارين سان ٿيندڙ ناانصافيون فوري طور بند ڪيون وڃن سارين جو مناسب اگهه گهٽ ۾ گهٽ 3500 سئو رپيا في مڻ مقرر ڪري آبادگارن کي معاشي بدحالي کان بچايو وڃي هن چيو ته هاري ۽ آبادگار سنڌ جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهن پر افسوس جو کين پنهنجي فصلن جا مناسب اگهه نٿا ملن جنهن سبب هو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن قومي عوامي تحريڪ سنڌ جي وحدت، قومي حقن هارين ۽ آبادگارن جي جائز مطالبن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن به ناپاڪ سازش خلاف رڪ جي ديوار ثابت ٿيندي

بقايا 7 روزاني عبرت

چنڊيو جيڪب آباد ۾ سيپڪو اختيارين پاران انڊسٽريل فيڊر تي بجلي جي واڌو لوڊشيڊنگ ڪرڻ واري عمل خلاف آل رائيس ملز ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪرڻ کان پوءِ ايم پي اي شير محمد مغيري نوٽيس وٺي سي ٽي او سيپڪو سان رابطو ڪري ڪاروباري طبقي کي بجلي جي فراهمي ۾ رليف ڏيڻ جو چيو جنهن تي سيپڪو اختيارين انڊسٽريل فيڊر تي بجلي جي لوڊشيڊنگ 12 ڪلاڪن کان گهٽ ڪري 6 ڪلاڪ ڪئي وئي. سيپڪو اختيارين پاران اهڙي قسم جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو جڏهن ته هڪ ڏينهن آل رائيس مل مزدور يونين پاران مزدورن کي گهٽ اجرت ملڻ واري عمل جو به ايم پي اي شير محمد مغيري نوٽيس ورتو ۽ مالڪن سان ڪامياب ڳالهيون ڪري مزدورن جي اجرت ۾ واڌ ڪرائي ايم پي اي شير محمد مغيري جي اهڙي عملن کي مل مالڪن ۽ مزدورن پاران ساراهيو ويو

بقايا 8 روزاني عبرت

غيرحاضري سبب سندن تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته اسڪول ۾ پڙهائي جو سلسلو به باقاعدگي سان جاري نٿو رهي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگردن ڏانهيندي چيو ته اسڪول ۾ مقرر استاد لطف پنهيار گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پنهنجي ڊيوٽي باقاعدگي سان انجام ڏيڻ بدران غير حاضر رهي ٿو شاگردن موجب ڄاڻايل استاد مهيني ۾ رڳو ٻه ڪان ڪي ڏينهن اسڪول اچي ٿو جڏهن ته باقي ڏينهن اسڪول ۾ پڙهائي جو عمل متاثر رهي ٿو جنهن ڪري سندن قيمتي تعليمي وقت ضايع ٿي رهيو آهي شاگردن چيو ته تعليم حاصل ڪرڻ سندن بنيادي حق آهي، پر استاد جي مبينا غيرحاضري سبب هو پڙهائي کان محروم ٿي رهيا آهن هنن سوال اٿاريو ته جيڪڏهن اسڪولن ۾ مقرر استاد ئي ڊيوٽي تي حاضر نه ٿيندا ته پوءِ معصوم ٻارن جو تعليمي مستقبل ڪيئن محفوظ بڻجي سگهندو؟ شاگردن موجب هو روزانو اسڪول اچن ٿا، پر پڙهائڻ وارو استاد موجود نه هجڻ ڪري کين مايوسي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ غريب خاندانن جا ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا جن لاءِ تعليم ئي بهتر مستقبل جي اميد آهي استاد جي غيرحاضري سبب نه رڳو ٻارن جي پڙهائي جو حرج ٿي رهيو آهي پر سندن بنيادي تعليمي حق پڻ متاثر ٿي رهيو آهي شاگردن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ استاد جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي احتجاج ڪندڙ شاگردن تعليم واري صوبائي وزير ڊي سي خيرپور ۽ تعلقي جي لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد اسماعيل منگريو ۾ مقرر استاد جي مبينا غيرحاضري جو فوري نوٽيس وٺي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي اسڪول ۾ روزاني بنيادن تي پڙهائي جو سلسلو بحال ڪرايو وڃي ۽ ٻارن جي تعليمي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

بند کي امڪاني نقصان سبب علائقي جي سوين ڳوٺن ۽ هزارين ايڪڙ زرعي زمينن کي نقصان پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ان سلسلي ۾ علائقي واسين محمد ڏنو محمد ابراهيم جعفر خان ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ايريگيشن کاتي خيرپور جي عملدارن جي مبينا لاپرواهي ۽ بي ڌياني سبب گذريل ٻن مهينن کان آر ڊي 106 ۽ آر ڊي 107 وٽ حفاظتي بند جي حالت خراب هجڻ باوجود مرمتي ڪم شروع نه ڪيو ويو آهي جنهن ڪري علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي هنن چيو ته روهڙي ڪئنال جو حفاظتي بند هنڌان هنڌان ڪمزور ٿي چڪو آهي ۽ جيڪڏهن وقت سر مرمت نه ڪئي وئي ته وڏي ڪٽاري پوڻ جي صورت ۾ سوين ڳوٺن جي آبادي، گهرن، چوپائي مال ۽ بيٺل فصلن کي سخت نقصان پهچي سگهي ٿو جڏهن ته علائقي واسين کي پڻ وڏي جاني ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته حفاظتي بند جي خراب صورتحال بابت خدشا موجود هجڻ باوجود ايريگيشن کاتي جو ڪوبه لاڳاپيل عملدار هن وقت تائين صورتحال جو جائزو وٺڻ يا مرمتي ڪم ڪرائڻ لاءِ نه پهتو آهي جنهن سبب هو سخت پريشانين ۾ مبتلا آهن هنن چيو ته جيڪڏهن بند کي نقصان پهتو ته ان جا خراب اثر نه رڳو آبادگارن پر پوري علائقي جي رهواسين تي پئجي سگهن ٿا علائقي واسين الزام لڳايو ته ايريگيشن کاتي وٽ حفاظتي بندن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ اربين روپين جي بجيٽ هجڻ باوجود لاڳاپيل هنڌن تي گهربل ڪم نه ٿيڻ سواليا نشان آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي روهڙي ڪئنال جي آءِ پي سائيڊ تي آر ڊي 106 ۽ آر ڊي 107 وٽ حفاظتي بند جو هنگامي بنيادن تي معائنو ڪرائي ان جي مرمت جو ڪم جلد شروع ڪرايو وڃي ته جيئن ڪنهن امڪاني ڪٽاري ۽ وڏي نقصان کان بچي سگهجي ٻئي پاسي ايريگيشن کاتي جي لاڳاپيل عملدارن سان موقف معلوم ڪرڻ لاءِ رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر ڪنهن به عملدار فون اٽينڊ نه ڪئي جنهن سبب سندن موقف معلوم نه ٿي سگهيو

بقايا 10 روزاني عبرت

جڏهن ته حادثن جو خطرو پڻ وڌڻ جو خدشو آهي سيد سمن سرڪار جي ساليانو عرس ۽ ميلي جي آمد سبب بدين پنگريو ۽ ٽنڊو باگو وچ ۾ آمدرفت وڌڻ جو امڪان آهي پر پل جي زبون حالت ۽ مرمتي ڪم ۾ سستي سبب زائرين، مسافرن ۽ مقامي ماڻهن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو پنگريو جي سماجي اڳواڻ وفا اعجاز احمد ميمڻ پريس ڪلب پنگريو ۾ احتجاج ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته وهنائي پل جي مرمت هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪري شهرين ۽ مسافرن کي امڪاني حادثن کان بچايو وڃي. ميڊيا سان ڳالهائيندي وفا اعجاز احمد ميمڻ چيو ته وهنائي وٽ واهه تي ٺهيل پل ٽٽل ڦٽل حالت ۾ آهي ۽ مرمتي ڪم جاري هجڻ باوجود ان جي مڪمل ٿيڻ ۾ دير ٿي رهي آهي هن چيو ته عرس ۽ ميلي جي موقعي تي ملڪ جي مختلف علائقن مان عقيدتمندن ۽ زائرين جي وڏي انگ ۾ آمد سبب بدين پنگريو ۽ ٽنڊو باگو روڊ تي ٽريفڪ جو دٻاءُ وڌڻ جو امڪان آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن پل جي مرمت وقت سر مڪمل نه ڪئي وئي ته مسافرن لاءِ سخت ڏکيائيون پيدا ٿي سگهن ٿيون هن ٻڌايو ته مرمتي ڪم ۾ دير دوران ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ نوجوان واپاري موٽرسائيڪل سميت پل تان واهه ۾ ڪري فوت ٿي ويو هو جنهن جو لاش ٻن ڏينهن کان پوءِ هٿ آيو سندس چوڻ هو ته اهو افسوسناڪ واقعو پل تي حفاظتي انتظامن ۽ مرمتي ڪم کي وقت سر مڪمل ڪرڻ جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو جڏهن ته وڌيڪ دير سبب ڪنهن ٻئي المناڪ حادثي جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي سماجي اڳواڻ لاڳاپيل کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته سيد سمن سرڪار جي عرس ۽ ميلي جي شروعات کان اڳ وهنائي پل جي مرمت مڪمل ڪئي وڃي مرمتي ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ سان گڏ پل تي اثرائتا حفاظتي انتظام ڪيا وڃن ۽ ٽريفڪ جي محفوظ آچ وڃ کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن زائرين، مسافرن ۽ مقامي شهرين کي پريشانين کان بچائي سگهجي هن زور ڀريو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ پهرين ترجيح هجڻ گهرجي ۽ ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچڻ لاءِ فوري عملي قدم کنيا وڃن

بقايا 11 روزاني عبرت

سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي سرويچ سجاولي جي ورسي جي موقعي تي هر سال لاڙ ۾ سنڌ جو وڏو ادبي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويندو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي ناليوارن اديبن شاعرن ۽ سياسي سماجي شخصيتن کي دعوتون ڏنيون ويون آهن. جيڪي سرويچ سجاولي جي قومي عوامي ۽ انقلابي شاعري کي ڀيٽا پيش ڪندا. تقريب ۾ ادبي ويهڪ سان گڏ سنڌ جا مشهور فنڪار فقير خالد حسين پلي، شازيه ماروي، خوشبو لغاري، شازيه ترنم سڄڻ سرائي ۽ ٻيا فنڪار سرويچ سجاولي جي شاعري ڳائي کيس ڀيٽا پيش ڪندا. تقريب لاءِ سرويچ نگر ۾ 40 فوٽ ڊگهو اسٽيج تيار ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته هزارين ماڻهن جي ويهڻ جو بندوبست پڻ ڪيو ويندو. سرويچ سجاولي جي شاعري اڄ به سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ قومي شعور ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي سندس انقلابي گيت مختلف تحريڪن جي سجاڳيءَ بڻيل آهن ۽ اڄ به سياسي جلسن توڙي عوامي ميڙاڪن ۾ گونجندا رهن ٿا سرويچ سجاولي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو دوست هو ۽ سندس جلسن ۾ شاعري پڙهندو هو هن شهيد بينظير ڀٽو رسول بخش پليجو شهيد فاضل راهو ۽ سائين جي ايم سيد جي عوامي جلسن ۾ پڻ شاعري پڙهي وڏي شهرت حاصل ڪئي انقلابي شاعري ۽ سياسي تحريڪن ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ سبب سرويچ سجاولي کي ڪيترائي ڀيرا گرفتار پڻ ڪيو ويو هن ايم آر ڊي تحريڪ سميت سنڌي ٻوليءَ جي حقن، ووٽر لسٽن ۽ ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو 1983ع ۽ 1986ع جي ايم آر ڊي تحريڪن دوران به کيس گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو سرويچ سجاولي جو ڀرپور شعري مجموعو ”آليون اکيون اٿيا وار“ 1971ع ۾ ڇپيو جيڪو سنڌ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي ويو پاڪستان رائيٽرز گلڊ پاران هن ڪتاب کي بهترين سنڌي ڪتاب قرار ڏئي ان وقت 50 هزار رپيا انعام ڏنو ويو ڪتاب جو مهاڳ ناميارا دانشور رسول بخش پليجو لکيو جنهن ان کي سنڌ جو دستاويز قرار ڏنو سرويچ سجاولي کي ”لاڙ جو لال“، ”عوامي شاعر“ ۽ ”قومي شاعر“ جهڙن لقبن سان پڻ ياد ڪيو ويندو آهي سندس شاعري ڪراچي يونيورسٽي جي ايم اي سنڌي ۽ انٽرميڊيئيٽ جي نصاب ۾ شامل رهي آهي جڏهن ته ريڊيو پاڪستان پاڪستان ٽيليويزن ۽ آل انڊيا ريڊيو تان پڻ سندس شاعري نشر ٿيندي رهي ملڪ جي ڪيترن ئي مشهور فنڪارن سندس شاعري ڳائي سندس ڪتاب ”آليون اکيون اٿيا وار“ جا پنج ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن جڏهن ته وفات کان پوءِ ڇپيل ڪتاب ”ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون“ جا ٻه ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن سندس ٻن ٻين ڪتابن ”سا دل مستو مست مدام“ ۽ ”انقلاب آيو ڪپي“ جو مواد موجود هجڻ باوجود اهي اڃا تائين شايع نه ٿي سگهيا آهن سرويچ سجاولي 22 آڪٽوبر 2007ع تي ڪينسر جي مرض سان جهيڙيندي لاڏاڻو ڪري ويو سندس وفات جي خبر ملڪي توڙي پرڏيهي ميڊيا تي نمايان طور نشر ڪئي وئي جڏهن ته ٺٽي ضلعي ۾ عام موڪل جو اعلان پڻ ڪيو ويو هو سندس شاعري ۽ انقلابي فڪر اڄ به سنڌ جي ادبي ۽ قومي تاريخ جو اهم حصو آهن

بقايا 12 روزاني عبرت

جو انتم سنسڪار رات اسلام ڪوٽ ۾ ڪيو ويو آخري رسمن ۾ مهراج برادري سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي چيو وڃي ٿو ته فوتي نوجوان کي ڪجهه ڏينهن اڳ آنڊي ۾ تڪليف ٿي ڪيس حيدرآباد جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي آپريشن بعد ڪراچي جي هڪ خانگي اسپتال نيو ويو جتي هن دم ڌڻي حوالي ڪيو

بقايا 13 روزاني عبرت

آهي ڪنب ڦاٽي جي حد ۾ منشيات جي خاتمي خلاف ڪوششون جاري آهن منشيات فروش ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي ڪنهن به منشيات فروش کي بخش نه ڪيو ويندو شهرين ڪنب پوليس جي هن ڪارروائي کي ساراهيندي مطالبو ڪيو آهي ته منشيات خلاف اهڙيون ڪارروايون جاري رکيون وڃن ته جيئن نوجوان نسل کي هن موذي مرض کان بچائي سگهجي

بقايا 14 روزاني عبرت

سيپٽمبر مهينن دوران پوليس جي ڪارڪردگي رپورٽ ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتارين پوليس ڪارروايون ۽ ڏوهن جي روڪٿام بابت پنهنجن ضلعن جي ڪارڪردگي کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته اسٽريٽ ڪرائيم ۽ ڏوهاري عناصرن خلاف روزاني جي بنياد تي ڀرپور ڪارروايون جاري آهن ان موقعي تي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نظير چيو ته ڏوهن ۽ منشيات جي خاتمي بابت شهرين جي اميدن ۽ توقعات تي پورو لهڻ اسان جي ذميواري آهي سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي جڏهن ته ڏوهن جي روڪٿام لاءِ گشت ۽ اسنيپ چيڪنگ ۾ پڻ اضافو ڪيو وڃي هن چيو ته سنڌ حڪومت جي پاليسي ۽ آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي لاڙڪاڻو رينج جي پنجن ئي ضلعن ۾ ڏوهاري عناصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

جيڪو هلندڙ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي سندس گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو

بقايا 16 روزاني عبرت

صوبائي وزير سهيل انور سيال جي رهائشگاهه تي ڪنڌڪوٽ مان چونڊيل ايم اين اي مير شبير علي بجاراڻي جي سرپرستي هيٺ ڪيو ويندو فيصلي ۾ مير اعجاز حسين جکراڻي طرفان ايم اين اي سيد غلام مصطفى شاهه ۽ ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين مير غلام عباس جکراڻي مشير هوندا جڏهن ته مير خالد خان ۽ مير آزاد خان جکراڻي طرفان ايم پي اي نوابزادو نادر خان مگسي ۽ مير محمد صلاح شهلياڻي مشير هوندا جکراڻي پائرن وچ ۾ ايم پي اي فريال ٽالپر طرفان صلح ڪرائڻ واري عمل جي جيڪب آباد واسين طرفان ساراهيو پيو وڃي ياد رهي ته ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي جي پٽ مير زيد خان جکراڻي جي رهزني کان پوءِ جکراڻي پائرن وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا هئا

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪانوري ۽ ذوالفقار ڳلال شرڪت ڪئي ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته ڊرامو رڳو وندر جو ذريعو ناهي پر اهو سماج جي حقيقي تصوير پيش ڪرڻ انساني جذبن ۽ احساسن کي سمجهڻ رشتن جي اهميت اجاگر ڪرڻ ۽ سماجي برائين خلاف شعور پيدا ڪرڻ جو پڻ هڪ مؤثر ذريعو آهي هنن چيو ته اسٽيج ڊرامو انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، خانداني رشتن، محبت، قرباني، اخلاقي قدرن ۽ سماجي روين کي فنڪاراڻي انداز ۾ پيش ڪري ٿو جنهن سان ڏسندڙن کي پنهنجي زندگي ۽ سماج بابت سوچڻ جو موقعو ملي ٿو سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙين ڊرامن جي پيشڪش نه رڳو ٻوليءَ جي بقا ۽ واڌاري لاءِ اهم آهي، پر ان سان سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ ۽ ادبي روايتن کي پڻ هٿي ملي ٿي مقررين وڌيڪ چيو ته سنڌي ڊرامي ۽ ٿيٽر جي ترقيءَ لاءِ گڏيل ڪوشش سرپرستي ۽ فنڪارن جي حوصلا افزائي جي سخت ضرورت آهي اهڙا ثقافتي پروگرام نون فنڪارن لاءِ سکڻ ۽ پنهنجين صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو بهترين پليٽ فارم ثابت ٿين ٿا جڏهن ته نئين نسل کي ادب، فن موسيقي ۽ ثقافت سان دلچسپي پيدا ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا هن چيو ته خيرپور آرٽس ڪائونسل ۽ ڪراچي آرٽس ڪائونسل جي گڏيل سهڪار سان ثقافتي پروگرامن جو انعقاد هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي جنهن سان مختلف شهرن جي فنڪارن کي هڪ ٻئي سان گڏ ڪم ڪرڻ تجربن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ سنڌي ٿيٽر کي نيون راهون فراهم ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا اهڙين سرگرمين جو تسلسل برقرار رکڻ سان سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ فن کي وڌيڪ هٿي ڏئي سگهجي ٿي مقررين وڌيڪ چيو ته موجوده دور ۾ ثقافتي سرگرمين جي اهميت وڌي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته فن ۽ ادب معاشري ۾ برداشت، رواداري، مثبت سوچ ۽ سماجي شعور کي فروغ ڏين ٿا ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سرڪاري ۽ خانگي ادارا گڏجي فنڪارن جي همت افزائي ڪن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار لاءِ وڌيڪ موقعا فراهم ڪن اسٽيج ڊرامي ”رشتا روح جا“ ۾ امجد گل سومرو مهجبين، ساتول ڳاهي سرفراز قاضي فهيم پڻو مير صوبدار سعيد ۽ ٻين فنڪارن پنهنجي بهترين اداڪاري جا جوهر ڏيکاريا ڊرامي جي جاندار پرفارمنس ۽ ڊرامي جي موضوع کي ڏسندڙن پاران ساراهيو ويو جڏهن ته پروگرام کي سنڌي ٿيٽر ادب ۽ ثقافت جي واڌاري ڏانهن هڪ مثبت قدم قرار ڏنو ويو ان موقعي تي ساگر صفي الله شر ميان غلام حسين فاتح شريف عباسي، عنايت برڙو، عابد بلوچ آفتاب بلوچ حاڪم علي آريجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 18 روزاني عبرت

عبدالجبار ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته اسان جو پيءُ گهر ڏني محمد اسلم راجپوت ۽ سندس ڀاءُ مختيار راجپوت نيائين جي شادي جي سلسلي ۾ پنجاب ويل آهن جنهن جي پٺيان گهر خالي ڏسي نامعلوم چور گهر جا تالا ٽوڙي اندر داخل ٿي 20 لک رپين جو سون روڪ رقم نيائين جي شادي جو ڏاج سميت 30 لکين رپين جو سامان کڻي فرار ٿي ويا آهن اطلاع تي اوڏيرولال وليج پوليس پهچي واقعي جا تفصيل ورتا ٻئي طرف ايس ايڇ او اوڏيرولال وليج سيد خليل شاهه رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته هن حوالي سان جاچ ڪري رهيا آهيون جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري متاثرن سان انصاف ڪيو ويندو

بقايا 19 روزاني عبرت

اظهارو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته اسڪول ۾ مقرر استاد کي بنا ڪنهن سبب جي بدلي ڪيو ويو آهي ۽ اسڪول ۾ ورري ٻيو استاد مقرر ناهي ڪيو ويو جنهن ڪري اسڪول ۾ داخل 300 کان مٿي اسڪولي ٻارڙن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي انهن وڌيڪ چيو ته هن حوالي سان اسان مٽيارين ضلعي جي چونڊيل نمائندن سميت تعليم کاتي مٽيارين جي عملدارن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي احتجاج ڪندڙ صوبائي وزير تعليم ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ مولاڏنو ميرجت جي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري اسڪول ۾ داخل معصوم ٻارن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

سان ڳالهائيندي ايم پي اي رخسانه شاهه بخاري وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت صحت جي حوالي سان وڌيڪ توجه ڏيئي رهي آهي ٺٽي ضلعي ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي وڏي يونٽ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ وڏي وزير ۽ اين آءِ سي وي ڊي جي اختيارين آڏو گذارشون رکيون آهن پيپلزپارٽي جي دور ۾ هميشه عوام جي خدمت ڪندي ترقياتي ۽ عوامي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ عملي قدم کنيا ويا آهن ان موقعي تي تقريب کي پ پ ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي اطلاعات سيڪريٽري محمود عالم شاهه بخاري تعلقي صدر عبدالحميد سومرو پڻ خطاب ڪيو تقريب ۾ بروهي برادري جي معزز وڏيرو بابو بروهي رسول بخش بروهي شاهجهان بروهي عظيم بروهي عطاءُ الله بروهي مقبول بروهي ذاڪر بروهي پ پ اڳواڻ حيدر سمون پررو سرڪي نظير ميمڻ ظاهر خان پ پ ليڊيز ونگ جي اڳواڻ آمنه پٽي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 21 روزاني عبرت

چنڊيو واقعي کان پوءِ موقعي تي موجود ماڻهن نوجوان کي کڻي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي موت جي تصديق ڪئي وئي واقعي جو اطلاع ملڻ تي نوجوان جا وارث سول اسپتال پهچي ويا جن نوجوان جو لاش ڏسندي ئي روڄ ڪري ڏنو ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي سندس گهر کڻي ويا. لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو آخري اطلاع اچڻ تائين ان حد تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 22 روزاني عبرت

بابت آگاهي فراهم ڪرڻ ضروري آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر بدين جي آفيس پاران گورنمينٽ ڪاليج آف نرسنگ (في ميل)، بدين ۾ شاگردياڻين لاءِ منعقد ڪيل ووٽر آگاهي سيشن کي خطاب ڪندي ڪيو سيشن جو مقصد شاگردياڻين ۾ شهري ذميوارين ۽ جمهوري شعور کي هٿي وٺرائڻ ووٽ جي اهميت اجاگر ڪرڻ، چونڊ عمل ۾ عورتن جي شرڪت جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ ووٽر رجسٽريشن سميت پنهنجي ووٽ جي حق جي ذميوارانه استعمال بابت معلومات فراهم ڪرڻ هو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد شاگردياڻين کي ووٽ جي اهميت، ووٽر رجسٽريشن جي طريقيڪار، چونڊ عمل ۽ هڪ ذميوار شهري جي حيثيت سان پنهنجي حق راءِ دهي جي درست استعمال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن چيو ته عورتون سماج جو اهم حصو آهن ۽ چونڊ عمل ۾ سندن ڀرپور شرڪت جمهوري قدرن جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي آگاهي سيشن دوران شاگردياڻين گهڻي دلچسپي جو اظهار ڪندي ووٽر رجسٽريشن، چونڊن ۽ عورتن جي شرڪت ۽ ووٽ جي حق بابت مختلف سوال پڇيا، جن جا ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر تفصيلي جواب ڏنا سيشن جي پڄاڻيءَ تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر بدين ظهير احمد گورنمينٽ ڪاليج آف نرسنگ (في ميل)، بدين جي انتظاميا جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته تعليمي ادارن ۾ ووٽر آگاهي پروگرام منعقد ڪرڻ سان نوجوانن ۾ شهري ذميوارين ۽ چونڊ عمل بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي

بقايا 23 روزاني عبرت

بوتلون هٿ ڪيون پوليس گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل قانونن تحت ڪيس داخل ڪيا آهن پوليس ترجمان موجب، ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ روهڙي پوليس آءِ آر لسٽ ۾ شامل مبينا منشيات سپلائر راهب عرف راهو شيخ کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪيو پوليس چيو ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 15 بوتلون شراب هٿ ڪيون ويون آهن جوابدارن خلاف روهڙي ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر نمبر 313/2026، پي ايڇ او ايڪٽ جي سيڪشن 3/4 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف، پنو عاقل ٿاڻي تي به ڪارروائي ڪئي ۽ ٻن جوابدارن ڪاشف علي بوزدار ۽ عاشق علي لوهار کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪيو پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان شراب جون 4 بوتلون هٿ ڪيون ويون آهن ٻنهي جوابدارن خلاف پنو عاقل ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر نمبر 277/2026، پي ايڇ او ايڪٽ جي سيڪشن 3/4 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي پوليس اختيارين موجب، ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي حڪمن جي روشني ۾ ڏوهاري عنصرن ۽ سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جاري رهندي

بقايا 24 روزاني عبرت

15کان ويهه ماڻهن زبردستي هٿيارن جي زور تي اسان جون ڍڳيون ڪاهي ڌنارن کي مارڪٽ ڪري ڍڳين کي زخمي ڪري ڪجهه ڍڳيون گهر ڪري ڇڏيون آهن. اسان سان انصاف ڪري ظالم وڏيرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 25 روزاني عبرت

هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي مقرر تاريخ تي پنهنجي زمينن بابت اصل دستاويز ڪيٽري رجسٽر الاٽمينٽ آرڊر ۽ ٻيا لاڳاپيل ڪاغذ کڻي پيش ٿين جڏهن ته الاٽمينٽ ۽ ريونيو داخلائن بابت جيڪڏهن ڪنهن ڌر کي ڪو اعتراض آهن ته اهي پڻ لکت ۾ جمع ڪرايا وڃن جيئن معاملي جو قانوني جائزو وٺي سگهجي هوڏانهن مختيارڪار ريونيو تعلقي ڪنگري کي به حڪم ڏنو ويو آهي ته هو سمورو اصل ريونيو رڪارڊ کڻي ذاتي طور ٻڌڻي ۾ پيش ٿئي. جيئن بيلي جي زمينن جي الاٽمينٽ ۽ ريونيو داخلائن بابت موجود رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ ڪري حقيقتون سامهون آڻي سگهجن نوٽيس ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪا ڌر مقرر تاريخ تي ٻڌڻي دوران پيش نه ٿي ته ان جي غيرحاضري ۾ قانون موجب هڪ طرفي ڪارروائي ڪئي ويندي ان سلسلي ۾ لاڳاپيل ڌرين کي پنهنجو موقف ۽ دستاويزي ثبوت پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي ڪنگري تعلقي جي ديهه ڪيٽي پانڌي ۽ ڪائينجي ۾ بيلي جي زمين جي الاٽمينٽ ۽ ريونيو داخلائن کي رد ڪرڻ بابت جاري ڪيل نوٽيس ڪانيوءِ 23 آڪٽوبر تي ٿيندڙ ٻڌڻي کي اهميت حاصل ٿي وئي آهي ٻڌڻي دوران پيش ٿيندڙ اصل رڪارڊ، دستاويزن ۽ ڌرين جي موقف جي روشني ۾ معاملي جو جائزو ورتو ويندو واضح رهي ته بيلي جي زمين جي ڄاڻايل 53 الاٽمينٽن ۽ ريونيو داخلائن بابت حتمي فيصلو اچڻو آهي جڏهن ته ڪمشنر سکر ڊويزن پاران جاري ڪيل نوٽيس کي ان سلسلي ۾ ايندڙ قانوني ڪارروائي جو اهم مرحلو قرار ڏئي سگهجي ٿو

بقايا 26 روزاني عبرت

ڪيو وڃي جنهن ۾ زرعي ماهرن آبادگارن کي ڪڻڪ جي بهتر پيداوار معياري ٻج جي اثرائتي استعمال ۽ زمين جي زرخيزي وڌائڻ بابت آگاهي ڏني ڪنوينشن کي خطاب ڪندي فاطمه فرٽيلائزر جي ٽيڪنيڪل سروسز مئنيجر ڊاڪٽر سعيد اقبال چيو ته زرعي انقلاب آڻڻ ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ ڪرڻ لاءِ ڀاڻ جو متوازن ۽ اثرائتو استعمال انتهائي ضروري آهي هن چيو ته ڪڻڪ جي بهتر پيداوار لاءِ فاطمه فرٽيلائزر جي سرسبز نائٽروفاس ۽ سرسبز ڪيلشيم امونيم نائٽريٽ جهڙين ڀاڻن جو مناسب استعمال اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو جنهن سان فصل جي پيداوار وڌائڻ ۽ زمين جي زرخيزي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي ڪنوينشن جي خاص مهمان ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن شهيد بينظيرآباد ڊويزن اسد علي ڪاڪا چيو ته ڪڻڪ جي پيداوار وڌائڻ ۾ ڀاڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي جڏهن ته معياري ڀاڻ جي تياريءَ جي حوالي سان فاطمه فرٽيلائزر پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪئي آهي فاطمه فرٽيلائزر جي ڊولپمينٽ مئنيجر عبدالصمد ابڙو آبادگارن کي سرسبز ڀاڻن جي اثرائتي استعمال فصل جي بهتر سار سنڀال ۽ منافعي بخش پيداوار حاصل ڪرڻ بابت مفيد مشورا ڏنا ان موقعي تي فاطمه فرٽيلائزر جا زونل مئنيجر حسيب دراني بشير شاهاڻي ذيشان سليم عثمان ملڪ زراعت کاتي جو فهيم شاهه معشوق لغاري، حبيب بيگ ۽ آبادگار اڳواڻ عمران بوزدار پڻ خطاب ڪيو ڪنوينشن ۾ ٽنڊوآدم، شهدادپور، ڏوڙ لعل ۽ پرياسي جي علائقن مان وڏي انگ ۾ آبادگارن شرڪت ڪئي

بقايا 27 روزاني عبرت

حل لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي آفيس ۾ ڪين پٽڪو پڻ ڀرپور ويو تفصيل موجب غلام الله ٺٽي ميرپور ساڪرو گهوڙاباري ۽ ڳاڙهو سميت ضلعي جي مختلف علائقن مان آيل معززين ۽ شهرين ضلعي چيئرمين سان ملاقاتون ڪري پنهنجا مسئلا پيش ڪيا هن عوامي شڪايتن جو فوري نوٽيس وٺندي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون. يقين ڏياريو ته عوام جي جائز مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته ضلعي ٺٽي جي عوام جي خدمت، بنيادي مسئلن جو حل ۽ علائقن جي ترقي اسان جي اولين ترجيح آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور ئي عوامي خدمت، محروم طبقن جي داد رسي ۽ ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ تي ٻڌل آهي هن چيو ته عوام جي محبت، اعتماد ۽ پنهنجا مسئلا کڻي ضلعي ڪائونسل جي آفيس پهچڻ اسان لاءِ خوشي ۽ اطمينان جو سبب آهي ضلعي ڪائونسل جي آفيس عوامي خدمت سان گڏ محبتن ۽ پنهنجائپ جو مرڪز بڻيل آهي جتي عوام کي عزت ڏني وڃي ٿي ۽ سندن مسئلا ٻڌي انهن جي حل لاءِ ممڪن قدم کنيا وڃن ٿا اسان جي ڪوشش آهي ته ڪنهن به شهري کي پنهنجي جائز مسئلي جي حل لاءِ غير ضروري پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري جي خاص سهڪار ۽ توجه سان ضلعي ٺٽي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ويا آهن جڏهن ته مختلف ترقياتي اسڪيمون پڻ هلندڙ آهن انهن منصوبن جو مقصد عوام کي بهتر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ شهرن ڳوٺن جي حالت بهتر بڻائڻ ۽ علائقن کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ آهي هن خاص طور تي غلام الله شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن بابت ڳالهائيندي چيو ته انهن منصوبن جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي، جيئن ترقياتي ڪم بهتر معيار مطابق مڪمل ٿين ۽ عوام کي جلد انهن جا فائدا حاصل ٿي سگهن غلام الله شهر جا هلندڙ ترقياتي منصوبا جلد مڪمل ڪيا ويندا، جنهن سان شهرين کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۾ بهتري ايندي ضلعي چيئرمين چيو ته عوامي خدمت جو اهو سلسلو جاري رهندو ۽ ضلعي جي سمورن علائقن ۾ ترقياتي ڪمن ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ موجود وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪيو ويندو هن چيو ته عوام جو اعتماد اسان جي اصل طاقت آهي ۽ عوام جي خدمت ڪري سندن اعتماد تي پورو لهڻ اسان جي ذميواري آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

محمد رند مختصر علالت بعد لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي شخصيتن ۽ برادري جي معززن شرڪت ڪئي جڏهن ته مرحوم کي سوين آلين اکين سان سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جو ٽيجهو ڳوٺ غلام حيدر رند ۾ رچايو ويو آهي پوئين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

هنگورجا جي ايس ايڇ او کي هدايتي نيٽر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي مظاهرين پوليس تي غفلت ۽ جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ جا الزام لڳائيندي انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو

بقايا 30 روزاني عبرت

استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب حلف وفاداري ۽ تعليمي ڪانفرنس ۾ استادن پاران ضلعي صدر گل محمد هموپوٽو کي پٽڪو پارايو ويو جڏهن ته چونڊيل عهديدارن توڙي اڳواڻن کي سنڌ جي ثقافتي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا پ ٽ الف جي سرڪي صدر حاجي شفيع محمد سليو پ ٽ الف ضلع مٽياري تعلقه نيو سعيد آباد تعلقه مٽياري ۽ مٽياري سٽي جي نون چونڊيل آيل عهديدارن کي حلف کڻايو تقريب کي خطاب ڪندي حاجي شفيع محمد سليو چيو ته پ ٽ الف نه صرف استادن جي حقن جي جدوجهد ڪئي آهي پر هن تنظيم سنڌ ۾ تعليم جي بهتري لاءِ به پڻ ڪم ڪيو آهي اڄ ڪو اسان جي هن تقريب کي ٽائيٽل ڏي پر صرف حلف برداري ناهي پر هن جو ٽائيٽل تعليمي ڪانفرنس آهي اسان جي تنظيم پرائمري استادن جي حق لاءِ سالهائين جدوجهد ڪئي اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ استادن کي اڄ 16 اسڪيل مليو آهي اسان کي يقين آهي ته اسان جي استادن کي رهيل سمورا حق به ملي ويندا تقريب کي ضلعي صدر گل محمد هموپوٽو احمد علي جمالي ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر صدف ميمڻ . منظورحسين چانڊيو . بشير احمد ڪٽري، رضا محمد ميمڻ . نصرالله مزاري ۽ رانا اسحاق ساقي . جاويد احمد شيخ . طلعت خاصخيلي . عبدالله ڏاهري . امتياز مڪڙ شاهد لغاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا 31 روزاني عبرت

چانڊيو خبر موجب گهوٽڪي جي علائقي روڻتي ڪچي ۾ امن امان جي بحالي کانپوءِ راندين جي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پهريون ڀيرو ٽن ڏينهن وارو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪچي امن اسپورٽس فيسٽيول گهوٽڪي 2026ع اڄ 22 آڪٽوبر کان شروع ٿيندو جيڪو 24 آڪٽوبر تائين جاري رهندو فيسٽيول جي انعقاد لاءِ سمورون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن جڏهن ته سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن مان رانديگر مختلف راندين جي مقابلن ۾ حصو وٺي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا. ضلعي انتظاميا گهوٽڪي سنڌ جي اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز کاتي ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي جي گڏيل سهڪار سان منعقد ٿيندڙ هن فيسٽيول جو مقصد روڻتي ڪچي ۾ امن امان جي بحالي کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ نوجوانن کي مثبت سرگرمين جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ راندين ذريعي ڀائيچاري، امن اتحاد ۽ گڏيل هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ آهي ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر گهوٽڪي نثار احمد چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سنڌ جي صوبائي وزير اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز سردار محمد بخش خان مهر جي خاص هدايتن تي فيسٽيول جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن هن چيو ته اسپورٽس فيسٽيول جي انعقاد سان علائقي ۾ راندين جي سرگرمين کي هٿي ملندي ۽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي مظاهري ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم فراهم ٿيندو هن وڌيڪ ٻڌايو ته ٽن ڏينهن واري فيسٽيول جو افتتاح ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ڊي آءِ جي سکر رينج ناصر آفتاب ۽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي سردار بنگل خان مهر ڪندا. ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد چانڊيو موجب فيسٽيول جي پهرئين ڏينهن 22 آڪٽوبر تي ڪوڏي ڪوڏي، شوٽنگ بال، اسپرنٽ ريس ۽ بيبي والي بال جا مقابلا ٿيندا. جڏهن ته ٻئي ڏينهن 23 آڪٽوبر تي ڪوڏي ڪوڏي، ملاکڙو رسو ڪشي ۽ گڏهه گاڏي ڊوڙ جا مقابلا منعقد ڪيا ويندا. اهڙيءَ طرح فيسٽيول جي ٽئين ۽ آخري ڏينهن 24 آڪٽوبر تي ڪوڏي ڪوڏي، ملاکڙو، ڏڳي گاڏي ڊوڙ ۽ وزن کڻڻ جي ريس جا مقابلا ٿيندا هن چيو ته سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن مان رانديگرن جي شرڪت سان علائقي ۾ راندين جي سرگرمين کي هٿي ملندي اهڙين سرگرمين ذريعي نه رڳو نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا موقعا ملندا، پر علائقي ۾ امن، ڀائيچاري ۽ مثبت سماجي سرگرمين کي پڻ هٿي ملندي

بقايا 32 روزاني عبرت

ايڊووڪيٽ ثناءُ الله قيس ايڊووڪيٽ جنسار علي قيس ايڊووڪيٽ اشتياق سولنگي ايڊووڪيٽ عبدالصمد ايڊووڪيٽ ارشد پٽي ايڊووڪيٽ بشارت سهتو ايڊووڪيٽ اظهر پتو ۽ ٻين شرڪت ڪئي مظاهرين پوليس خلاف نعريبازي ڪندي ڦريل سامان واپس ڪرائڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي گمبٽ صبير ميمڻ احتجاجي هنڌ پهچي وڪيلن سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڦريل سامان واپس ڪرائڻ لاءِ 15 ڏينهن جي مهلت ورتي جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪري قومي شاهراهه ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو ۽ گاڏين جي اچ وڃ بحال ٿي وئي

بقايا 33 روزاني عبرت

پنهنجيون ذميواريون ايمانداريءَ سان ادا ڪرڻ جو پابند بڻائڻ ۽ فرضن ۾ ڪوتاهي ڪندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائيءَ جي سلسلي جي ڪڙي قرار ڏنو پيو وڃي ايس ايس پي خيرپور جو چوڻ آهي ته پوليس کاتي ۾ فرضن جي ادائگيءَ دوران ڪنهن به قسم جي غفلت، لاپرواهي يا غير ذميوارانه رويي کي برداشت نه ڪيو ويندو سمورن پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجون ذميواريون قانون ۽ ضابطن موجب ادا ڪن جڏهن ته فرضن ۾ ڪوتاهي ڪندڙن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي جاري رهندي

بقايا 34 روزاني عبرت

موجب ڳوٺ سُهراب ڪنوهر ۾ ٽي ڏينهن اڳ گهر مان چوپايو مال چوري ڪرڻ دوران مزاحمت تي فائرنگ جي نتيجي ۾ رٽائرڊ فوجي رحمت الله ڪنوهر ۽ مبينا چور علي محمد عرف متيرو جاگيراڻي مارجي ويا هئا. جنهن جو ڪيس مقتول رحمت الله ڪنوهر جي ڀاءُ هدايت الله ڪنوهر جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر ۾ مبينا جوابدارن علي محمد عرف متيرو جاگيراڻي ، قلندر بخش جاگيراڻي، نظير جاگيراڻي ۽ ٽن اڻڄاتل جوابدارن سميت ڪل 6 ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو آهي فريادي پنهنجي موقف ۾ ڄاڻايو آهي ته ٽي ڏينهن اڳ رات دير سان 6 هٿياربند چورن جي ارادي سان گهر ۾ داخل ٿيا ۽ چوپايو مال ڪاهي ويا جنهن دوران سڄاڳ ٿيڻ تي مزاحمت ڪئي وئي ته جوابدارن فائرنگ ڪري منهنجي ڀاءُ رحمت الله ڪنوهر کي قتل ڪري ڇڏيو فريادي موجب رڙين ۽ ڳوٺاڻن جي پهچڻ بعد ڏٺو ويو ۽ هڪ جوابدار علي محمد عرف متيرو جاگيراڻي فوت ٿي چڪو هو جڏهن ته ٻيو زخمي حالت ۾ بيٺل هو واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي جوابدار کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو هو پوليس موجب فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

اتي ڪائون ڪميٽي بيراڻي جي فائير برگيڊ موقعي تي پهچي وڌيڪ گهرن کي سڙڻ کان بچايو ورتو متاثرن چيو ته اسان جو سڀ باهه لڳڻ سبب سڙي ويو سندن واهر جي اپيل ڪندي گهر ڪئي مدد ڪئي وڃي

بقايا 36 روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ذريعن موجب ڳوٺ جاڙو پنهور ۾ پنهور برادري جي ٻن پاڙن وچ ۾ گذريل ڪجهه مهينن کان زميني تڪرار هلندڙ آهي جنهن تان ڀائٽي طاهر پنهور مبينا طور پنهنجي چاچي عبدالشڪور پنهور تي ڪهاڙين جا وار ڪري کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي هوسڙي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي زخمي کي علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيس جڏهن ته جوابدار طاهر پنهور کي گرفتار ڪري ورتو ۽ واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ جاري هجڻ جا تفصيل سامهون اچڻ باقي آهن

بقايا 37 روزاني عبرت

جي راند ۾ ضلعي سانگهڙ جي ٽيم پهرين ۽ حيدرآباد جي ٽيم ٻي وڪ ساٽي چڪ بال ۾ شاهپور چاڪر جي ٽيم پهرين ۽ ٽنڊو آدم جي ٽيم ٻي پوزيشن حاصل ڪئي جڏهن ته ڊاج بال ۾ ٽنڊو آدم جي ٽيم پهرين، شهيد بينظيرآباد جي ٽيم ٻي ۽ ايڊر فائونڊيشن جي ٽيم ٽين پوزيشن حاصل ڪئي انعام ورهائڻ واري پڄاڻي جي تقريب ۾ اڳوڻي ضلعي ناظم سانگهڙ ملڪ امام الدين شوقين خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ۽ پوزيشن حاصل ڪندڙ ٽيمن ۾ ٽرافيون ۽ انعام ورهايا ان موقعي تي ٽنڊو آدم پريس ڪلب جو سيڪريٽري عاشق حسين ساند، زاهد حسين ميمڻ شهباز بابي سيد ذوالحبيب الحسن، رانا واجد، آدم قريشي، رانا احتشام ماجد آرائين ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي ملڪ امام الدين شوقين چيو ته راندين جا ميدان آباد هوندا ته اسپتالون ويران هونديون راند روند انسان جي سٺي صحت، جسماني سگهه ۽ ذهني واڌ ويجهه لاءِ اهم آهي هن چيو ته نيائين جو راندين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ خوش آئند عمل آهي ڇاڪاڻ ته اهڙن مقابلن سان منجهن همت، پاڻ تي ڀروسو، گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو هن خانگي اسڪولن جي انتظاميا کي اپيل ڪئي ته اهڙن راندين جي مقابلن ۾ پنهنجن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڌ کان وڌ شرڪت يقيني بڻائين، جيئن نوجوان نسل کي صحتمند ماحول ۽ پنهنجي صلاحيتن ڏيکارڻ جا وڌيڪ موقعا ملي سگهن ان موقعي تي ضلعي راندين جي آفيسر شهباز خان عباسي چيو ته سنڌ سرڪار جي راندين ۽ نوجوانن جي کاتي پاران وڌڻ جي هدايتن تي ضلعي سطح تي راندين جا مقابلا ڪرائڻ جو مقصد نوجوانن خاص طور نيائين کي اڳتي وڌڻ جا موقعا ڏيڻ ۽ سندن صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ آهي ضلعي سانگهڙ جي راندين جي مقابلن 2026ع هيٺ نيائين لاءِ ڪرايل اهي مقابلا کين راندين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ سندن صلاحيتن کي نکارڻ لاءِ سازگار ماحول مهيا ڪرڻ جي ڪوشش جو حصو آهن

بقايا 38 روزاني عبرت

موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ان موقعي تي گهرو معاملن وارو مملڪتي وزير ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد، سي ڊي اي جي چيئرمين ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي جا ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا گهرو وزير محسن نقوي دوري دوران سرڪاري زمين ۽ تجويز ڪيل منصوبي جي جڳهه جو جائزو ورتو دوري دوران ٻڌايو ويو ته ملپور ۾ سرڪاري زمين تي تعمير لاءِ 108 ڪينال زمين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي جڏهن ته ان سان لاڳاپيل اٽڪل 150 ايڪڙ زمين کي هن ميگا منصوبي لاءِ مختص ڪيو ويو آهي ته جيئن گاڏي واري هنڌ ۽ ثقافتي ۽ تاريخي سرگرمين کي هٿي ڏئي سگهجي سرڪاري زمين تي قبضي ۽ غير قانوني قبضن خلاف سخت پاليسي جو اعلان ڪندي گهرو وزير چيو ته اسلام آباد ۾ قيمتي سرڪاري زمين ۽ اپارٽمنٽس تي ڏاڍائي کان قبضو ڪندڙ ڌرين سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي هن واضح لفظن ۾ چيو ته سرڪاري زمينن تي قبضن ۾ جيترو ڏوهه قبضا مافيا جو آهي اوترو ئي ڏوهه سي ڊي اي جي انهن لاڳاپيل آفيسرن جو آهي جن ماضي ۾ انهن غير قانوني قدمن جي راهه هموار ڪئي، ان لاءِ ٻئي برابر جا قصوروار آهن ۽ انهن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ٿيندي هن انڪشاف ڪيو ته اسلام آباد ۾ غوري ٽائون سميت اٽڪل 150 هائوسنگ سوسائٽيون غير قانوني آهن جن خلاف انتظاميا ۽ سي ڊي اي کي مڪمل طور تي متحرڪ ٿي سخت قانوني ڪارروائي ڪري رهيا آهن

بقايا 39 روزاني عبرت

اعلائقي ۾ 6 عدد بنگلن جي 3 فيز ڪنيڪشن جي ميٽرن ۾ ٽيمپرنگ (ميٽاسٽا/چوري) ڏٺي وئي،جنهن تي ٽيم ترت ڪارروائي ڪندي بجليءَ جا ڪنيڪشن منقطع ڪري ڇڏيا سروس قانونن تحت ڏنڊ هڻڻ سان گڏ لاڳاپيل ٿاڻي تي بجلي چوري ڪندڙ واپرائيندڙن جي مقدمو پڻ درج ڪرائڻ لاءِ ايس ڊي او سٽيزن ڪالوني آفتاب احمد ڏاهري جي مدعيت ۾ ليٽر جمع ڪرائي ڇڏيو ويو آهي بجلي چوريءَ ۾ پڪڙجي پيل 6 عدد ڪنيڪشن جي تفصيل هيٺين ريت آهي:عمران ولد محمد حسين (حوالي نمبر 213718204014100)، بنگلو نمبر 74، گلشن سحي قاسم آباد، پير مسح الله جان سرهندي (حوالي نمبر 21371820401802)، بنگلو نمبر 72، گلشن سحي قاسم آباد، سخاوت علي ولد اعجاز (حوالي نمبر 093714820401701)، بنگلو نمبر 75، گلشن سحي قاسم آباد، شمس الدين (حوالي نمبر 09371820401805)، بنگلو نمبر 73، گلشن سحي قاسم آباد، اشفاق حسنين جمالي (حوالي نمبر 09371820402300)، بنگلو نمبر 78، گلشن سحي قاسم آباد، ۽ سيد عمران حسين ولد سيد اعجاز حسين شاهه (حوالي نمبر 09371820399402)، بنگلو نمبر 75، گلشن سحي قاسم آباد شامل آهن چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو فيض الله ڏاهري بجلي چوريءَ خلاف زيرو ٽالرنس پاليسيءَ تي سختيءَ سان عملدرآمد جي هدايت ڪندي واضح ڪيو آهي ته بجلي چوريءَ ۾ ملوث ڪنهن به شخص سان رعايت نه ڪئي ويندي تمام ملوث واپرائيندڙن خلاف بجلي چوريءَ جا مقدما درج ڪرائڻ ۽ قواعد ۽ ضوابط موجب قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻڻ جا قدم کنيا ويندا حيسڪو چيف وڌيڪ چيو ته بجلي چوري قومي وسيلن کي نقصان پهچائڻ سان گڏوگڏ بل ادا ڪندڙ واپرائيندڙن جي حقن کي به متاثر ڪري ٿي. تنهنڪري بجلي چوريءَ جي مڪمل خاتمي لاءِ ڪارروائيون بلا امتياز جاري رکيون وينديون.هن موقعي تي ايڪسيئن آپريشن ڊويزن قاسم آباد ظفر علي سمرون/سولنگي، ايس ڊي او ايم ۽ ٻي ذيشان راجپوت کان سواءِ فني عملو پڻ موجود هو

ڪراچي يونيورسٽي ۽ چين جي وچ ۾ مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي ۾

تجويز ڪيل پاڪستان-چين سينٽر فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ سائبر سيڪيورٽي ۽ پاڪستان-چين ميوزيم جو قيام

ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جو نومبر 2026ع ۾ چين جو دورو، چيني سرڪاري يونيورسٽين سان معاهدن ۽ [illegible]

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر وسيم قاضي چين جي قونصل جنرل فينگ دي پينگ سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ اعليٰ تعليم سائنسي تحقيق، جديد ٽيڪنالاجي جدت پسندي، ثقافتي تبادلن ۽ اداره جاتي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ پاڪستان-چين سينٽر فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ سائبر سيڪيورٽي ۽ پاڪستان-چين ميوزيم جي قيام سميت گڏيل تحقيقي منصوبن، استادن ۽ شاگردن جي تبادلن ۽ چيني ٻولي ۽ ثقافت جي واڌاري جون تجويزون غور هيٺ آيون پروفيسر ڊاڪٽر وسيم قاضي چيو ته پاڪستان ۽ چين جي سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 75هين سالگرهه ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي قيام جا 75 سال پورا ٿيڻ جي تاريخي موقعن کي ٺوس علمي، سائنسي ۽ ثقافتي ڪاميابين ۾ تبديل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن زراعت، بائيو ٽيڪنالاجي فوڊ ٽيڪنالاجي ساموندي معيشت، توانائي فارميسي مائڪرو بائيولاجي ۽ سماجي علوم (عمرانيات) سميت مختلف شعبن ۾ گڏيل تحقيق، ٽيڪنالاجي جي جدت ۽ پيشه ورانه تربيت جا پروگرام شروع ڪرڻ تي زور ڏنو چين جي قونصل جنرل فينگ دي پينگ ڪراچي يونيورسٽي ۽ ان جي ڪنفيوشس انسٽيٽيوٽ جي تعليمي تعاون جي واڌاري ۾ ڪردار کي ساراهيندي پاڪستاني يونيورسٽين سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو هن تجويز ڪيل پاڪستان-چين سينٽر فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ سائبر سيڪيورٽي جي قيام جي تجويز ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي تجويز ڪيل مرڪز جديد ٽيڪنالاجي، گڏيل تحقيق، شاگردن جي تربيت ۽ استادن جي پيشه ورانه ترقي لاءِ هڪ مؤثر پليٽ فارم ثابت ٿي سگهي ٿو ملاقات ۾ تجويز ڪيل پاڪستان-چين ميوزيم جي قيام تي پڻ غور ڪيو ويو جنهن جو مقصد تاريخي ورثي، علمي ذخيرن اهم دستاويزن ۽ ثقافتي نوادرات کي محفوظ بڻائڻ ۽ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ علمي ۽ ثقافتي لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ آهي ان سلسلي ۾ هڪ خاص هال آف فيم جي قيام جي تجويز پڻ پيش ڪئي وئي، جتي تعليم ۽ علمي خدمتن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندڙ شخصيتن کي خراج تحسين پيش ڪري سگهجي وائيس چانسلر هن عزم جو اظهار ڪيو ته بحث هيٺ آيل تجويزن کي عمل جوڳن منصوبن، گڏيل تحقيقي پروگرامن ۽ باضابطه اداره جاتي معاهدن ۾ تبديل ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ هو نومبر 2026ع ۾ چين جو دورو ڪندا، جتي ممتاز چيني يونيورسٽين جي نمائندن سان ملاقاتن دوران تحقيق، جديد ٽيڪنالاجي علمي تبادلن ۽ اداره جاتي تعاون جي واڌاري لاءِ ممڪن معاهدن کي اڳيرائي ڪئي ويندي. ڪراچي يونيورسٽي ۽ چيني تعليمي ادارن جي وچ ۾ تجويز ڪيل اشتراڪ جو مقصد ٻنهي ملڪن جي پراڻي دوستي کي پائيدار علمي ۽ سائنسي ڀائيواريءَ ۾ تبديل ڪرڻ اعليٰ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ تحقيق، جدت ۽ ترقي جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي. ڪراچي يونيورسٽي ممتاز يونيورسٽين ۽ تحقيقاتي ادارن کي هن گڏيل قدم ۾ شموليت جي دعوت پڻ ڏني آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

صحت جي موضوع تي تيار ڪيل پوسٽر، ويڊيو پروجيڪٽس جو معائنو ڪيو ان موقعي تي شاگردن وائيس چانسلر کي پنهنجي پروجيڪٽس بابت پريزنٽيشن ڏني جنهن جي هن تعريف ڪندي شاگردن جي ڪوشش کي ساراهيو شاگردن طرفان پنهنجي پروجيڪٽس ۾ رابطي جي اهميت، پاڻ کي اڪيلو رکڻ جي نقصانن، موڊ ۾ ايندڙ تبديلين ذهني دٻاءُ بيچيني ننڊ ۾ بک جي مسئلن ان جي صحت تي اثرن اچانڪ پريشان ٿيڻ کان بچڻ والدين جي مالي مسئلن سندن ذهني پريشانين جي سببن خاندان کي جوڙڻ اعتماد جي مضبوط بڻائڻ صحتمند سوچ کي هٿي ڏيڻ سميت ذهني صحت سان لاڳاپيل اثر انداز ٿيندڙ مختلف معاملن کي فوڪس ڪيو ويو هو ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته صحتمند معاشري جي جوڙجڪ لاءِ جسماني صحت سان گڏ ذهني صحت جي به وڏي اهميت آهي هن چيو ته پوري دنيا ۾ ذهني صحت جو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد هن حوالي سان شعور اجاگر ڪرڻ آهي ته جيئن ماڻهو ذهني صحت سان لاڳاپيل مسئلن ۽ مونجهارن کي سمجهي سگهن انهن جو حل ڪڍي سگهن ۽ هڪبئي جي مدد ڪري سگهن هن چيو ته يونيورسٽين جو ڪم رڳو معياري تعليم فراهم ڪرڻ ناهي پر هن قسم جي سرگرمين ذريعي شاگردن جي ذهني جذباتي ۽ سماجي نشونما لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ به آهي هن چيو ته شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن کي ذهني دٻاءُ سان نبرڻ، مثبت سوچ اختيار ڪرڻ ۽ پرسڪون رهڻ لاءِ رهنمائي مهيا ڪئي وڃي وائيس چانسلر چيو ته زندگي ۾ مختلف اوچتا حادثا، زندگي سان لاڳاپيل مختلف مسئلا ذهن تي اثر انداز ٿين ٿا، جيڪا فطري ڳالهه آهي پر صبر همت ، ڪوشش ۽ بهتر رهنمائي ۽ حوصلا افزائي سان انهن جي شدت جي اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو هن چيو ته ذهني صحت جي حوالي سان معاشرتي غلط فهمين ۽ منفي روين جو خاتمو ضروري آهي ته جيئن متاثر ٿيل ماڻهو پاڻ کي اڪيلو محسوس نه ڪن ۽ گهٻراهٽ جو شڪار نه ٿين هن چيو ته نفسيات شعبو يونيورسٽي جو انتهائي اهم شعبو آهي جيڪو ذهني صحت جي حوالي سان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن بهترين پروگرام منعقد ڪرڻ تي شعبي جي چيئرپرسن ۽ سندس ٽيم کي مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي نفسيات شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر منزه ملڪ وائيس چانسلر جي شرڪت، رهنمائي ۽ همت افزائي جي مهرباني مڃيندي پروگرام جي مقصدن تي روشني وڌي تقريب ۾ سوشل سائنسز فيڪلٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نائڪ راهو ساليانو امتحانن واري ڪنٽرولر محمد معشوق صديقي ۽ شعبي جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 41 روزاني عبرت

PSCTFپاڪستان چيپٽر جي سينيئر نائب صدر محمد شفيق ٻنهي خطن وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ٺوس ۽ بامقصد قدمن جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته آفريڪا ۾ ڪاروبار ۽ اقتصادي سهڪار جا وسيع موقعا موجود آهن. تنهن ڪري پاڪستان کي پنهنجي معيشت مضبوط بڻائڻ ۽ برآمدات لاءِ نين منڊين تائين پهچ حاصل ڪرڻ جي مقصد سان انهن موقعن مان ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي پريس ڪانفرنس ۾ PSCTF جي پاڪستان چيپٽر جي اقتصادي مشاورتي ڪائونسل جي چيئرمين بختيار احمد فاروقي، PSCTFخيبرپختونخوا (KPK) چيپٽر جي صدر اڪرام الله جان پڻ خطاب ڪيو.سفارتي لاڳاپن واپار ۽ سيڙپڪاريءَ ذريعي گڏيل خوشحالي لاءِ رابطن کي هٿي وٺرائڻ“ جي عنوان هيٺ منعقد ٿيندڙ هن ڪانفرنس جو مقصد ڪاروباري رابطن کي فروغ ڏيڻ سيڙپڪاريءَ جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ پاڪستاني ڪمپنين کي آفريڪا جي نين منڊين تائين پهچ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي، خاص طور تي ڏکڻ آفريقي ترقياتي برادري (SADC)جي 16 ميمبر ملڪن ۾ اعلان ڪيو ويو ته اسلام آباد ۾ مقرر آفريڪي ملڪن جا سفير جڏهن ته ڪراچيءَ ۾ آفريڪي ملڪن جي نمائندگي ڪندڙ قونصل جنرل ۽ قونصل پڻ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندا. ان کان علاوه اهم واپاري تنظيمن ۽ ايوانِ صنعت و تجارت جي صدرن ۽ چيف ايگزيڪيوٽوز گڏوگڏ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (FPCCI)جي نمائندن جي شرڪت پڻ متوقع آهي

بقايا 42 روزاني عبرت

روٽريڪٽ ڪلب لاڙڪاڻو جي گورنر چوڌري فهد سڪندر وائيس چانسلر شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو پروفيسر نصرت شاهه ڊاڪٽر ديالي گل ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نظير چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري، ڊاڪٽر ياسمين شيخ، جنيد پٽي سميت ڊاڪٽرن پروفيسرن سول سوسائٽي جي نمائندن اسڪولي ٻارڙن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پوليو کان پاڪ پاڪستان جا نعرا پڻ هنيا ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پاڪستان ۾ پوليو جو خاتمو ضروري ٿي ويو آهي. پوري دنيا ۾ تقريبن پوليو جو خاتمو اچي چڪو آهي پر پاڪستان ۽ افغانستان مان پوليو جو خاتمو اڃان ناهي ٿيو ان ڪري معاشري جي هر فرد کي پوليو جي خاتمي لاءِ ڪوششن وٺڻ جي ضرورت آهي ته پاڪستان مان پوليو جو خاتمو نه ٿيڻ جو سبب عوام ۾ پوليو بابت گهٽ ڄاڻ آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو غلط پروپيگنڊه ڪري پوليو مهم کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا آهن ۽ ڪجهه اهڙا به واقعا پيش اچي چڪا آهن جيڪي معصوم ٻارن کي پوليو کان بچاءُ لاءِ پوليو جا ڦڙا پيارڻ آهن ته انهن کي ماري تشدد ڪيو ويندو آهي هنن چيو ته پوري سنڌ ۾ ٻي ايڇ يو جا سينٽر آهن جتي هر ڏينهن کان 5 سالن جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويندا آهن گڏوگڏ صحت کاتي جون مختلف ٽيمون ڊيوٽي ڪنديون آهن ان لاءِ والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ پنهنجو قومي فرض ادا ڪن ته جيئن پاڪستان مان جلد پوليو جو خاتمو ٿئي

بقايا 43 روزاني عبرت

وارثن موجب پيرسن امان الله گاد جو ذهني توازن درست نه هو جيڪو منجهند ڌاري گهران نڪتو جنهن جو رائيس ڪئنال مان لاش هٿ آيو آهي هوڏانهن ضروري ڪارروائي بعد پيرسن جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 44 روزاني عبرت

پاران ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ جي لاءِ خصوصي تقريب منعقد ڪئي وئي مالديپ جي صدر کي اها اعزازي ڊگري وزيراعظم محمد شهباز شريف ڏني تقريب ۾ وفاقي ڪابينا جي ميمبرن ۽ مالديپ جي صدر جي وفد جي ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي مالديپ جي صدر اسلامي يونيورسٽي طرفان اعزازي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏيڻ تي ٿورا مڃيندي چيو ته هي اعزاز صرف سندس لاءِ ناهي پر مالديپ لاءِ به فخر جي لائق آهي هي اعزاز ٻنهي ملڪن جي لازوال دوستي جي علامت آهي هن چيو ته گڏيل احترام ۽ اعتماد پاڪستان ۽ مالديپ جي دوستي جي بنياد آهن اعزازي ڊگري ذريعي مالديپ جي عوام کي عزت ڏيڻ تي پڻ ٿورا مڃان ٿو اعزازي ڊگري ٿورن سان گڏوگڏ نئين ذميواري جي احساس به آهي مالديپ جي صدر پاڪستان جي حڪومت ۽ خاص طور تي انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي جا ٿورا ادا ڪيا

بقايا 45 روزاني عبرت

تي وفاقي وزير لائبہ اعجاز ڪيس ۾ هن وقت تائين ٿيل قانوني ۽ جاچ جي اڳڀرائي کان گهرڀاتين کي تفصيلي طور تي آگاهه ڪيو وفاقي وزير ڳالهائيندي چيو ته هن ڪيس جي جوابدارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ پوري جاچ ٽيم رات ڏينهن محنت ڪئي ۽ مظلوم خاندان سان ڪيل واعدو پورو ڪرڻ رياست ۽ حڪومت جو اولين فرض هو مرحوم لائبہ اعجاز جي والد ان موقعي تي وزيراعظم پاڪستان ۽ گهرو وزير محسن نقوي جو ذاتي دلچسپي ۽ انصاف جي فوري فراهمي تي دلي طور شڪريو ادا ڪيو هن جذباتي انداز ۾ چيو ته اسان هميشه ٻڌو هو ته رياست ماءُ جهڙي هوندي آهي پر اهڙي طرح اسان جي دادرسي ڪئي وئي اسان کي ان تي عملي يقين ٿي ويو آهي دوري دوران چيف ڪمشنر اسلام آباد انسپيڪٽر جنرل اسلام آباد پوليس ۽ ٻيا لاڳاپيل اعليٰ آفيسر به موجود هئا

بقايا 46 روزاني عبرت

۾ ٿڌ رهي اربع ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد ملي 41، ٺٽي، حيدرآباد ۽ لسبيلو ۾ 40 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 47 روزاني عبرت

لاش اسپتال منتقل ڪرڻ بعد واقعي بابت پوليس جاچ شروع ڪري ڏني آهي پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول مجاهد کي پنهنجي ڀاءُ اسلم ولد امير خان پاڻ ۾ جهيڙي جي دوران فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ قتل ٿي ويو آهي ۽ ملزم موقع تان فرار ٿي ويو آهي پوليس فرار ٿي ويل ملزم جي گرفتاري جي لاءِ ڇاپا پڻ لڳائي رهي آهي گلشن معمار جي علائقي عالم ٽائون بسم اسپتال جي ويجهو فائرنگ ۾ ذيشان ولد سلطان زخمي ٿيو ابراهيم حيدري ٿاڻي جي حد ڪورنگي نمبر 6 جمعا ڳوٺ ويجهو ٽي بي اسپتال جي ويجهو گهر ۾ گيس جو چلهو ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ زال ۽ مڙس سڙي زخمي ٿي پيا. جن جي سڃاڻپ اسماعيل ولد مقبول حسين ۽ مهڪ زال اسماعيل جي نالن سان ٿي آهي جن کي طبي امداد جي لاءِ سول اسپتال جي برنس وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي بلديا اتحاد ٽائون جي علائقي محمدي ڪالوني ۾ مدينا مسجد جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ بلال خان ولد جمرول خان زخمي ٿيو.

بقايا 48 روزاني عبرت

وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران فائرنگ ۾ گل محمد عرف گلي ٻارڻ زخمي ٿي پيو. پوليس موجب زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري علاج لاءِ تعلقي اسپتال جاتي منتقل ڪيو ويو آهي

ماني فراهم ڪرڻ لاءِ تجربيڪار ٺيڪدار گهربل آهي

نرخ نامي لاءِ اشتهار

هڪ معتبر تعميراتي اداري کي پنهنجي اسٽاف ۽ ڪريشر پلانٽ جي عملي لاءِ روزاني ٽن وقتن (ناشتو، منجهند ۽ رات) 100 کان 150 ماڻهن لاءِ معياري ماني فراهم ڪرڻ لاءِ تجربيڪار ٺيڪيدار گهربل آهي.

اهو طعام اداري جي مقرر ڪيل **جاءِ آمري** تي پيش ڪيو ويندو باورچي، عملو، برتن ۽ صفائي جي ذميواري ٺيڪيدار جي هوندي.

نرخ نامي ۾ ضروري تفصيل درج ڪريو

هفتيوار مينيو (Weekly Menu)، في کس نرخ ۽ ماهوار قيمت، عملو، برتن، ايڊوانس ۽ ٻيا اخراجات

صفائي ۽ حفظان صحت جا انتظام ادائيگي جون شرطون، سابقہ تجربو ۽ حوالو

نرخ نامو اي ميل / وائس اپ تي موڪلي سگهجي ٿو

Email: ghulamsarwar958@gmail.com

Contact # 022-2670275 (WhatsApp) 03373086285

ملڪ هلائڻ لاءِ وفاقي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ بدران جوڙجڪ سان هٿ چراند ڪئي پئي وڃي: زين شاهه

ملڪ ۾ 18 هين آئيني ترميم کي عملي طور ختم ڪيو ويو آهي، ايس آءِ ايف سي جهڙا ادارا قائم ڪري صوبن جا اختيار وفاق وٽ برقرار رکيا ويا آهن

سنڌ جي پاڻي، زمينن ۽ قدرتي وسيلن بابت اهڙا فيصلا ڪيا پيا وڃن، جيڪي سنڌ جي حقن ۽ مستقبل لاءِ ڳڻتيءَ جوڳا آهن

گرين پاڪستان انيشيئيٽو نالي سنڌ جي زراعت کي نقصان پهچايو وين، سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي قبضي جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي سربراهه سيد زين شاهه چيو آهي ته ملڪ ۾ 18 هين آئيني ترميم کي عملي طور ختم ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايس آءِ ايف سي جهڙا ادارا قائم ڪري صوبن جا اختيار وفاق وٽ برقرار رکيا ويا آهن ملڪ کي هلائڻ لاءِ وفاقي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ بدران ان جي بنيادي جوڙجڪ سان هٿ چراند ڪئي پئي وڃي، جنهن سان صوبائي خودمختياري ۽ جمهوريت متاثر ٿي رهي آهي حيدرآباد ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

Online Indus Media Forum
21 October 2026
Online Indus TV, Hyderabad, Jamshoro Road

حيدرآباد: سيد زين شاهه آن لائين انڊس جي مذاڪري کي خطاب ڪندي رهيو آهي

نئون ڳوٺ ۾ زمين جي تڪرار تان ڇڪتاڻ، ڳوٺاڻن جو اي سي ميهڙ ۽ پوليس خلاف احتجاج

اسان جو ڳوٺ 1930ع کان آباد آهي، زبردستي لڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

ڳوٺاڻن جو اي سي ميهڙ ۽ ايس ايڇ او نئون ڳوٺ تي ڀاتر تي جي ونگار وٺڻ، رشوت وٺڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ

نئون ڳوٺ(رپورٽر محمد رفيق سرڪاڻي) نئون ڳوٺ يوسي جي ڳوٺ گل محمد ڪوسو کي ڳوٺ محراب لاکير جي رهواسي پاران مبينا ڪلٽ واري ساميري کان پوءِ هلندڙ ڇڪتاڻ کان اي سي ميهڙ فاطمه کهڙو ۽ ايس ايڇ او نئون ڳوٺ جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن کي لڏائڻ ۽ زمين جي ساپ ڪرڻ پهتا ان دوران

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وحدت خلاف ڪا به سازش برداشت نه ڪنداسين: مظهر راهوجو

سارين جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 3500 رپيا في مڻ مقرر ڪري آبادگارن کي معاشي بدحالي کان بچايو وڃي

سنڌ جي قومي حقن، وحدت ۽ هارين آبادگارن جي جائز مطالبن لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بدين (ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو بدين ضلع جو تنظيمي دورو ڪيو هن موقعي تي هن 10 نومبر تي صوبا [illegible] جي عنوان هيٺ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي جلسي عام جي تيارين جو جائزو ورتو مختلف اجلاسن دوران

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جي صدارت هيٺ پنجن ئي ضلعن جي ايس ايس پيز جو اجلاس

آگسٽ ۽ سيپٽمبر دوران ٿيندڙ سنگين ڏوهن، قتل، ڌاڙن ۽ امن امان جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ ڏوهن جي خاتمي لاءِ پوليس جي قدمن ۽ ڪارڪردگيءَ جو پڻ جائزو ورتو ويو

ڏوهن جي روڪٿام لاءِ گشت ۽ اسنيپ چيڪنگ ۾ پڻ اضافو ڪيو وڃي: ڊي آءِ جي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نظير جي صدارت هيٺ لاڙڪاڻو رينج جي پنجن ئي ضلعن جي ايس ايس پيز جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ آگسٽ ۽ سيپٽمبر مهينن دوران ٿيندڙ سنگين ڏوهن، قتل، ڌاڙن ۽ امن امان جي مجموعي صورتحال سميت ڏوهن جي خاتمي لاءِ پوليس جي قدمن ۽ ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ لاڙڪاڻو رينج جي ايس ايس پيز آگسٽ ۽

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي، 7 ڪلو چرس ۽ 33 هزار گٽڪا هٿ، 4 جوابدار گرفتار

بدين (ڊ ر) سي آئي اي پوليس بدين ۽ ٽي ضلعي ۾ وينڊر منشيات کي کيپ پڪڙي ست ڪلو چرس 33 هزار گهٽڪا منشيات هٿ ڪري چار جوابدار گرفتار ڪري ورتا تفصيل موجب سي آئي اي پوليس بدين جي انچارج علي خان عباسي کي ڳجهي اطلاع تي پنگريو ٿاڻي جي حدن ۾ ڪارروائي ڪندي پنگريو جي طرف ايندڙ ٻن سوزوڪي مهراڻ ڪارن جي تلاشي وٺي ست ڪلو چرس ۽ ڪيترن هزار گهٽڪا منشيات ۽ سوزوڪي مهراڻ ڪارون هٿ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر اويس قادر شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

قاضي احمد ۾ هفتو اڳ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل ڳوٺاڻو فوت

قاضي احمد(ن ع)قاضي احمد هڪ هفتو اڳ قاضي احمد نواب شاهه لنڪ روڊ تي بحريا ٽائون پرسان 2 ڌميرن ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي موٽرسائيڪل سوار قاضي احمد لڳ ڳوٺ سونو خان چانڊيو واسي خالد حسين چانڊيو ولد حافظ خليل احمد چانڊيو سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي سيريس حالت ۾ نواب شاهه اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور آرٽس ڪائونسل ۾ اسٽيج ڊرامو "رشتا روح جا" پيش، فنڪارن جي اداڪاري کي ڀرپور موٽ

نامياري ليکڪ سيد اڪبر شاهه جي لکيل ڊرامي ۾ انساني رشتن، جذبن ۽ سماجي حقيقتن جي عڪاسي

مقررين پاران سنڌي ٻولي، ٿيٽر ۽ ثقافتي ورثي جي واڌاري لاءِ گڏيل ڪوششن ۽ فنڪارن جي حوصلا افزائي تي زور

خيرپور ۾ ڪراچي آرٽس ڪائونسل جي سهڪار سان ثقافتي سرگرميون جاري، امجد گل سومرو، مهجبين ۽ ٻين فنڪارن جي اداڪاري کي ساراهيو ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور آرٽس ڪائونسل ۾ ڪراچي آرٽس ڪائونسل جي سهڪار سان جاري ثقافتي سرگرمين تحت ٽئين ڏينهن تي نامياري ليکڪ سيد اڪبر شاهه جو لکيل اسٽيج ڊرامو "رشتا روح جا" پيش ڪيو ويو جنهن ۾ فنڪارن پنهنجي جاندار اداڪاري ذريعي انساني رشتن، جذبن، احساسن ۽ سماجي حقيقتن کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪري ويڪلن کان داد حاصل ڪيو ڊرامي ۾ خاص مهمانن طور فريد پٽي مختيارڪار ملڪ فريد مڱسي، محمد سليم

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: روڊ جي ٽٽل حالت جو ڏيک

چونڊ عمل ۾ عورتن جي شرڪت جمهوريت مضبوطيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: ظهير احمد

عورتن ۽ شاگردياڻين کي ووٽ جي اهميت ۽ ووٽر رجسٽريشن بابت آگاهي ڏيڻ ضروري آهي

گورنمينٽ ڪاليج آف نرسنگ ۾ شاگردياڻين کي ووٽ حق جي ڀرپور استعمال بابت بريفنگ

بدين (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر بدين ظهير احمد چيو آهي ته چونڊ عمل ۾ عورتن جي شرڪت جمهوري شعور جي واڌاري ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي تنهنڪري عورتن خاص طور تي نوجوان شاگردياڻين کي ووٽ جي اهميت، ووٽر رجسٽريشن ۽ چونڊ عمل

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ملڪي: پيپل برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊيپلي ۾ پيپل برادري جو لنڊ برادري جي ماڻهن خلاف احتجاج

15کان 20 ڄڻن هٿيارن جي زور تي ٻڪريون ڪاهي ڏنارن تي تشدد ڪيو: مظاهرين

تشدد دوران ٻڪرين کي زخمي ڪيو ويو، جڏهن ته ڪجهه ٻڪريون گم ڪيون ويون آهن

ملڪي (ڊ-ر) تعلقي ڊيپلو جي ڳوٺ بانڊو جي پيپل برادري جي ڳوٺاڻن ڳوٺ پانيلي جي وڏيرن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي هر هڪ جمعون ولد سومرو بڍو ولد سومرو هيرو هاٿي، واڳهو پارو پيپل پيپل ۽ ٻين لنڊ برادري جي هر هڪ رئيس ابراهيم لنڊ، قربان لنڊ، اسماعيل لنڊ، حاڪم لنڊ ۽ ٻين

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

روڻتي ڪچي ۾ ٽن ڏينهن وارو شهيد بينظير ڀٽو ڪچي امن اسپورٽس فيسٽيول اڄ کان شروع

22کان 24 آڪٽوبر تائين جاري رهندڙ ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪمشنر سکر، ڊي آءِ جي سکر ڪندا

ڪوڏي ڪوڏي، شوٽنگ بال، ملاکڙو، رسه ڪشي، گلم ڪانٽي ۽ ٻگي گاڏي ڊوڙ سميت مختلف راندين جا مقابلا ٿيندا

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي جي روڻتي ڪچي ۾ ٽن ڏينهن وارو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪچي امن اسپورٽس فيسٽيول اڄ کان شروع ٿيندو تياريون مڪمل ڪمشنر سکر ڊي آءِ جي سکر ۽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي افتتاح ڪندا: ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ وڪيلن جو لڳل ڌرڻو 15 ڏينهن جي مهلت بعد ختم

فدا حسين جامڙو ۽ منور شيخ جي اڳواڻي ۾ وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ شهرين جو احتجاج

ڊي ايس پي جي صبير ميمڻ سان ڳالهين بعد 15 ڏينهن جي مهلت تي ڌرڻو ختم ڪيو ويو

هنگورجا (رپورٽ: آفتاب پنهور) هنگورجا ۾ وڌندڙ بدامني وڪيلن جي گهرن ۾ چورين ۽ ڌاڙن خلاف ڳمبٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ فدا حسين جامڙو ۽ جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ منور شيخ جي اڳواڻي ۾ وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ شهرين پاران بس اسٽاپ وٽ قومي شاهراهه بند ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ۾ ڳمبٽ بار جي نائب صدر ميڊم نازيا پنهور

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لوڊشيڊنگ فري فيڊرن تي زيرو ٽالرنس پاليسي تحت حيسڪو جو آپريشن

گلشن سحر ۾ 6 بنگلن جي 3 فيز ميٽرن ۾ ٽيمپرنگ ۽ چوري پڪڙي وئي

بنگلن جا بجليءَ جا ڪنيڪشن منقطع ڪري ڇڏيا، ٿاڻي تي ڪيس لاءِ ليٽر جمع

حيدرآباد(پ ر)حيسڪو ترجمان موجب چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو فيض الله ڏاهري جي هدايت تي بجلي چوري خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت زيرو لوڊشيڊنگ فيڊرن تي مانيٽرنگ ٽيمون ڏينهن رات چيڪنگ ڪري رهيون آهن بجليءَ جي چوري ڪنهن به صورت ۾ ٿيڻ نه ڏينداسين، بجلي چورن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائينداسين گلشن سحر واري

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪيپرو ۾ هڪ ئي رات ٻن اسڪولن ۾ چوري، واٽر ڪولر جو سامان ۽ پنکا چور کڻي ويا

ڪيپرو (ٽ ر) ڪيپرو ۾ هڪ ئي رات چورن ڪيپرو جي مين سنڌي پرائمري اسڪول کي ڪاٽ هڻي اسڪول ۾ رکيل اليڪٽرڪ واٽر ڪولر کي ٽوڙي ان مان موٽر سميت ٻيو سامان کڻي چوري ڪري ويا ۽ ٻي پاسي گرلس پرائمري اسڪول جي ڇت ٽوڙي اڙ مان پنکا چوري ڪري ويا آهن چوري سبب سنڌي اسڪول جا شاگرد پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم ٿي ويا آهن شهرين وچ شهر مان چوري جي وارداتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان برآمد ڪيو وڃي

خيرپور جي ٻيلي جي زمينن جي 53 الاٽمينٽن ۽ روينيو داخلائن بابت ڪمشنر سکر پاران ڌرين کي نوٽيس جاري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ضلعي جي تعلقي ڪنگري ۾ ٻيلي جي زمين جي الاٽمينٽ ۽ روينيو داخلائن کي رد ڪرڻ واري معاملي ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي ڪمشنر سکر ڊرين ديهه ڪيٽي پانڌي ۽ ڪائينجي ۾ ٻيلي جي زمين بابت 53 ڪاٽيدارن سميت سمورين لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 23 آڪٽوبر تي ٻڌڻي لاءِ طلب ڪري ورتو آهي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي پاران جاري ڪيل نوٽيس ۾ لاڳاپيل ڪاٽيدارن ۽ ڌرين کي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ چوڪ تي لڳل ياسگار جي مرمت ڪئي پئي وڃي

ايس ايس پي خيرپور ٽن ٿاڻن جي وڏن منشين کي معطل ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور فرضن ۾ ڪوتاهي ايس ايس پي خيرپور ٽن ٿاڻن جي وڏن منشين کي معطل ڪري ڇڏيو ايس ايس پي خيرپور پاران فرضن جي ادائگيءَ ۾ غفلت ۽ لاپرواهي ڪرڻ تي احمديون پير ڳوٺ ۽ اڳڙا ٿاڻن جي وڏن منشين کي معطل ڪري پوليس لائين ڪلوز ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ايس ايس پي خيرپور جي اهڙي قدم کي پوليس کاتي ۾ نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ پوليس اهلڪارن کي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد ۾ غوري ٽائون سميت 150 هائوسنگ سوسائٽيون غير قانوني هجڻ جي تصديق

اسلام آباد ۾ 150 ايڪڙ زمين تي اسلام، تاريخ ۽ هٿياربند فوجن سميت ٻين شعبن جا 8 عالمي معيار جا عجائب گهر ٺهندا: گهرو وزير

سرڪاري زمين ۽ تجويز ڪيل منصوبي جي جڳهه جو جائزو ورتو، آمير مليور ۾ سرڪاري زمين تي تعمير لاءِ 108 ڪينال زمين جي نشاندهي ڪئي

سرڪاري زمينن تي قبضن ۾ جيترو ڏوهه قبضه مافيا جو آهي ايترو ئي ڏوهه سي ڊي اي جي لاڳاپيل آفيسرن جو آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گاڏي واري شهر جي علائقي مليور ۾ 150 ايڪڙ زمين تي مختلف قومي ۽ تاريخي شعبن جي نمائندگي ڪندڙ 8 وڏا عالمي معيار جا عجائب گهر تعمير ڪيا ويندا، انهن عجائب گهرن ۾ قومي ورثو عجائب گهر تاريخي عجائب گهر پاڪستان جي هٿياربند فوجن (آرمڊ فورسز) جو عجائب گهر ۽ اسلامي عجائب گهر سميت ٻين شعبن جا عجائب گهر شامل هوندا، جن ذريعي پاڪستان جي تاريخي ورثي اسلامي قدرن ۽ دفاعي خدمتن کي ڀرپور انداز ۾ اجاگر ڪيو ويندو اها ڳالهه وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد جي علائقي مليور جي دوري جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

SPORTS GAMES
in the month of October 2026
VOLLEYBALL
TCHOUKBALL
DODGEBALL

ٽنڊو آدم: سينيئر امام الدين شوقين ۽ ٻيا رانديگر تقريب ۾ شريڪ آهن

جاتي ويجهو پوليس مقابلي ۾ ڦر جو جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جاتي (ن ع) جاتي ويجهو ٻارڻ آباد روڊ تي گولاڙچي کان ايندڙ نوجوان منٺار پٽ پير بخش کان مبينا ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت تي ڪيس گولي هڻي زخمي ڪيو ويو هو واقعي کان پوءِ ٻارڻ آباد پوليس چوڪي جي اهلڪارن چوڪس ٿي روڊ تي پوزيشنون سنڀالي ورتيون رات دير سان ٻارڻ آباد روڊ پرسان پوليس ۽ مبينا ڦورو ڙن

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ڳاني
پروفيسر خيرالنساءِ جعفري
STAGS
1947 - 1998

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جو وي سي خيرالنساءِ جعفري جي ياد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي

جهڏو پرسان ٻن ڪارن ۾ ٽڪر، عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي

حادثي ۾ ڏکڙي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري جي ڀيڻ ۽ ڀڻيئو زخمي ٿي پيا

حادثي ۾ عورت جي ٻنهي ٽنگن جي ڪراين جون هڏيون ڀڄي پيون، زخمي اسپتال منتقل

ڏکڙي(ن ع) ڏکڙي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راجپوت جي وڏي ڀيڻ ۽ سنڌس ڀڻيئو ڊاڪٽر عبدالقيوم جهڏي پرسان روڊ حادثي ۾ سخت زخمي ٿي پيا تفصيل موجب ملتان کان آيل توفيق سردار راجپوت جي وڏي ڀيڻ ۽ سنڌس ڀڻيئو ڊاڪٽر عبدالقيوم پنهنجي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ رائيس ملز ايسوسيئيشن جي احتجاج تي ايم پي اي جو نوٽيس

شير محمد مغيري جو سيپڪو اختيارين سان رابطو انڊسٽريل فيڊر تي لوڊشيڊنگ 6 ڪلاڪ جو نوٽيفڪيشن جاري

رائيس ملز جي پورهيتن جي گهٽ اجرت واري معاملي جو به نوٽيس، مالڪن سان ڳالهين ڪانپوءِ مزدورن

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ آل رائيس مل ايسوسيئيشن پاران انڊسٽريل فيڊر تي بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ ڪرڻ ۽ رائيس ملن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن کي گهٽ اجرت ملڻ واري عمل جو جيڪب آباد مان چونڊيل پي پي پي ايم پي اي شير محمد مغيري نوٽيس وٺي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور: ناري ۾ استاد جي مبينا غيرحاضري خلاف شاگردن جو احتجاج

ڳوٺ محمد اسماعيل منگريو پرائمري اسڪول ۾ استاد مهيني ۾ رڳو ٻه کان ٽي ڏينهن اچي ٿو

استاد جي مبينا غيرحاضري سبب پڙهائي متاثر پئي ٿي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ناري تعلقي جي ڳوٺ محمد اسماعيل منگريو جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ مقرر استاد جي مبينا مسلسل غيرحاضري خلاف معصوم شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪري تعليم کاتي جي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي شاگردن جو چوڻ آهي ته استاد جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور روهڙي ڪئنال جو حفاظتي بند ٽٽڻ جو خدشو ظاهر، احتجاج

حفاظتي بند هنڌان هنڌان ڪمزور، ٻن مهينن کان مرمت نه ٿيڻ تي علائقي واسين ۾ ڳڻتي

بند ٽٽڻ جي صورت ۾ گهرن، چوپائي مال ۽ بيٺل فصلن کي نقصان جو انديشو آهي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: روهڙي ڪئنال جي آءِ ٻي سائيڊ تي آر ڊي 106 ۽ آر ڊي 107 وٽ حفاظتي بند زبون حالي جو شڪار ٿيڻ سبب ٽٽڻ جو خدشو وڌي ويو آهي جڏهن ته بند هنڌان هنڌان اکڙي وڃڻ ۽ مرمتي ڪم نه ٿيڻ ڪري ڪنهن به وقت وڏي ڪٽاري پوڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي حفاظتي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: عملدار ايل پي جي جا دڪان سيل ڪري رهيو آهي

اڏيرولال ۾ سونن سميت 30 لک رپين جو سامان مبينا چوري

گهر ڌڻي پنجاب ويل هو، چور ڇت ٽپي رقم ۽ سون چوري ڪري ويا

نامعلوم چور گهر اندر گهڙي 6 ڪمرن جا تالا ٽوڙي رقم ۽ سون چوري ڪري ويا

جاچ ڪريون پيا، جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري متاثرن سان انصاف ڪيو ويندو: ايس ايڇ او

اوڏيرولال (ن ع)اوڏيرولال ۾ سونن سميت 30 لک رپين جو سامان مبينا چوري خلاف احتجاج ڪندي گهر ڌڻي چيو ته پنجاب ويل هجڻ دوران نامعلوم چور ڇت ٽپي گهر اندر گهڙي 6 ڪمرن جا تالا ٽوڙي رقم سون ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار، شهرين رڻا الياس، رڻا اعظم رڻا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال لڳ تعليم کاتي متياري خلاف احتجاجي مظاهرو

پرائمري اسڪول مولوڊنو ميرجت ۾ سال کان استاد مقرر نه ٿيو آهي: جان محمد

اسڪول ۾ داخل 300 کان مٿي اسڪولي ٻارڙن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي

اوڏيرولال (ن ع)اوڏيرولال لڳ ڳوٺ مولوڊنو ميرجت جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مولوڊنو ميرجت ۾ گذريل هڪ سال استاد مقرر نه ٿي سگهيو ڳوٺاڻن ۽ شاگردن پاران عبدالحڪيم ميرجت جي اڳواڻي ۾ جان محمد ميرجت ولي محمد خادم حسين ۽ ٻين تعليم کاتي متياري خلاف احتجاجي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ گهرو اڻبڻت تان نوجوان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

فيملي لائين ۾ عاشق علي سيال گهر ٻاهران پاڻ مٿان پستول جو فائر ڪري زندگي جو انت آندو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سول لائين ٿاڻي جي حد فيملي لائين ۾ مبينا گهرو اڻبڻت تان نوجوان عاشق علي پٽ سومر سيال گهر ٻاهران پاڻ مٿان ٽي ٽي پستول جو فائر ڪري زندگي جو انت آڻي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٿيٽڻ ڳوٺ: ڳوٺاڻا پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم ۾ فاطمه فرٽيلائزر جي سهڪار سان سرسبز آبادگار ڪنوينشن

ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار جي عنوان هيٺ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو

زرعي انقلاب ۽ پيداوار ۾ واڌ لاءِ ڀاڻ جو متوازن ۽ اثرائتو استعمال ضروري آهي: سعيد اقبال

ٽنڊوآدم (ن ع)ٽنڊوآدم ۾ فاطمه فرٽيلائزر جي سهڪار سان سرسبز آبادگار ڪنوينشن ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار تي زور رپورٽ موجب فاطمه فرٽيلائزر ڪمپنيءَ جي سهڪار سان ٽنڊوآدم جي هڪ مقامي هال ۾ "ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار" جي عنوان هيٺ سرسبز آبادگار ڪنوينشن منعقد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٺٽي جي عوام جي خدمت، بنيادي مسئلن جو حل اسان جي اولين ترجيح آهي: عبدالحميد پنهور

غلام الله شهر جا جاري ترقياتي منصوبا جلد مڪمل ڪيا ويندا، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري جو سهڪار حاصل آهي

غلام الله سميت ٺٽي، ميرپور ساڪرو، گهوڙاٻاري ۽ ڳاڙهي مان آيل معززين پنهنجا مسئلا پيش ڪيا، فوري حل جي

غلام الله (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب صدر ۽ ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور پنهنجي آفيس ۾ ضلعي جي مختلف علائقن مان آيل معزز شهرين، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي فوري

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پ ٽ الف متياري ضلع ۽ تعلقن جي باڊين جي حلف وفاداري تقريب

پ ٽ الف سنڌ ۾ تعليم جي بهتري لاءِ به پتوڙيو آهي: شفيع محمد سليو

اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ استادن کي 16 اسڪيل مليو آهي

متياري (ڊ ر) سنڌ جي پرائمري استادن جي نمائنده تنظيم پ ٽ الف ضلع متياري ۽ تعلقن جي باڊين جي حلف وفاداري تعليمي ڪانفرنس جي تقريب متياري ۾ ٿي گذري جنهن جا مهمان خاص پ ٽ الف جا مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سليو هئا تقريب ۾ متياري ضلعي مان پرائمري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ 7 ٻارن جي پورهيت والد جو رائيس ڪئنال مان لاش هٿ

پورهيت امان الله گاد جو لاش رهواسين ڪڍي چانڊڪا اسپتال منتقل ڪيو

والد ريڙهي تي فروٽ وڪرو ڪندو هو، بيروزگاري جي ڪري پريشان رهندو هو: پٽ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد پراڻي اسٽان واري علائقي مان گذرندڙ رائيس ڪئنال مان حيدري محلا جي رهواسي 52 ورهين جي 7 ٻارن جي پورهيت والد امان الله گاد جو رائيس ڪئنال مان لاش هٿ اچڻ تي علائقي واسين لاش ڪڍي چانڊڪا اسپتال

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڳوٺ سهراب ڪٽوهر ۾ چوپايو مال چوري ۽ ٻن ڄڻن جي مارجڻ جو 6 ڄڻن تي ڪيس داخل

مقتول جي ڀاءُ هدايت الله ڪٽوهر جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ايف آءِ آر ۾ قلندر بخش، نظير جاگيراڻي سميت 6 ڄڻا نامزد، فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ سهراب ڪٽوهر ۾ چوپايو مال چوري ڪرڻ دوران مزاحمت تي پاڳين ۽ چورن وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۾ رٽائرڊ فوجي سميت ٻن ڄڻن جي مارجڻ واري واقعي جو ڪيس داخل 3 سڃاتل ۽ 3 اڻڄاتل جوابدار شامل هڪ زخمي جوابدار پوليس جي تحويل ۾ تفصيل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

پهرين آفريڪا ڊيولپمينٽ اينڊ اڪنامڪ ڪانفرنس اهم سنگ ميل ثابت ٿيندي: رفيق ميمڻ

ڪانفرنس جو مقصد پاڪستاني ڪمپنين کي آفريڪا جي نين منڊين تائين پهچ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي

پاڪستان ۽ آفريڪي ملڪن وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري ۽ اقتصادي سهڪار جي واڌاري ۾ مدد ملندي

چيئرمين پاڪستان ساؤٿ چيمبر ٽريڊ فيڊريشن پاران پاڪستان چيمبر جي اقتصادي مشاورتي ڪائونسل کي خطاب

ڪراچي(رپورٽ: صالح بلوچ) پاڪستان ساؤٿ چيمبر ٽريڊ فيڊريشن (PSCTF) پاڪستان چيپٽر جي چيئرمين محمد رفيق ميمڻ ان اعتماد جو اظهار ڪيو آهي ته پهرين آفريڪا ڊيولپمينٽ اينڊ اڪنامڪ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پوليو کان بچاءَ لاءِ جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ ريلي

روٽري ڪلب آف موهن جو دڙو ۽ روٽريڪٽ ڪلب طرفان ريلي ڪڍي وئي

هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پوليو کان پاڪ پاڪستان جا نعرا پڻ هنيا ويا

معاشري جي هر فرد کي پوليو جي خاتمي لاءِ ڪوششون وٺڻ جي ضرورت آهي: نصرت شاهه

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ روٽري ڪلب آف موهن جو دڙو ۽ روٽريڪٽ ڪلب آف لاڙڪاڻو طرفان پوليو کان بچاءَ لاءِ جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ شهر جي هندو ڌرم شالا کان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي جنهن ۾

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ميهڙ جا شهري صاف پاڻي ۽ صفائي سٿرائي جهڙن بنيادي سهولتن کان محروم آهن: لياقت جتوئي

اين جي وي ۽ زيب ٽيڪ ضرور ٺاهيو، پر انهن لاءِ مليل بجيٽ تحت ٺهيل ادارا ڪنهن ٻئي هنڌ قائم ڪيا وڃن

ميهڙ جا پراڻا تعليمي ادارا شمس الدين ٻلبل اسڪول، هاءِ اسڪول نمبر 2 ۽ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج بحال ڪيا وڃن

تعلقه اسپتال ميهڙ کي ڊيڊ ارب رپين جي بجيٽ خرچ ڪري اپگريڊ ڪري گمس ۾ تبديل ڪيو ويو، پر ان جا نتيجا زيرو آهن

ميهڙ (ن ع) ميهڙ: جي ڊي اي جي اڳواڻ لياقت علي خان جتوئي جي ٻرڙا رائيس مل تي اهم پريس ڪانفرنس، حڪومت تي سخت تنقيد ميهڙ: جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير لياقت علي جتوئي جي ٻرڙا رائيس مل تي اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ميهڙ جا شهري پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ صفائي سٿرائي جهڙن بنيادي مسئلن کان محروم آهن جڏهن ته سرڪاري ادارن کي پرائيويٽ ڪيو پيو وڃي، جيڪو شهرين سان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مير اعجاز حسين جکراڻي جي پٽ مير زيد خان جکراڻي جي ريجوڙي کان پوءِ جکراڻي ڀائرن وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي اڳوڻي ايم اين اي مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي پٽن وچ ۾ هلندڙ اختلاف خاتمي طرف روان دوان جيڪب آباد جي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ مير خالد خان مير آزاد خان جکراڻي وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي عورت ونگ جي اڳواڻ ايم پي اي فريال ٽالپور جي انٽري کان پوءِ ٻئي ڌريون فيصلي ذريعي ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ تي راضي ٿي ويون آهن ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب جکراڻي ڀائرن وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو فيصلو 31 آڪٽوبر تي ٿي چنچر ڏينهن ڪراچي ۾

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سٽي پوليس چيف آزاد خان پل جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ڪنب پوليس جي ڪارروائي، ٻن مبينا منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گمبٽ (ٽ ر)ڪنب ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن ۽ ڪرمنل ماڻهن خلاف ڪنب پوليس جون ڪارروايون جاري 2 منشيات فروش گرفتار ڪنب ايس ايڇ او ياسر علي ڪوسو ايس ايس پي خيرپور جي حڪم تي ڪنب ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري ٻه منشيات فروش گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪئي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: اڳوڻو وڏو وزير لياقت جتوئي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

وهڻائي پل جي مرمت ۾ دير سبب شهرين ۽ مسافرن جون پريشانيون وڌي ويون

وهڻائي پل جي مرمت ۾ دير سبب شهرين ۽ مسافرن جون پريشانيون وڌي ويون

مرمتي ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ سان گڏ پل تي اثرائتا حفاظتي انتظام ڪيا وڃن: شهري

ٽنڊوباگو (ن ع) وهڻائي پل جي مرمت ۾ دير سيد سمن سرڪار جي ساليانو عرس ۽ ميلي دوران ٽريفڪ جو دٻاءُ وڌڻ جو خدشو هنگامي بنيادن تي مرمت مڪمل ڪرڻ جو مطالبو، ٽنڊو باگو - بدين روڊ تي واقع وهڻائي پل جي مرمت ۾ دير سبب شهرين ۽ مسافرن جون پريشانيون وڌي ويون آهن،

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي قومي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاولي جي 19هين ورسي اڄ سجاول ۾ ملهائي ويندي

سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران ثقافت کاتي جي سهڪار سان ادبي ميڙاڪو منعقد

ڊاڪٽر خالد حسين ٻٽي، ثاني ماروي، خوشبو ثناري ۽ ٻيا فنڪار سرويچ سجاولي جي انقلابي شاعري ڳائي پيش ڪندا

سجاول (ڊ ر) سنڌ جي قومي، عوامي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاولي جي 19هين ورسي سياڻي 22 آڪٽوبر تي سرويچ نگر سجاول ۾ ملهائي ويندي، جنهن جو اهتمام سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان ڪيو ويو آهي ورسي تقريب ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ جي اڳوڻي صحافي وجئه شرما جي پٽ جو ديهانت ٿي ويو

راجيش شرما ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ علاج دوران دم ڏني حوالي ڪيو

نوجوان جي لاڏاڻي تي واپاري ايسوسيئيشن پاران اسلام ڪوٽ جو ڪاروبار بند رکيو ويو

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ جي اڳوڻي صحافي پ پ پ جي جيالي وجئه شرما جو 22 ورهين جو نوجوان پٽ راجيش شرما ڪجهه ڏينهن آنڊي جي بيماري ۾ مبتلا رهڻ بعد ڪالهه ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ ديهانت ڪري ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ جي سوڳ ۾ واپاري ايسوسيئيشن پاران سوڳ ۾ شهر جا ڪاروبار مڪمل بند رکيا ويا جڏهن ته فوتي نوجوان

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ورهاڱي جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو، ڌرتي ماءُ جو ورهاڱو قبول ناهي: رخسانه شاهه

ڪراچي سنڌ ۽ پاڪستان جي دل آهي، سنڌ ۾ نوان صوبا يا انتظامي يونٽ نه ٺهڻ گهرجن

ٺٽي ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي يونٽ جي ضرورت آهي، وڏي وزير ۽ لاڳاپيل اختيارين اڳيان گذارشون رکيون آهن

ايم پي اي رخسانه شاهه ڳوٺ غلام محمد بروهي ۾ پيور بلاڪ اسڪيم جي افتتاح بعد خطاب

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ اسانجي ڌرتي ماءُ آهي ڌرتي ماءُ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو نفرت جي سياست ڪندڙ ۽ بورين ۾ بند لاش موڪليندڙن کي صوبو گهرجي ٿو جن جو اهو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو پيپلزپارٽي ايم پي اي سيده رخسانه شاهه جو ٺٽي لڳ ڳوٺ غلام محمد بروهي ۾ تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهين ڳوٺ غلام محمد بروهي ۾ پيور بلاڪ واري اسڪيم جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪري خطاب ڪندي ۽ صحافين

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس جون روهڙي ۽ پنوعاقل ۾ ڪارروايون، منشيات سپلائر سميت 3 جوابدار گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر احمد چوڙري، ڊي ايس پي، ڪيو پي ايم جي حڪم تي، سکر پوليس سماجي برائين ۽ منشيات جي واپار ۾ ملوث عنصرن خلاف پنهنجون ڪارروايون جاري رکي رهي آهي روهڙي ۽ پنوعاقل ۾ الڳ الڳ ڪارروايون دوران پوليس آءِ آر لسٽ ۾ شامل هڪ مبينا منشيات سپلائر سميت 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ۽ شراب جون ڪل 19

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽڪ هڙتال
تعليم دشمن هر دستور نامنظور نامنظور
سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ

عمرڪوٽ: زرعي يونيورسٽي جي ڪيمپس جي تالا بندي خلاف احتجاج

هنگورجا جهيڙي ۾ زخمي ٿيل 13 ورهين جو نينگر فوت، وارثن جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

منگنيجا برادري پاران نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي مظاهرين جو ايس ايڇ او کي هٽائي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

هنگورجا (رپورٽ: آفتاب پنهور) شيخ ۽ منگنيجا برادرين جي ٻن ڌرين وچ ۾ خوني جهيڙي دوران گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل 13 ورهين جو گلزار احمد سکر جي ضياءالدين اسپتال ۾ فوت ٿي ويو نينگر جي لاش جو پوسٽ مارٽم ٿيڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف منگنيجا برادري پاران نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو وين جنهن سبب گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند جي معزز شخصيت زوار خير محمد رند لاڏاڻو ڪري ويو

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ويجهو ڳوٺ غلام حيدر رند ۾ معزز شخصيت زوار خير محمد رند مختصر علالت بعد لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي شخصيتن ۽ برادري جي معززين جي شرڪت خبر موجب مقصودو رند ويجهو ڳوٺ غلام حيدر رند ۾ علي نواز رند ، سيٺ شاهنواز رند، ريٽائرڊ فوجي حق نواز رند جو والد معزز شخصيت زوار خير

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال: اسڪول ۾ استاد نه هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ڳوٺ خميسو چانڊيو جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

رمضان چانڊيو کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو جيڪو پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ آيو: مظاهرين

عدالت ۾ درخواست بعد ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي پر پوليس هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ جي ڳوٺ خميسو چانڊيو جي رهواسين پاران قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي مظاهرين پاران الزام لڳايو ويو ته 3 مهينا اڳ نوابشاهه جي سرڪاري اسپتال ۾ رمضان چانڊيو جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ اسان وارثن کي شڪ هو ته اسان جي همراهه کي مبينا طور تي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو آهي

جام نواز علي لڳ چانڊيا برادري جي گهرن کي باهه، الهه تلهه رک

چلهه چڻنگ مان باهه لڳڻ سبب حفيظ، فقير، شبير چانڊيو جا گهر سڙي ويا

گهرن ۾ پيل اناج، هنڌ بسترا، سونا زيور، نياڻين جو ڏاج سڙي خاڪ

جام نواز علي (ن ع) جام نواز علي لڳ ڳوٺ مير محمد رند ۾ چانڊيا برادري جي گهرن کي چلهه جي چڻنگ مان اوچتو باهه سبب حفيظ چانڊيو فقير چانڊيو شبير چانڊيو جا گهر سڙي رک ٿي ويا گهرن ۾ پيل سوين من اناج هنڌ بسترا سونا زيور نياڻين جي ڏاج جو سامان سڙي رک ٿي، اطلاع

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

هوسڙي لڳ ڀائيٽي ڪهاڙيون هڻي چاچي کي مرٽينگ ڪري ڇڏيس، جوابدار گرفتار

ڳوٺ جاڙو پنهور ۾ زميني تڪرار تان طاهر پنهور ڪهاڙيون هڻي عبدالشڪور کي زخمي ڪيو

هوسڙي پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو، زخمي اسپتال منتقل

هوسڙي(رپورٽ مختيار علي وڪرو) حيدرآباد: هوسڙي ٿاڻي جي حد ۾ زميني تڪرار تان ڀائٽي هٿان چاچو ڪهاڙين جا وار ڪري مرٽينگ، جوابدار گرفتار هوسڙي: هوسڙي ٿاڻي جي حد لڳ ڳوٺ جاڙو پنهور ۾ زميني تڪرار تان ڀائٽي پنهنجي چاچي کي ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ شاگردياڻين جا والي بال، چڪ بال ۽ ڊاج بال مقابلا پڄاڻيءَ تي پهتا

ڊاج بال ۾ ٽنڊو آدم پهرين، شهيد بينظيرآباد ٻي ۽ اينڪر فائونڊيشن ٽيم ٽين پوزيشن حاصل ڪئي

رانديون سان صحت، همت ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ جو جذبو وڌي ٿو: ملڪ امام الدين شوقين

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ سرڪار جي راندين ۽ نوجوانن جي ڀلائي واري کاتي پاران ضلعي سانگهڙ جي راندين جي مقابلن 2026ع جي سلسلي ۾ ٽنڊو آدم جي مني اسپورٽس گرائونڊ تي نياڻين جي والي بال، چڪ بال ۽ ڊاج بال جا مقابلا ڪرايا ويا، مقابلن جي پڄاڻيءَ واري مرحلي ۾ والي بال

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي نفسيات شعبي طرفان ذهني صحت جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

"ماڻهن جي ڳالهه ٻڌو انهن جا تجربا سمجهو ۽ مثبت تبديلي آڻيو" تي ڪئمپ منعقد

نفسيات شعبي جي شاگردن وائيس چانسلر کي پنهنجي پروجيڪٽس بابت پريزنٽيشن ڏني

صحتمند معاشري لاءِ جسماني صحت سان گڏ ذهني صحت جي به اهميت آهي: وائيس چانسلر

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي نفسيات شعبي طرفان ذهني صحت جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ان موقعي تي شعبي طرفان "ماڻهن جي ڳالهه ٻڌو انهن جا تجربا سمجهو ۽ مثبت تبديلي آڻيو" جي موضوع تي ڪئمپ منعقد ڪئي وئي . سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري خصوصي مهمان طور شريڪ ٿي ڪئمپ جو افتتاح ڪيو ۽ شعبي جي شاگردن طرفان ذهني

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ووٽر آگاهي پروگرام کي خطاب ڪري رهيو آهي

مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو کي انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد پاران ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري عطا

اسلام آباد (اي پي پي) مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو کي عوامي خدمتن ادارتي ۽ سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ سندس اهم ڪردار تي انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد پاران سياسيات ۽ عالمي لاڳاپن ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري عطا ڪئي وئي آهي اربع ڏينهن مالديپ جي صدر کي پاڪستان جي دوري جي موقعي تي انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

وفاقي وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌري جي مرحوم شاگردياڻي لائبه اعجاز جي گهر آمد، گهرڀاتين سان تعزيت

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي محسن نقوي ۽ گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري وفاقي گاڏي واري هنڌ جي سيڪٽر جي 10 ۾ مرحوم شاگردياڻي لائبه اعجاز جي رهائش گاهه جو دورو ڪيو گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سوڳوار ڪٽنب سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو مرحوم جي درجن جي بلندي لاءِ فاتحه خواني ڪئي ۽ مغفرت جي دعا ڪئي ان موقعي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ، اترئين علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت ۾ موسم ٿڌي رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ، جڏهن ته اترئين علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت ۾ موسم ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي ملڪ جي اڪثر علائقن تي خشڪ هوائون موجود آهن. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهي، جڏهن ته اترئين علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ هڪ ڄڻو قتل، عورتن سميت 11 ڄڻا زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ هڪ ڄڻو قتل ٻن عورتن سميت 11 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. ڪالهه سر سيد ٿاڻي جي حد بلال ڪالوني ڪچي آبادي سيڪٽر 7 A ۾ واقع محمد شاهه قبرستان جي ويجهو گهريلو جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 37 سالن جو مجاهد خان پٽ امير خان قتل ٿي ويو آهي واقعي جو اطلاع ملندي پوليس پهچي مقتول جو

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.